ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 09 اپريل 2026ع 20 شوال المڪرم 1447 ھ صفحا 6 - ملھہ 30 وپيم شمارو (234)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

فيلڊ مارشل عاصم منير جنگبندي لاءِ ڪيترين ئي راتيون جاڳيو، ايراني ۽ آمريڪي قيادت سان رابطي ۾ رهيو: وزيراعظم

پاڪستان جي مستقل جنگبندي ۽ تڪرار جي حل لاءِ آمريڪا ۽ ايران کي سڀاڻي اسلام آباد ۾ ڳالهين جي دعوت

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو هڪ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ ايران-آمريڪا ڳالهين ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ تي فيلڊ مارشل جي تعريف ڪئي وئي

ڪابينا جي اجلاس ۾ سڀني ڪابينا ميمبرن کي مٺايون ڏنيون ويون، سڀاڻي شڪرگذاري جي ڏينهن طور ملهائڻ جو فيصلو قوم کي اپيل ڪئي وئي ته هو ڳالهين جي ڪاميابي لاءِ خاص دعائون ڪن

جنگ جي باهه تقريبن سڄي خطي کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي چڪي هئي ۽ سڄو خطو متاثر ٿيو هو، پر جنگ بندي جي ذريعي الله تعاليٰ پاڪستان کي عزت ۽ شان عطا ڪيو: وزيراعظم شهباز شريف

هي رب جي اڳيان سجدو ڪرڻ جو موقعو آهي، جنگ بندي فوري طور تي لاڳو ٿي وئي آهي، ٻنهي ملڪن جي قيادت جو شڪريو ادا ڪريون ٿا، هي قدم دانشمندي ۽ دور انديشي جو مظهر آهي

ايران ۽ آمريڪا جي وفدن کي جمعي، 10 اپريل 2026 تي اسلام آباد ۾ دعوت ڏني وئي آهي، ته جيئن سڀني تڪرارن جي آخري حل لاءِ وڌيڪ ڳالهيون ڪري سگهجن؛ وزيراعظم جون وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو هڪ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ ايران-آمريڪا ڳالهين ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ تي فيلڊ مارشل جي تعريف ڪئي وئي وزيراعظم چيو ته فيلڊ مارشل ڪيترين ئي راتيون جاڳيو جنهن ۾ هو ايراني ۽ آمريڪي قيادت سان رابطي ۾ رهيو وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ ميمبرن تاڙيون وڄائي وزيراعظم جو استقبال ڪيو ۽ ڪابينا جي اجلاس ۾ سڀني ڪابينا ميمبرن کي مٺايون ڏنيون ويون اجلاس دوران جمعي کي شڪرگذاري جي ڏينهن بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي ٿياڪڙي ڪامياب، آمريڪا ايران جنگبندي تي اتفاق، آبنائي هرمز به کولڻ جو اعلان

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاڪستان جي درخواست تي عمل ڪندي ايران تي وڏي حملي جي ڊيڊ لائن ۾ ٻه هفتا واڌ ڪري ڇڏي، ايران به پاڪستان جي تجويز مڃيندي عارضي جنگبندي تي راضي ٿي ويو

ايران خلاف امڪاني فوجي ڪارروائي کي ٻن هفتن لاءِ ملتوي ڪيو ويو آهي، ٻه طرفي جنگبندي لاڳو رهندي، فيصلو وزيراعظم، شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير سان ڳالهه ٻولهه کانپوءِ ڪيو ويو: صدر ٽرمپ

جنگبندي جا شرط اهي آهن ته ايران آبناءِ هرمز کي مڪمل ۽ محفوظ انداز ۾ کولڻ تي راضي ٿيندو، ان قدم جو مقصد خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ ڊگهي امن لاءِ رستو کولڻ آهي، آمريڪا سمورا فوجي هدف ماڻي چڪو آهي؛ صدر ٽرمپ

ٻن هفتن جي هيءُ مهلت حتمي معاهدي کي مڪمل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي، صورتحال اها آهي ته اصغر خان جو آمريڪي صدر طور ۽ وچ اوڀر جي ملڪن جي نمائندگي ڪندي ٽرمپ پراڻي مسئلي جي حل جي ويجهو پهچڻ هڪ اعزاز آهي

ايران سان ڊگهي مدي جي امن معاهدي جي حوالي سان اڳڀرائي ٿي چڪي آهي، ايران طرفان پيش ڪيل 10 نڪاتي منصوبي کي ڳالهين جي بنياد طور عمل جوڳو سمجهيو پيو وڃي، ايراني وزيراعظم جي پڻ اڳڀرائي جي تصديق

جيڪڏهن ڳالهيون سياسي ڪاميابي ۾ تبديل ٿيون ته ان کي تاريخي فتح سمجهيو ويندو نه ته جنگ جاري رهندي (ايران) ايراني سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي به سمورن فوجي يونٽس کي حملا نه ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ايران تي حملا روڪجي ويا ته ايران به حملا نه ڪندو، ايراني فوج سان رابطي ۾ رهندي آبناءِ هرمز مان ٻن هفتن تائين ٽرانزٽ ممڪن آهي، اسرائيل به عارضي جنگبندي تي اتفاق ڪري ورتو آهي؛ وائيٽ هائوس جو سينيئر عهديدار

واشنگٽن / تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان جي ڪوشش رنگ لاتو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاڪستان جي درخواست تي عمل ڪندي ايران تي وڏي حملي جي ڊيڊ لائن ۾ ٻه هفتا واڌ ڪري ڇڏي، ايران به پاڪستان جي تجويز مڃيندي عارضي جنگبندي تي راضي ٿي ويو سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ آمريڪي صدر چيو ته ايران خلاف امڪاني فوجي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ڪامياب ڳالهيون ڪري لکين انسانن جون جانيون بچائي ورتيون؛ صدر آصف زرداري

پاڪستان سدائين سچي نيت سان ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ نيڪ نيتي سان مسلسل ڪم ڪيو

واشنگٽن، تهران، اسلام آباد ۽ ٻين ملڪن خاص طور سعودي قيادت جي اڻٿڪ ڪوشش کي ساراهيون ٿا

جنگبندي هاڻي مستقل ڳالهه ٻولهه، اعتماد سازي جي قدمن ۽ پرامن حل جي واضع عزم ذريعي مستحڪم ڪرڻ گهرجي

ايران جي عوام پڻ ٿيڻ جيڪي ڏيکاريون ڪيون ۽ پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهيندي پاڪستاني عوام جي لاءِ نيڪ خواهش جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ اربع جي صبح ٿيندڙ جنگبندي جي آجيان ڪندي ان کي وقت سر قدم قرار ڏنو آهي جيڪو ڳالهه ٻولهه تحمل ۽ خطي ۾ مستحڪم بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

آمريڪا سان 10 نڪاتي ايجنڊا تي ڳالهين جو عمل سڀاڻي کان اسلام آباد ۾ شروع ٿيندو: ايران

گذريل 40 ڏينهن ۾ ايران جي عوام ۽ هٿيار بند فوج سخت مزاحمت جاري رکي ۽ جنگ جو اڪثر هدف حاصل ڪري چڪا آهيون: ايراني سپريم ڪائونسل

شروعات کان ئي فيصلو ڪيو هو ته جنگ ان وقت تائين جاري رهندي جيستائين ملڪ خلاف ڊگهي مدي وارو خطرو ختم نه ٿي وڃي

ڳالهيون جمعي ڏينهن کان اسلام آباد ۾ ٿينديون ته جيئن جنگ ۾ حاصل ٿيل ڪاميابين کي سياسي سطح تي به مضبوط ڪري سگهجي

تهران (اي پي پي) ايران تصديق ڪئي آهي ته آمريڪا سان هاڻي 10 نڪاتي ايجنڊا تي ڳالهين جو عمل سڀاڻي جمعي کان اسلام آباد ۾ شروع ٿيندو. جنهن ۾ ضرورت پوڻ تي وڌيڪ توسيع به ڪري بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير سان ڊيري ايسوسيئيشن جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت جي گڏيل ڪوشش سبب خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ٿي: جام ڪرم علي

جيڪي عنصر پاڪستان کي ڪمزور سمجهندا هئا، هاڻوڪي پيش رفت انهن جو اهو تاثر غلط ثابت ڪري ڇڏيو آهي

وزيراعظم ۽ آرمي چيف عالمي امن جي لاءِ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي اهو قابل تحسين آهي ۽ انهن کي نوبل امن انعام جو حقدار سمجهڻ گهرجي

مسئلن جو پائيدار حل صرف ڳالهين ذريعي ممڪن آهي، ۽ ڌرين جي وچ ۾ ڳالهين سان خطي ۾ استحڪام پيدا ٿيندو

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) اڳوڻو سينيٽر ۽ وفاقي وزير، پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو سينيئر اڳواڻ نواب جام ڪرم علي ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ امڪاني جنگبندي تي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: اڳوڻو وفاقي وزير نواب جام ڪرم علي خان پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪورنگي فوڊ اسٽريٽ کي قانوني قرار ڏئي ڇڏيو

ڪو ته آهي جيڪو عوام کي سٺي ۽ بهترين تفريحي سهولتون فراهم ڪري رهيو آهي: عدالت

اهو سٺو قدم آهي ته فوڊ اسٽريٽ ۾ 40 سيڪڙو اسٽال عورتن کي ڏنا ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪورنگي فوڊ اسٽريٽ خلاف آئيني درخواست عدالت فوڊ اسٽريٽ کي قانوني بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سڀاڻي جمعي کي شڪراني طور ملهائڻ جو اعلان

فيلڊ مارشل عاصم منير لاءِ پڻ ڪابينا ميمبرن تاڙيون وڄايون

فيلڊ مارشل سيد ۽ نائب وزيراعظم جون ڪوششون ساراهه جوڳيون قرار

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اهم اجلاس ٿيو وفاقي ڪابينا بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

جنگبندي ۾ اڳڀرائي خطي ۾ ڊگهي مدي واري استحڪام ۽ خوشحالي جو سبب بڻجندي: شرجيل انعام

دنيا کي تباهي نه، پر ڳالهه ٻولهه جي ضرورت آهي؛ جنگ نه، پر دانائي سان ئي مسئلن جو حل نڪري سگهي ٿو

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگبندي کي امن ڏانهن هڪ خوش آئند قدم آهي، جنگبندي وارين ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگبندي کي امن ڏانهن هڪ خوش آئند قدم قرار ڏيندي سڀني بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

لاهور: لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چيف جسٽس عاليه نيلم ترڪي جي آئيني عدالت جي صدر کي گلدستو ڏئي رهي آهي

عامر قتل ڪيس جوابدار ارمغان عدالت تي عدم اعتماد جي هڪ ٻي درخواست جمع ڪرائي ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) دهشتگردي جي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ملي يڪجهتي ڪائونسل سنڌ پاران جمع تي يوم تشڪر ملهائڻ جو اعلان

ايران آمريڪا ۽ اسرائيل جي غرور کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو آهي: مولانا اسدالله ڀٽو

اهو پڻ ثابت ٿي ويو آهي ته مزاحمت ۾ زندگي آهي، خاموشي موت آهي

پاڪستان مسلم امت ۾ وڏي ڀاءُ جو ڪردار ادا ڪيو آهي انتشار کان بچڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملي يڪجهتي ڪائونسل سنڌ جو اجلاس اربع ڏينهن جماعت اسلامي جي ميزباني هيٺ ادارہ نور بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج جي حڪمت عملي سبب خطي کي تباهي کان بچايو ويو آهي: سردار رحيم

پير پاڳاري جو نعرو "متحد سنڌ، مضبوط پاڪستان" ملڪ جي استحڪام جو اصل بنياد آهي

فنڪشنل مسلم ليگ جلد ئي جعلي حڪومت کان عوام کي آزاد ڪرائي ڇڏيندي

مختلف سياسي ۽ مذهبي جماعتن جا ڪارڪن پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ۾ شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ملير سٽي علائقي ۾ پوليس اهلڪارن تي تشدد

تشدد ۾ ملوث رحيم عرف شوٽر، سڪندر ۽ ارشد کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر جي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اطلاعات تائين رسائي واري قانون تي عملدرآمد جو ڪيس ٻه رڪني آئيني بينچ پاران ٻڌڻ کان انڪار

هي ڪيس هن بينچ جي ٻنهي ميمبرن مان ڪنهن به اڳيان پيش نه ڪيو وڃي، نئين بينچ جوڙي وڃي: رمارڪس

درخواست داخل ڪئي 4 سال گذري چڪا آهن قانون جي سيڪشن ڇهه تحت سڀني کاتن لاءِ معلومات عوام آڏو پيش ڪرڻ لازمي آهي: درخواستگذار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ اطلاعات تائين رسائي واري قانون تي عملدرآمد جو ڪيس ٻه رڪني آئيني بينچ جي سربراهه جسٽس يوسف سعيد ۽ جسٽس عثمان علي هادي ٻڌڻي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هي ڪيس ايندڙ بينچ جي ٻنهي ميمبرن مان ڪنهن به اڳيان پيش نه ڪيو وڃي، جڏهن نئين بينچ جي جوڙجڪ لاءِ معاملو چيف جسٽس ڏانهن اماڻڻ جي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پشاور: برساتي پاڻي جي خطرناڪ وهڪري سان ماڻهو گذري رهيا آهن

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف وفاقي ڪابينا جي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

پاڪستاني قيادت جي سفارتي ڪاميابين کي سلام پيش ڪرڻ گهرجي: مراد علي شاهه

صدر زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جون ڪوششون قابل ستائش آهن

پاڪستان هميشه خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ مثبت ۽ ذميوارانه ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي

هي سفارتي پيش رفت عالمي سطح تي ملڪ جي ساک کي مضبوط ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ٿيل جنگبندي کي خوش آئند قرار ڏيندي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ 366000 ننڍن آبادگارن جي مدد لاءِ 3 ارب رپين جي سبسڊي منظور

سبسڊي جو مقصد ڪڻڪ جي لاباري جي موسم دوران ڊيزل جي وڌندڙ قيمتن جي اثرن جو ازالو ڪرڻ آهي

سبسڊي انهن اهل هارين کي ملندي جن وٽ 1 کان 25 ايڪڙ زمين آهي ته جيئن ٿريشنگ ۽ هارويسٽنگ لاءِ ڊيزل جي خرچن ۾ سڌي مدد ٿي سگهي

ننڍا آبادگار معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي آهن، ڪين سهڪار ڏيڻ لاءِ پرعزم آهيون ته جيئن اهي بنا ڪنهن مالي دٻاءُ جي پنهنجو ڪم جاري رکن؛ وڏو وزير

چاهي اهي ٽرانسپورٽر هجن، هاري هجن يا روزاني جا مسافر، اسان جو ڌيان ان ڳالهه تي آهي ته رليف انهن تائين پهچي جن کي ان جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي پبلڪ ٽرانسپورٽ لاءِ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عطاالله تارڙ وفاقي وزير عليم خان سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

نيشنل پارٽي جو اڳوڻو مرڪزي اڳواڻ حسن ناصر گذاري ويو

هو ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ اعزاز نظير جو فرزند هو

هن ملڪ ۾ ترقي پسند سياست ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ اعزاز نظير جو فرزند ۽ نيشنل پارٽي جو اڳوڻو مرڪزي اڳواڻ حسن بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

شهري معاملن ۾ نوجوانن جي شموليت سان بهتر فيصلا ٿي سگهن ٿا: سلمان مراد

پ پ هميشه نوجوانن جي اهميت کي اوليت ڏني آهي ۽ انهن جي حوصلا افزائي ڪئي آهي

بلديه عظميٰ ڪراچي جا دروازا تعليمي ادارن جي شاگردن لاءِ هميشه کليل رکيا ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد چيو ته نوجوان اسان جو مستقبل آهن انهن جي بهتر تعليم ۽ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

گڏاپ ٽائون جون يو سيز ايس ايس ڊبليو ايم بي جي آپريشنل ايراضي ۾ شامل

ڪنهن به صورت ۾ عوام کي سهولتن کان محروم ٿيڻ نه ڏينداسين: طارق عزيز

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ پنهنجي سمورين صلاحيتن استعمال ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پ پ هميشه عوامي ڀلائي لاءِ عملي قدم کنيا آهن: ڪرم الله وقاصي

سخي حسن اسٽريٽ جي بحالي ڪراچي جي ترقي ڏانهن هڪ اهم قدم آهي

35ارب رپين جو پيڪيج مهيا ڪيو ويو آهي ته جيئن عوام تي گهٽ ۾ گهٽ بار پوي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي جي ترجمان ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي پارلياماني بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ايران جي ڪاميابي دراصل دنيا جي مظلومن جي ڪاميابي آهي: علامه شهنشاهه نقوي

جنگ دوران آمريڪا ۽ اسرائيل ايران خلاف پنهنجا هدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا

پاڪستان هن عارضي جنگبندي کي مستقل امن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ فعال ڪردار ادا ڪري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جعفريه الائنس پاڪستان جي صدر علامه شهنشاهه حسين نقوي ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ٿيل تازو بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

تاج حيدر مرحوم نه رڳو هڪ سچو جيالو هو پر هڪ سنجيده مفڪر پڻ هو: بلاول ڀٽو

سينيٽر تاج حيدر آزمائش جي وقت هميشه ثابت قدم رهيا ۽ هر حال ۾ اصولن جي پاسداري ڪئي

سندن زندگي جمهوري قدرن سان غير متزلزل وابستگي جي عڪاس رهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلاول ڀٽو زرداري پيپلز پارٽي جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل تاج حيدر جي ورسي جي موقعي تي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني ڪريول مارٽ نمائش دوران هڪ اسٽال ڏسي رهيو آهي

ڪراچي ۾ پوليس مقابلن ۾ مبينا ڦورو مارجي ويو ۽ 5 ٻيا زخمي حالت ۾ گرفتار

ابراهيم حيدري پوليس ريڙهي روڊ اڪبر شاهه چڙهائي ويجهو هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو، سچائٽ يونس جي نالي سان ٿي

سعيد آباد پوليس سيڪٽر 4 اي ۾ هڪ ڪارروائي دوران ڦورو کي مبينا مقابلي ۾ ماري ڇڏيو، سندس هڪ ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

اسٽيل ٽائون پوليس ٽيليفون ايڪسچينج جي ويجهو هڪ مبينا مقابلي کان پوءِ ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس مقابلن جي بعد مبينا ڦورو کي ماري ڇڏيو ۽ 5 ٻين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو گرفتار ۽ مارجي ويل جوابدارن کان هٿيار موبائل فون نقد رقم ۽ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جا مصر، مراڪش، سعودي عرب، ترڪي، قطر جي پرڏيهي وزيرن سان رابطا

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار مصر جي پرڏيهي وزير بدر عبدالعاطي سان گذريل رات ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

نائب وزيراعظم وزيراعظم خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ لاءِ پاڪستان طرفان جاري سفارتي ڪوششن کان هم منصب کي آگاهه ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار مصر جي پرڏيهي وزير بدر عبدالعاطي سان گذريل رات ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

آمريڪا-ايران جنگبندي کي يقيني بڻائڻ تي وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير کي مبارڪون ڏنيون

اسلام آباد (اي پي پي) توانائي واري وفاقي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ پاران پي ٽي آءِ باني جي بدنامي ڪيس ۾ نظرثاني درخواستن تي فيصلو محفوظ

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ ۾ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

لاهور: ترڪي جي آئيني عدالت جو صدر لاهور ميوزيم جو دورو ڪري رهيو آهي

عالمي بحران کي ٽارڻ ۾ شهباز شريف، عاصم منير ۽ اسحاق ڊار جو اهم ڪردار آهي: نواز شريف

ن ليگ جي قائد جنگبندي ۾ پاڪستان جي بهترين سفارتڪاري تي وزيراعظم، فيلڊ مارشل ۽ پرڏيهي وزير کي مبارڪباد ڏني

هڪ وڏي عالمي بحران کي ٽارڻ، ايران ۽ آمريڪا ۾ جنگبندي کي ممڪن بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو: خراج تحسين پيش

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ن ليگ قائد نواز شريف جنگبندي ۾ پاڪستان جي بهترين سفارتڪاري تي وزيراعظم فيلڊ مارشل ۽ پرڏيهي وزير کي مبارڪباد ڏني آهي ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ نواز شريف چيو ته شهباز شريف، اسحاق ڊار ۽ سيد بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

چين، سعودي عرب، ترڪي، مصر ۽ قطر سميت ٻين ملڪن جا ٿورائتا آهيون: صدر

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران ايران جي صدر سان رابطو، جنگبندي جي معاهدي باوجود امن ۾ خلل وجهڻ تي ڳڻتي

ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پيز شڪيان عارضي جنگبندي لاءِ قيادت جي ڪوشش کي ساراهي ٿو

ايران اسلام آباد ۾ ڳالهه ٻولهه ۾ شرڪت ڪندو ٻنهي اڳواڻن گڏيل رابطي ۾ رهڻ تي پڻ اتفاق ڪيو

پاڪستان پاران اسلام آباد ۾ هن هفتي جي آخر ۾ امن ڳالهه ٻولهه جي ميزباني جي آڇ قبول ڪري ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پيز شڪيان عارضي جنگبندي جي لاءِ پاڪستاني قيادت جي ڪوشش کي ساراهيندي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ۾ پنهنجي شرڪت جي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال گڏجاڻي ۾ ڳالهائي رهيو آهي

گرفتار اڳوڻي سب رجسٽرار عمران الحق جي ضمانت منظور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي اينٽي ڪرپشن عدالت جعلي ملڪيتن جا ڪاغذ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

چين طرفان آمريڪا ايران جنگبنديءَ جي آجيان

بيجنگ (اي پي پي) چين آمريڪا ايران جنگبنديءَ جي آجيان ڪئي آهي پرڏيهي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

جنگبندي جي اعلان بعد عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ 15 سيڪڙو جي لاٿ

برينٽ ڪروڊ جي قيمت 14.4 سيڪڙو جي لاٿ سان 93.48 ڊالر في بيرل تي وئي: پرڏيهي ميڊيا

آمريڪي خام تيل جي قيمت به 14.7 سيڪڙو جي گهٽتائي بعد 96.27 ڊالر في بيرل تي وئي

جيڪڏهن ايران خلاف حملا بند ڪيا ويا ته اسان به ٻن هفتن جي جنگ بندي قبول ڪئي آهي؛ ايران جي سپريم سيڪيورٽي ڪائونسل

لنڊن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ايران سان جنگ بندي جي اعلان کان پوءِ عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگبندي پاڪستان لاءِ وڏي سفارتي سوڀ قرار

پاڪستان ۾ برطانيه هاءِ ڪمشنر ۽ نيوزيلينڊ جي پرڏيهي وزير سان اتفاق

فيلڊ مارشل جي خطي ۾ جنگ جي خاتمي لاءِ ڪوششون ڪامياب قرار ڏنيون ويون

لنڊن (اي پي پي) سڄي دنيا ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگبندي ۾ پاڪستان جي ڪردار کي ساراهيو پيو وڃي ۽ ان کي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان گلگت بلتستان جو وقتي وڏو وزير ملاقات ڪري رهيو آهي

لبنان جي شهر صيدا تي اسرائيلي فضائي حملا، 8 ڄڻا شهيد، 22 زخمي

اسرائيلي فضائي حملي ۾ 8 شهري شهيد ۽ 22 زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

بيروت (اي پي پي) لبنان جي شهر صيدا تي اسرائيلي فضائي حملن ۾ 8 ڄڻا شهيد ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا موجب لبنان جي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ٽرانسپورٽرن ۽ ڪاروباري برادري گورنر سنڌ جي درخواست تي هڙتال جي ڪال ملتوي ڪري ڇڏي

ڪاروباري برادري ۽ ٽرانسپورٽرن سان ڳالهيون ڪيون آهن، پيٽروليم شين جي قيمتن ۽ مارڪيٽ جي وقت ۾ واڌ تي واپارين جا خدشا ٻڌا آهن: گورنر

اڄ هڙتال جو فيصلو ڪيو ويو هو، قومي ۽ علائقائي صورتحال ۽ سنڌ جي گورنر جي يقين ڏيارڻ سبب هڙتال ملتوي ڪئي وئي: ملڪ شهزاد اعوان

واپارين 48 ڪلاڪن اندر هڙتال جو اعلان ڪيو هو، موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي واپارين هڙتال ملتوي ڪئي آهي: رضوان عرفان

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) گورنر سنڌ سيد نهال هاشمي جي صدارت ۾ گورنر هائوس ۾ ٽرانسپورٽرن ايسوسيئيشن جي وفد ۽ آل ڪراچي تاجر ايسوسيئيشن جي وفد جي ڌار ڌار اجلاس ۾ ٽرانسپورٽرن ۽ ڪاروباري برادري گورنر سنڌ جي درخواست تي هڙتال جي ڪال ملتوي ڪري ڇڏي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر نهال هاشمي سان واپارين ۽ ٽرانسپورٽرن جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ايران جي بحران نيٽو ۽ يورپي يونين جي ڪمزوري ظاهر ڪري ڇڏي: روس

ماسڪو (اي پي پي) روس چيو آهي ته وچ اوڀر جي تڪرار نيٽو، يورپي يونين ۽ برطانيه جي ڪمزوري ۽ ان جي حڪمت عمليءَ جي خامين کي بي نقاب ڪري بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ برسات سبب روڊن کي ٿيل نقصان جو مرمتي ڪم ترت مڪمل ڪيو وڃي؛ ناصر شاهه

صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه اربع جي ڏينهن شهر جي مختلف علائقن جو هنگامي ۽ تفصيلي دورو ڪيو

هن جناح ايونيو ۽ طارق روڊ تي روڊ جي ويهجي وڃڻ وارن واقعن جو سخت نوٽيس وٺندي هن متاثر هنڌن جو موقعي تي جائزو ورتو

برساتي پاڻي جي وقت سر نيڪالي نه ٿيڻ ۽ زيرزمين پاڻي جي ڪمزوري سبب روڊ متاثر ٿيا، هنگامي بنيادن تي مرمتي ڪم شروع ڪيا ويا آهن: بريفنگ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه اربع جي ڏينهن شهر جي مختلف علائقن جو هنگامي ۽ تفصيلي دورو ڪيو جنهن دوران بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ايف آءِ اي جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل پاران اينٽي مني لانڊرنگ سرڪل ڪراچي جو اوچتو دورو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فيڊرل بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پاران سعودي عرب سان ڊرون حملن تي ڳڻتي جو اظهار

پاڪستان حملن جي نتيجي ۾ ٿيل جاني نقصان تي ڏک ڪيو آهي: پرڏيهي وزارت

پاڪستان سعودي عرب جي سلامتي جي لاءِ پنهنجي اڻ ٽٽ حمايت جو ورجاءُ ڪري ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سعودي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن پاران آمريڪي صدر جو "سموري تهذيب مٽائڻ" جي بيان جي مذمت

ولڪر ترڪ پنهنجي بيان ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان ايران خلاف ڏنل تازي بيان کي ڇاپڻ لاءِ ڏنو

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي انساني حقن بابت سربراهه وولڪر ترڪ آمريڪا طرفان " سموري تهذيب کي مٽائڻ " جي ڏنل ڌمڪي واري بيان بازي جي شديد مذمت ڪئي آهي . پرڏيهي ميڊيا مطابق وولڪر ترڪ پنهنجي بيان ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان ايران بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صنفي فرق ختم ڪرڻ بابت اسپيشل ڪميٽي جي اجلاس ۾ ايم اين اي نفيسه شاهه ڳالهائي رهي آهي

جنگبندي ڪرائڻ ۾ پاڪستان جو ٿياڪڙي وارو ڪردار انتهائي قابل تعريف آهي: سليم بلوچ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ جي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ڳوٺاڻي ترقي بابت صلاحڪار محمد سليم بلوچ ايران ۽ بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪارروائي کي ٻن هفتن لاءِ ملتوي ڪيو ويو آهي ۽ اُن دوران ٻه طرفي جنگبندي لاڳو رهندي. هن چيو ته اهو فيصلو پاڪستاني وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير سان ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ ڪيو ويو جن ايران خلاف ڪارروائي ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي. سندس چوڻ هو جنگبندي جا شرط آهي آهن ته ايران آبناءِ هرمز کي مڪمل ۽ محفوظ انداز ۾ کولڻ تي راضي ٿيندو. اُن قدم جو مقصد خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ ڊگهي امن لاءِ رستو کولڻ آهي. ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته آمريڪا پنهنجا سمورا فوجي هدف ساڌي چڪو آهي ۽ ايران سان ڊگهي مدي جي امن معاهدي جي حوالي سان اڳڀرائي ٿي چڪي آهي. ايران طرفان پيش ڪيل 10 نڪاتي منصوبي کي ڳالهين جي بنياد طور عمل جوڳو سمجهيو پيو وڃي. ٻن هفتن جي هيءَ مهلت حتمي معاهدي کي مڪمل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي. هن چيو ته آمريڪي صدر طور ۽ وچ اوڀر جي ملڪن جي نمائندگي ڪندي هن پراڻي مسئلي جي حل جي ويجهو پهچڻ هڪ اعزاز آهي. اميد ته جلد خطي ۾ پائيدار امن قائم ٿي ويندو. هوڏانهن ايراني سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي ٻه سمورن فوجي يونٽس کي حملا نه ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ۽ اهو واضح ڪيو آهي ته هي جنگ جو خاتمو نه عارضي وقفو آهي. ايراني اختيارين جنگبندي کي دشمن جي جنگ جي ميدان ۾ ناڪامي قرار ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن ڳالهيون سياسي ڪاميابي ۾ تبديل ٿيون ته اُن کي تاريخي فتح سمجهيو ويندو نه ته جنگ جاري رهندي. ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو ته ايران تي حملا رڪجي ويا ته ايران ٻه حملا نه ڪندو. ايراني فوج سان رابطي ۾ رهندي آبناءِ هرمز سان ٻن هفتن تائين ٽرانزٽ ممڪن آهي. ٻئي پاسي وائيٽ هائوس جي عهديدار چيو آهي ته اسرائيل ٻه عارضي جنگبندي تي اتفاق ڪري ورتو آهي.

ماحول جي لاءِ رستو فراهم ڪري ٿو. ايران صدر جي پريس ونگ موجب صدر چيو ته پاڪستان سدائين سچي نيت سان ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ نيڪ نيتي سان مسلسل ڪم ڪيو جڏهن دنيا هڪ سنگين تباهي جي ويجهو هو اسان اهو قدم خطي ۽ پوري انسانيت جي ڀلائي لاءِ کنيو. صدر چيو ته امن سلامتي، اقتصادي استحڪام ۽ پاڻ ۾ ڳنڍيل خطن ۾ ماڻهن جي ڀلائي جي لاءِ ضروري آهي. هن چيو ته پاڪستان کي دانشمندي، عزم ۽ امن جي لاءِ ثابت قدمي سان قيادت ڪرڻ تي فخر آهي. صدر ايران ۽ آمريڪا جي قيادت کي ساراهيو ته انهن ٽڪراءَ بدران ڳالهه ٻولهه کي ترجيح ڏني. هن واشنگٽن، تهران، اسلام آباد ۽ نار ملڪن خاص طور تي سعودي عرب جي قيادت جي انٿڪ ڪوشش کي ساراهيو جنهن سان ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ سفارتڪاري جي لاءِ رستو کليو. صدر وزيراعظم محمد شهباز شريف، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي انٿڪ ڪوشش کي پڻ ساراهيو. هن چيو ته انهن اڳواڻن جي وقت سر ڪوشش، قيادت ۽ مسلسل سفارتي رابطن خطي ۾ ڇڪتاڻ جي خاتمي ۽ امن جي فروغ جي لاءِ پاڪستان جي ڪوشش کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. صدر اُن مفاهمت تائين پهچڻ ۾ شامل سمورين ڌرين پاران حقيقت پسندي، لچڪ ۽ مدبراڻي طرز عمل جي مظاهري کي ساراهيو. هن چيو ته اهڙي نوعيت جي مثبت نتيجن جي لاءِ مضبوط سياسي عزم ۽ ڇڪتاڻ بدران ڳالهه ٻولهه کي ترجيح ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي. هن ڀائر ملڪن جا پڻ ٿورا ادا ڪيا جن ۾ چين، سعودي عرب، ترڪيه، قطر، مصر ۽ ٻيا جي سي سي ملڪ شامل آهن انهن مشڪل وقت ۾ تحمل، ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ ڳالهه ٻولهه جي فروغ جي لاءِ تعميري ڪردار ادا ڪيو صدر چيو ته سڄي دنيا جي عوام جي دعائن ۽ نيڪ خواهشن امن جي لاءِ هڪ ڳنڍيل انساني خواهش جي عڪاسي ڪئي آهي. اهو ڳنڍيل آواز اهميت رکي ٿو ۽ اُن سان اڳواڻن کي ذميواراڻي فيصلن طرف رهنمائي ڪندي رهڻ گهرجي صدر ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جنگبندي خطي جي لاءِ هڪ اهم موقعو فراهم ڪري ٿي ته جيئن اهي سُک جو ساهه کڻي بحالي طرف وڌي ۽ هڪ وسيع تر جنگ جي خطري جي ڇانئو مان ٻاهر نڪري سگهي. هن اُن ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته جنگبندي کي هاڻي مستقل ڳالهه ٻولهه، اعتماد سازي جي قدمن ۽ پرامن حل جي واضح عزم جي ذريعي مستحڪم ڪرڻ گهرجي صدر اُن ڳالهه کي ورجايو ته پاڪستان امن، استحڪام ۽ ڳنڍيل احترام جي فروغ جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش جي حمايت جاري رکندو.

سگهجي ٿي. پرڏيهي ميڊيا مطابق ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل پنهنجي تازي بيان ۾ چيو ته گذريل 40 ڏينهن ۾ ايران جي عوام ۽ هٿيار بند فوج سخت مزاحمت جاري رکي ۽ جنگ جو اڪثر هدف حاصل ڪري چڪا آهيون بيان ۾ ايران شروعات کان ئي فيصلو ڪيو هو ته جنگ اُن وقت تائين جاري رهندي جيستائين ملڪ خلاف ڊگهي مدي وارو خطرو ختم نه ٿي وڃي بيان ۾ چيو ويو ته ايران آمريڪي صدر طرفان ڏنل ڪيترين ئي ڊيڊ لائينز کي رد ڪيو. سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل مطابق هاڻي جڏهن ايران کي ميدان جنگ ۾ برتري حاصل آهي ۽ آمريڪا سندن اڪثر مطالبا تسليم ڪري چڪو آهي، ان لاءِ فيصلو ڪيو ويو آهي ته ڳالهيون جمعي ڏينهن کان اسلام آباد ۾ ٿينديون ته جيئن جنگ ۾ حاصل ٿيل ڪاميابين کي سياسي سطح تي به مضبوط ڪري سگهجي. بيان مطابق اهي ڳالهيون 15 ڏينهن جاري رهنديون ۽ ضرورت پوڻ تي اُن مدي ۾ توسيع به ممڪن آهي. بيان ۾ چيو ويو ته ايران پنهنجو 10 نڪاتي منصوبو آمريڪا کي پاڪستان ذريعي پيش ڪيو آهي جنهن ۾ آبناءِ هرمز وٽان ڪنٽرولڊ گذرگاهه، خطي ۾ مزاحمتي گروپن خلاف جنگ جو خاتمو، آمريڪي فوج جي واپسي، ايران کي پهتل نقصان جو ازالو، سمورين پابندين جو خاتمو، منجمد اثاثن جي بحالي ۽ سمورن معاملن جي سلامتي ڪائونسل جي هڪ قرارداد ذريعي توثيق شامل آهي.

وزيراعظم شهباز شريف ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير کي واڌايون ڏيندي ان کي پاڪستان جي سفارتي ڪاميابي قرار ڏنو آهي. پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت جي ڳنڍيل ڪوشش سبب خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ٿي ۽ دنيا کي امن جو مثبت پيغام مليو آهي. هن جو چوڻ هو ته جيڪي عنصر پاڪستان کي ڪمزور سمجهندا هئا، هاڻوڪي پيش رفت انهن جو اهو تاثر غلط ثابت ڪري ڇڏيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان هڪ مضبوط ۽ خودمختيار اسلامي رياست آهي ۽ الله تعاليٰ جو اُن تي خاص ڪرم آهي. هن ايراني عوام جي بهادري کي به ساراهيو جن ڏکين حالتن ۾ همت جو مظاهرو ڪيو. نواب جام ڪرم علي خان چيو ته وزيراعظم ۽ آرمي چيف عالمي امن جي فروغ لاءِ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي اهو قابل تحسين آهي ۽ انهن کي نوبل امن انعام جو حقدار سمجهڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته مسئلن جو پائيدار حل صرف ڳالهين ذريعي ممڪن آهي ۽ ڌرين جي وچ ۾ ڳالهين سان خطي ۾ استحڪام پيدا ٿيندو.

قرار ڏيندي درخواست خارج ڪري ڇڏي ڪورنگي فوڊ اسٽريٽ خلاف درخواست لئيق ڪوهستاني ايڊووڪيٽ داخل ڪئي هئي درخواست ۾ حڪومت سنڌ ۽ چيئرمين ڪورنگي کي ڌر بڻايو ويو هو. ڪورنگي ٽائون جي طرفان بيرسٽر فهد فاروق ۽ بيرسٽر جهانگير ڪلهوڙو پيش ٿيا بيرسٽر فهد فاروق عدالت کي ٻڌايو ته فوڊ اسٽريٽ 2006 ۾ ڊي ايم سي قائم ڪئي هئي، 2021 کان 2023 دوران ٽائون ٺهڻ وقت قبضا مافيا هن جاءِ تي قبضو ڪري ڇڏيو هو ڪي ايم سي جي وڪيل چيو ته 2023 ۾ ٽائون چيئرمين ڪورنگي نعيم شيخ سنڌ هاءِ ڪورٽ ذريعي قبضو ختم ڪرايو ۽ 2025 ۾ ٻيهر هتي جديد فوڊ اسٽريٽ قائم ڪئي. فوڊ اسٽريٽ ۾ 40 سيڪڙو اسٽال عورتن لاءِ مختص ڪيا ويا آهن بيرسٽر فهد فاروق چيو ته ڪراچي ۾ زمينن تي قبضا ڪري پلازا تعمير ڪيا ويندا آهن. جڏهن ته هتي ٽائون انتظاميه عوام لاءِ فوڊ اسٽريٽ قائم ڪئي آهي عدالت چيو ته هتي ڪو ته آهي جيڪو عوام جي ڀلائي ۽ ڪين سٽي ۽ بهترين تفريحي سهولتون فراهم ڪري رهيو آهي اهو سٺو قدم آهي ته فوڊ اسٽريٽ ۾ 40 سيڪڙو اسٽال عورتن کي ڏنا ويا آهن هي جاءِ ڪي ايم سي ڪورنگي جي ملڪيت آهي. نعيم شيخ ٽائون چيئرمين ٻڌايو ته فوڊ اسٽريٽ جو انتظام اڳ ۾ ٽائون وٽ هو ۽ مستقبل ۾ به سمورو انتظام ٽائون انتظاميه ئي سنڀاليندي.

جي اجلاس ۾ ميمبرن تاڙيون وڄائي وزيراعظم جي آجيان ڪئي اجلاس دوران سمورن ڪابينا ميمبرن کي مٺائي کارائي وئي ذريعن موجب جمعي کي شڪراني جي ڏينهن طور ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو قوم کي ڳالهين جي ڪاميابي لاءِ خاص دعائون ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي ذريعن ٻڌايو ته وزيراعظم فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ڪوشش کي خراج تحسين پيش ڪيو. فيلڊ مارشل عاصم منير لاءِ پڻ ڪابينا ميمبرن تاڙيون وڄايون جڏهن ته ميمبرن وزيراعظم کي به واڌايون ڏنيون. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جو وقار دنيا ۾ بلند ٿيو آهي. فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن شهباز شريف چيو ته الله پاڪستان جو وقار بلند ڪيو آهي. جنگ بندي جو پهريون مرحلو ڪاميابي سان مڪمل ٿيو آهي جمعي ڏينهن ڳالهين جو ايندڙ مرحلو به ڪامياب ٿيندو.

ڌرين طرفان فوري جنگبندي ڪرائڻ وارين ڪوشش جي ساراهه ڪئي آهي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته دنيا کي تباهي نه پر ڳالهه ٻولهه جي ضرورت آهي، جنگ نه پر دانائي سان ئي مسئلن جو حل نڪري سگهي ٿو هن چيو ته جنگبندي ۾ اڳڀرائي خطي ۾ ڊگهي مدي واري استحڪام ۽ خوشحالي جو سبب بڻجندي.

حق ۾ صوبائي صدر ۽ اڳوڻي ميمبر قومي اسيمبلي مولانا اسدالله ڀٽو جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ ڪائونسل ۾ شامل پارٽين جي اڳواڻن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ آمريڪا جي شڪست ۽ پاڪستان جي شاندار سفارتڪاري تي جمعي ڏينهن سڄي سنڌ ۾ يوم تشڪر ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو جڏهن ته عرب ملڪن کان آمريڪي اڏا بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو صوبائي صدر اسدالله ڀٽو اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته ايران آمريڪا ۽ اسرائيل جي غرور کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو آهي اهو پڻ ثابت ٿي ويو آهي ته مزاحمت ۾ زندگي آهي خاموشي موت آهي ايراني قيادت ۽ قوم 6 هفتن جي جنگ ۾ شهادت ۽ وڏي مالي نقصان جي باوجود جيڪا همت ۽ ثابت قدمي ڏيکاري آهي اها ناقابل فراموش آهي ايران-آمريڪا جنگ بندي سان دنيا هڪ وڏي آفت کان بچي وئي آهي سپر پاور صرف خدا آهي مسلم امت کي سامراجي سازشن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ مستقبل ۾ اتحاد ۽ يڪجهتي جو مظاهرو جاري رکڻ گهرجي هي شيعه-سني مسئلو ناهي پر ظالم ۽ مظلوم جي جنگ آهي پاڪستان مسلم امت ۾ وڏي ڀاءُ جو ڪردار ادا ڪيو آهي. پاڪستان کي مستقبل ۾ به وڏا فيصلا ڪرڻ جو شرف حاصل هوندو انتشار کان بچڻ گهرجي مسلمانن ۾ اتحاد هر ڪنهن جي ذميواري آهي هن زور ڏنو ته ملڪ جي نظام کي قرآن ۽ سنت مطابق هلائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي به ضرورت آهي صوبائي جنرل سيڪريٽري علامه قاضي احمد نوراني چيو ته هن جنگ مسلم امت مان فرق واريت کي ختم ڪري امت جي اتحاد جي تصور کي اجاگر ڪيو آهي اسان سعودي عرب، مصر، ترڪي، قطر ۽ ٻين ملڪن کي به خراج تحسين پيش ڪريون ٿا جن جي برداشت ۽ ڪوشش هن جنگ کي ختم ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو سڄي دنيا جي آزادي پسند ماڻهن مظلومن جو ساٿ ڏنو آهي اجلاس ۾ علامه جعفر سبحاني، مفتي اعجاز مصطفيٰ، سيد عقيل انجم قادري، محمد حسين محنتي، ڊاڪٽر صابر ابو مريم، مجاهد چنا، علامه عبدالمجيد فاروقي، ممتاز رضا سيال، مولانا عبدالقدوس احمداڻي، مولانا عارف رشيد، مولانا ثقلين اسحاق، سيد مظهر حسين زيدي، شيخ سجاد حسين خاتمي ۽ ٻين شرڪت ڪئي آخر ۾ پاڪستان جي سلامتي، ترقي ۽ استحڪام ۽ اسلامي دنيا جي اتحاد ۽ يڪجهتي لاءِ خاص دعا گهري وئي.

ليگ فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم چيو آهي ته پير صاحب پاڳارا جو نعرو "متحد سنڌ، مضبوط پاڪستان" ملڪ جي ترقي ۽ استحڪام جو اصل بنياد آهي. هن وڌيڪ چيو ت فنڪشنل ليگ جي سياست عوام کي جوڙڻ، مسئلا حل ڪرڻ ۽ پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ جي سياست آهي. جنهن سبب ڪراچي سميت ملڪ جي مختلف حصن مان ماڻهو تيزي سان فنڪشنل ليگ ۾ شامل ٿي رهيا آهن.سردار عبدالرحيم الزام هنيو ته فارم 47 وارن حڪمرانن ڪراچي کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. جتي عوام وٽ پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ بنيادي سهولتون موجود نه آهن. جڏهن ته فنڪشنل ليگ جلد ئي جعلي حڪومت کان عوام کي آزاد ڪرائي ڇڏيندي. هن ايران ۽ آمريڪا جي جنگبندي کي خوش آئند قرار ڏيندي چيو ته ٽرمپ دنيا کي تباهه ڪرڻ چاهي ٿو پاڪستاني فوج جي حڪمت عملي سبب خطي کي وڏي تباهي کان بچايو ويو آهي. اربع جي ڏينهن فنڪشنل ليگ هائوس ڪلفٽن ۾ مختلف سياسي ۽ مذهبي جماعتن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ۾ شموليت جي موقع تي ميڊيا سان ڳالهيون ڪندي، سردار عبدالرحيم چيو ت پيپلزپارٽي، ايم ڪيو ايم، جماعت علماءِ پاڪستان، سني تحريڪ، ڪراچي نوجوان پارٽي سميت مختلف سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتن فنڪشنل ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو آهي. شموليت ڪندڙن ۾ جماعت علماءِ پاڪستان جا اڳوڻا اڳواڻ انور عظيم طارق انصاري (سابق سيڪٽر انچارج ايم ڪيو ايم)، مشهور شوبز شخصيت جاويد زمان، ڪراچي نوجوان پارٽي جا ڪاشف احمد، پاڪستان پوسٽ پيپلز يونين جا چوهدري اقران، گلاب ٽائون جا غفور پنهور نويد ڏيرو انجنيئر فهد عظيم خان محمد شهزاد ۽ شڪيب انور شامل آهن. جڏهن ته سني تحريڪ جا 127 ڪارڪن ۽ پيپلزپارٽي جا ٻه ڪائونسلر پڻ فنڪشنل ليگ ۾ شامل ٿيا آهن

ملير سٽي علائقي ۾ پوليس جو ڇاپو مهانگو پئجي ويو علائقي جي رهواسين پوليس اهلڪارن تي تشدد ڪيو جڏهن ته پوليس اهلڪارن کي پنهنجيون جانيون بچائڻ لاءِ ڀڄڻو پيو تفصيل موجب ملير سٽي ۾ پوليس اهلڪارن جي ڇاپي ۽ عوام جي تشدد جي فوٽيج سامهون آئي ان تي ايس ايس پي ضلعي ملير ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزاده چيو ته وڊيو ڪجهه وقت پراڻي آهي ۽ ڏوهارين خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڪالهه ساڳئي واقعي جي هڪ وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي هن چيو ته متعين واقعو 20 مارچ تي ملير سٽي جي لاسي ڳوٺ علائقي ۾ پوليس جي ڇاپي دوران پيش آيو جنهن جي 3 جوابدارن جو پوليس سان جهيڙو ٿيو بعد ۾ پوليس پوليس تي تشدد ۾ ملوث رحيم عرف شوڪي سڪندر ۽ ارشد کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو

خاتمي واري عدالت، ڪراچي سينٽرل جيل مصطفيٰ عامر قتل ڪيس جوابدار ارمغان عدالت تي عدم اعتماد جي هڪ ٻي درخواست جمع ڪرائي ڇڏي مون کي هن عدالت تي ڀروسو ناهي انصاف جي اميد ٻه ناهي جوابدار ارمغان پاران داخل درخواست ۾ موقف منهنجو ڪيس ٻي عدالت ڏانهن منتقل ڪيو وڃي درخواستگذار فريادين سيٺي ڪيس فاضل جج جي عدالت ۾ منتقل ڪرائي ڇڏيا آهن. درخواست خدشو آهي ته فاضل جج ۽ فريادين وچ ۾ ڪا ڏيل ٿي آهي، ملزم ارمغان جو داخل درخواست ۾ الزام منهنجي ۽ منهنجي وڪيل سان فاضل جج جو رويو نامناسب آهي ارمغان جي درخواست جاڻايل عدالت ۾ منهنجون سيٺي درخواستون رد ڪيون ويون آهن. جوابدار ارمغان جو داخل درخواست ۾ الزام

هدايت ڪئي درخواستگذار ڊاڪٽر مرتضيٰ کهڙو چيو ته عدالت جي حڪم تي عملدرآمد لاءِ درخواست داخل ڪئي 4 سال گذري چڪا آهن قانون جي سيڪشن ڇهه تحت سيني کاتن لاءِ معلومات عوام آڏو پيش ڪرڻ لازمي آهي ڊاڪٽر مرتضيٰ کهڙو اطلاعات تائين رسائي واري قانون جو مقصد سرڪاري معاملن ۾ شفافيت پيدا ڪرڻ آهي درخواستگذار قانون جي نفاذ سان ڪرپشن ۾ گهٽتائي ايندي ۽ عوام کي حڪومت جي معاملن ۾ شموليت جو احساس ٿيندو درخواستگذار ڪاتا قانون موجب عمل نٿا ڪن عملدرآمد جو حڪم ڏنو وڃي

موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون تفصيل موجب ابراهيم حيدري پوليس ريڙهي روڊ اڪبر شاهه چڙهائي ويجهو هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو زخمي جوابدار کي طبي علاج لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ 18 سالن جي يونس جي نالي سان ٿي پوليس موجب جوابدار کان هٿيار ۽ ڦريو سامان هٿ ڪيو ويو ٻئي طرف سعيد آباد پوليس سيڪٽر 4 اي ۾ هڪ ڪارروائي دوران ڦورو کي مبينا مقابلي ۾ ماري ڇڏيو جڏهن ته سندس هڪ ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو مارجي ويل ڦورو جي لاش کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس سڃاڻپ بلال جي نالي سان ٿي پوليس موجب جوابدار کان گولين سان ڀريل پستول، موبائل فون، نقد رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي ساڳئي طرح اسٽيل ٽائون پوليس ٽيليفون ايڪسچينج جي ويجهو هڪ مبينا مقابلي کان پوءِ ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ٻن زخمي ملزمن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جن جي سڃاڻپ غلام مصطفيٰ ۽ علي شان طور ڪئي وئي آهي پوليس انهن جي قبضي مان ٻه پستول، موبائل فون، نقد رقم ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي ڊيفنس علائقي ۾ قيوم آباد سي آر پڻا چرچ جي ويجهو هڪ مبينا مقابلي کان پوءِ پوليس ٻن ڦورن کي گرفتار ڪيو جن مان ٻه زخمي ٿي پيا جڏهن ته هڪ کي موقعي تي قابو ڪيو ويو زخمي ڦورن جي سڃاڻپ رضا علي ۽ رمضان طور ڪئي وئي، جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٽئين جوابدار راجو کي پوليس ٿاڻي منتقل ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار ملزمن کان ٻه پستول، موبائل فون، نقد رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي.

پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته تاج حيدر مرحوم نه رڳو هڪ سچو جيالو هو پر هڪ سنجيده مفڪر پڻ هو. پنهنجي بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته تاج حيدر جا لفظ دانائي سان ڀرپور هئا ۽ سندن زندگي جمهوري قدرن سان غير متزلزل وابستگي جي عڪاسي رهي. هن چيو ته سينيٽر تاج حيدر آزمائش جي وقت هميشه ثابت قدم رهيا ۽ هر حال ۾ اصولن جي پاسداري ڪئي. چيئرمين پي پي پي وڌيڪ چيو ته تاج حيدر مرحوم هميشه عوام جي عاجزي ۽ وقار سان خدمت ڪئي جنهن سبب هو جيالن ۽ انهن سيني ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهن جيڪي هڪ منصفانه ۽ جمهوري پاڪستان تي يقين رکن ٿا. هن چيو ته اڄ جي ڏينهن تي اسين وڏي احترام سان تاج حيدر مرحوم کي ياد ڪريون ٿا ۽ اهو عزم ورجايون ٿا ته سندن مشن کي خلوص ۽ حوصلي سان اڳتي وڌايو ويندو.

جنگبندي تي پنهنجو ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته ايران جي ڪاميابي دراصل دنيا جي مظلومن ۽ اسلام جي ڪاميابي آهي. هن چيو ته پاڪستان ثالثي جو ڪردار ادا ڪري هڪ ذميوار ۽ دوست پاڙيسري ملڪ هجڻ جو ڀرپور ثبوت ڏنو آهي. سندس چوڻ هو ته 40 ڏينهن واري جنگ دوران آمريڪا ۽ اسرائيل ايران خلاف پنهنجا هدف حاصل ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام رهيا. علامه شهنشاهه نقوي زور ڏنو ته پاڪستان کي گهرجي ته روس ۽ چين سان گڏجي هن عارضي جنگبندي کي مستقل امن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ فعال ڪردار ادا ڪري. هن وڌيڪ چيو ته ايران جي شرطن تي ٿيل جنگبندي آمريڪا جي سپر پاور حيثيت کي وڏو ڌڪ رسايو آهي. جڏهن ته آمريڪا ۽ اسرائيل جي ناڪامي دراصل رهبر شهيد آيت الله سيد علي الحسيني خامنه اي جي رت جو نتيجو آهي. آخر ۾ هن رهبر شهيد سميت سيني شهيدن خاص طور غزه، لبنان ۽ يمن جي مظلوم عوام کي مبارڪباد پيش ڪئي.

ليڊر ڪرم الله وقاصي شهر ۾ جاري ترقياتي منصوبن جو آجيان ڪندي چيو آهي ته پاڪستان پيپلزپارٽي هر سطح تي عوام جي ڀلائي ۽ معاشي بحران کان بچاءَ لاءِ پنهنجون ذميواريون نڀائي رهي آهي. هن چيو ته انهن قدمن جو مقصد عوام کي بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ معاشي دٻاءَ جي باوجود انهن جي زندگين ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته سخي حسن اسٽريٽ جي بحالي ڪراچي جي اهم علائقن جي ترقي ڏانهن هڪ اهم قدم آهي. هن منصوبي ۾ روڊ جي مرمت، نيڪالي آب (ڊرينيج) نظام جي اپگريڊيشن ۽ جديد ڊبل ڪيريجي وي جي تعمير شامل آهي. جنهن سان شهرين کي بهتر سفري سهولتون ملنديون. هن منصوبي جي لاڳت 1 ڪروڙ 38 لک رپين کان وڌيڪ آهي ۽ ان سان علائقي جي انفراسٽرڪچر کي جديد بڻايو ويندو. ڪرم الله وقاصي چيو ته هي منصوبو شهر جي ترقي جو هڪ ٻيو مثال آهي ۽ پيپلزپارٽي جي قيادت عوامي مسئلن جي حل لاءِ سنجيده آهي. هن وڌيڪ چيو ته پيپلزپارٽي هميشه عوامي ڀلائي لاءِ عملي قدم کنيا آهن ۽ اهي ڪوششون ڪراچي جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. هن چيو ته هن وقت شهر ۾ ڪيترائي منصوبا جاري آهن جن جي مڪمل ٿيڻ سان نه رڳو ڪراچي جو انفراسٽرڪچر مضبوط ٿيندو پر شهرين کي به بهتر سهولتون ملنديون. پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو عزم آهي ته معاشي بحران باوجود عوامي خدمت جاري رکي ويندي. هن سنڌ حڪومت جي عوامي رليف قدمن جي پڻ ساراهه ڪئي ۽ چيو ته 35 ارب رپين جو پيڪيج مهيا ڪيو ويو آهي ته جيئن عوام تي گهٽ ۾ گهٽ بار پوي. هن پيڪيج تحت هارين، موٽر سائيڪل هلائيندڙن ۽ ننڍن واپارين کي سهولتون ڏنيون ويون آهن.

جي مينيجنگ ڊائريڪٽر طارق علي نظاماڻي جي سربراهيءَ ۾ منعقد ٿيل اهم ٽائون ڪوآرڊينيشن اجلاس ۾ شرڪت ڪئي.اجلاس ۾ ڪراچي جي مختلف ٽائون ميونسپل ڪارپوريشنز جي چيئرمينن سان گڏ سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ جا سينيئر آفيسر ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر احسن رضا، سيڪريٽري نوروز عباسي ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا. اجلاس دوران چيئرمين طارق عزيز بلوچ گلاب ٽائون کي درپيش صفائي سٿرائي جي مسئلن ۽ عيدالاضحيٰ دوران آلائشون کڻڻ بابت صورتحال تي تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ انهن يونين ڪائونسلن جي نشاندهي ڪئي جيڪي اڃا تائين SSWMB جي دائري اختيار ۾ شامل ناهن ڪيون ويون.ان موقعي تي ايم ڊي طارق علي نظاماڻي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺندي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ته گلاب ٽائون جي يونين ڪائونسلن کي بنا دير سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ جي آپريشنل ايراضي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ فوري ڪوآرڊينيشن کي يقيني بڻايو وڃي.چيئرمين طارق عزيز بلوچ پنهنجي وڌيڪ بيان ۾ چيو ته گلاب ٽائون وسيع علائقي تي پکڙيل آهي جتي صفائي سٿرائي جو مؤثر نظام انتهائي ضروري آهي. ڪجهه شهري يونين ڪائونسلن جي SSWMB ۾ عدم شموليت سبب نه صرف صفائي جا مسئلا وڌي رهيا آهن پر عوام کي صحت جي خطري کي به منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هن چيو ته اسان ڪنهن به صورت ۾ پنهنجي عوام کي بنيادي سهولتن کان محروم ٿيڻ نه ڏينداسين. ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گلاب پنهنجي سمورين صلاحيتن استعمال ڪندي صفائي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوششون جاري رکي آهي پر سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ جي مڪمل شموليت سان ئي مستقل ۽ اثرائتا نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا. آخر ۾ هن زور ڏنو ته سمورن لاڳاپيل ادارن جي گڏيل سهڪار، بهتر ڪوآرڊينيشن ۽ عملي قدمن سان گلاب ٽائون کي صاف، سٿرو ۽ مثالي علائقو بڻايو ويندو، جيئن عوام کي بهتر صحت مند ماحول مهيا ڪري سگهجي.

تربيت ترقي ۽ خوشحالي جي ضمانت آهي هن چيو ته شهري معاملن ۾ نوجوانن جي شموليت سان نه رڳو بهتر فيصلا ٿي سگهن ٿا پر جديد سوچ ذريعي ڪراچي کي ترقي جي راهه تي آڻي سگهجي ٿو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه نوجوانن جي اهميت کي اوليت ڏني آهي ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ انهن جي حوصلا افزائي ڪئي آهي انهيءَ ڪري بلديه عظميٰ ڪراچي جا دروازا تعليمي ادارن جي شاگردن لاءِ هميشه کليل رکيا ويا آهن ته جيئن شاگرد عملي طور شهري نظام کي سمجهي سگهن ۽ شهر جي تعمير ۽ ترقي ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن هن اهي خيال اربع ڏينهن بلديه عظميٰ ڪراچي جي صدر دفتر تي مطالعاتي دوري تي آيل شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي جي شاگردن سان ملاقات دوران ظاهر ڪيا ان موقعي تي وزيراعليٰ سنڌ جي صلاحڪار نجمي عالم ٻين ڪائونسل ميمبرن سان گڏ، سٽي انسٽيٽيوٽ آف اميج مينيجمينٽ جي ڊائريڪٽر محمد شاهد، ايس ايم علي جعفري ايڊووڪيٽ ۽ ڪرنل مختار زمان پڻ موجود هئا. شاگردن کي بلديه عظميٰ ڪراچي جي ارتقا بابت آگاهي ڏني وئي ۽ موجوده ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي انهن ڪوششن بابت ٻڌايو ويو جيڪي ڪراچي جي ترقي ۽ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ جاري آهن شاگردن کي مختلف شعبن، نظام ڪان شهري منصوبا بندي، لينڊ رڪارڊ، ميونسپل خدمتون ۽ شهري سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني وئي شاگردن ميونسپل ڪمشنر آفيس 1339 شڪايت مرڪز ڪائونسل هال ۽ بلدياتي نظام جي ٻين شعبن جو پڻ دورو ڪيو ڊپٽي ميئر شاگردن جي سوالن جا جواب ڏنا ۽ کين شهري منصوبا بندي، ميونسپل خدمتون ۽ انتظامي ڍانچي بابت آگاهي ڏني ڊپٽي ميئر چيو ته مختلف يونيورسٽين جي شاگردن جا اهڙا مطالعاتي دورا جاري رهڻ گهرجن. ڇاڪاڻ ته اهي دورا نوجوانن لاءِ سکڻ ۽ پنهنجون صلاحيتون نکارڻ جو بهترين موقعو فراهم ڪن ٿا.

ناصر ڪالهه بيماري ۾ گذاري ويو ڪيس 2017 ۾ برين هيمبريج ٿيو هو ان هوندي ٻه هن ملڪ ۾ ترقي پسند سياست ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو هن 1981 ۾ افغانستان پارٽ ۽ ٻين ملڪن ڏانهن سفر ڪيو ڪامريڊ بعد ۾ بلغاريا ٻه ويو جتي هن سياست ۾ سائنس جي ڊگري ورتي ۽ بعد ۾ هو پاڪستان واپس آيو ۽ عوامي ورڪرز پارٽي جو عهديدار ٻه ٿيو ان بعد هو نيشنل پارٽي ۾ ٻه شامل ٿيو هن پنهنجي پويان هڪ ڌيءَ ڇڏي آهي جيڪا بلغاريا ۾ رهي ٿي، سندس جنازي ۾ شهر جي ترقي پسند اڳواڻن ۽ سياسي ڪارڪنن ،صحافين شرڪت ڪئي ۽ کيس سخي حسن قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو

ڪارگيٽڊ سبسڊي پروگرام تي عملدرآمد جو جائزو ورتو ۽ ننڍن آبادگارن لاءِ اضافي مالي مدد جي منظوري ڏني هي قدم عالمي سطح تي تيل جي وڌندڙ قيمتن جي شهرين ۽ اهم معاشي شعبن تي اثرن کي گهٽائڻ واري وسيع حڪمت عملي جو حصو آهي وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ صوبائي وزيرن شرجيل انعام ميمڻ، ناصر شاهه، مڪيش ڪمار چاولا، محمد بخش خان مهر ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، سيڪريٽري آئي جي پي سي آصف اڪرام، سيڪريٽري فياض جتوئي، سيڪريٽري ايڪسائيز سليم راجپوت، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سيڪريٽري زراعت زمان ناريجو ۽ سنڌ بينڪ جي ڊپٽي سي اي او اسد شاهه شرڪت ڪئي ڪراچي کي مستحڪم رکڻ لاءِ ڪارگيٽڊ ٽرانسپورٽ سبسڊي: وڏي وزير پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڪارگيٽڊ سبسڊي پروگرام جو جائزو ورتو جيڪو ٻارڻ جي قيمتن ۾ ٻي مثال اضافي جي باوجود سستي ڀاڙي کي برقرار رکڻ ۽ صوبي جي ٽرانسپورٽ نيٽ ورڪ جي آپريشنل استحڪام کي يقيني بڻائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي وڏي وزير کي آگاهي ڏني وئي ته عالمي جيو پوليٽيڪل تبديلين سبب پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ تيزي سان اضافو ٿيو آهي جنهن ۾ ڊيزل جي قيمت 244 رپيا في ليٽر ۽ پيٽرول جي قيمت 120 رپيا في ليٽر وڌي وئي آهي جنهن سان ڀاڙن ۾ اضافي ۽ مسافرن جي تعداد ۾ گهٽتائي جو سخت خطرو آهي. جنهن سان خاص طور تي گهٽ آمدني وارا طبقا متاثر ٿيندا مراد علي شاهه زور ڏنو ته حڪومت جي اولين ترجيح مسافرن کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي جڏهن ته ٽرانسپورٽ جي شعبي کي فعال رکڻ کي ٻه يقيني بڻائڻو آهي وڏي وزير چيو ته اسان ٻارڻ جي وڌندڙ قيمتن جو بار عام ماڻهوءَ تي پوڻ نه ڏينداسين هن هدف ٿيل سبسڊي جو مقصد ڪرائي کي برقرار رکڻ ۽ سڄي سنڌ ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ کي موثر طريقي سان هلائڻ آهي هن ميڪانيزم تحت، وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون ٻئي سبسڊي جو بار ونڊينديون ٽرانسپورٽ آپريٽرن کي گاڏي جي قسم ۽ روٽ جي ڊيگهه جي بنياد تي مالي مدد فراهم ڪئي ويندي، ان شرط تي ته ڪرايا نه وڌايا ويندا اجلاس کي ٻڌايو ويو ته صوبي جي ٽرانسپورٽ نيٽ ورڪ ۾ 10800 کان وڌيڪ گاڏيون شامل آهن جيڪي 224 روٽس تي هلي رهيون آهن جن ذريعي روزانو تقريبن 1.9 ملين مسافر سفر ڪن ٿا. ڪل ماهوار سبسڊي جو تخمينو لڳ ڀڳ 2.15 ارب رپيا آهي جنهن ۾ انٽرا سٽي ۽ انٽر سٽي آپريشن شامل آهن ڊجيٽل نگراني ۽ شفافيت: شفافيت ۽ احتساب کي يقيني بڻائڻ لاءِ سبسڊي هڪ ڊجيٽل ايمپ تي ٻڌل سسٽم ذريعي فراهم ڪئي ويندي جنهن ۾ روٽ پرمٽ، گاڏي جي فٽنيس ڊيٽا ۽ بينڪ اڪائونٽ جي تصديق کي مربوط ڪيو ويندو ادائگي سڌي طرح آپريٽرن کي ڪئي ويندي جڏهن ته انسپيڪشن ۽ مسافرن جي راءِ ذريعي نگراني ڪئي ويندي ايڪسائيز ۽ ٽرانسپورٽ کاتن ان ۾ شامل حفاظتي انتظامن کي نمايان ڪيو جن ۾ او ٽي پي (OTP)تصديق، معياري فيول بينچ مارڪس ۽ مالي اثرن کي سنڀالڻ لاءِ وقتي جائزو شامل آهن زراعت جي شعبي کي سهڪار ڏيڻ جي هڪ اهم قدم طور وڏي وزير 366000 ننڍن آبادگارن لاءِ 3 ارب رپين جي سبسڊي منظور ڪئي جنهن جو مقصد ڪڻڪ جي لاباري جي موسم دوران ڊيزل جي وڌندڙ قيمتن جو ازالو ڪرڻ آهي. مراد علي شاهه هدايت ڪئي ته سبسڊي پروگرام جو آغاز سياڻي کان ڪيو وڃي ته جيئن هارين کي فوري رليف ملي سگهي هن چيو ته اسان جا ننڍا آبادگار ٻهراڙي جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي آهن اسان کين سهڪار ڏيڻ لاءِ پرعزم آهيون ته جيئن اهي بنا ڪنهن اضافي مالي دٻاءَ جي پنهنجو ڪم جاري رکي سگهن هي سبسڊي سڌي طرح اهل هارين کي فراهم ڪئي ويندي خاص ڪري اهي جن وٽ ننڍي زمين (1 کان 25 ايڪڙ) آهي ته جيئن ٿريشنگ ۽ هارويسٽنگ لاءِ ڊيزل جي خرچن ۾ سندن مدد ٿي سگهي حڪومت جي نقطه نظر کي ورجائيندي وڏي وزير چيو ته سنڌ عام سبسڊي جي بجاءِ هدف ٿيل موثر ۽ شفاف سپورٽ ميڪانيزم ڏانهن وڌي رهي آهي مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته چاهي اهي ٽرانسپورٽر هجن هاري هجن يا روزاني جا مسافر اسان جو ڌيان ان ڳالهه تي آهي ته رليف انهن تائين پهچي جن کي ان جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي جڏهن ته مالي نظم و ضبط تي ٻه ڪو سمجهوتو نه ڪيو ويندو اجلاس جي پڄاڻي تي سمورن کاتن کي عملدرآمد تيز ڪرڻ، ڪوآرڊينيشن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ٽرانسپورٽ توڙي زراعت جي رليف وارن قدمن کي بنا دير ۽ موثر طريقي سان شروع ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون

چيو آهي ته پاڪستاني قيادت جي سفارتي ڪاميابين کي سلام پيش ڪرڻ گهرجي. وزيراعليٰ سنڌ چيو آهي ته جنگ ڪنهن ٻه مسئلي جو حل نه آهي صرف مذاڪرات ئي مستقل امن جي راهه آهن ۽ پاڪستان خطي ۾ امن ۽ استحڪام جو خواهشمند آهي.هن زور ڏنو ته خطي ۾ جنگ کان وڌيڪ مذاڪرات ۽ ڊپلوميسي جي ضرورت آهي ۽ پاڪستان جي اعليٰ قيادت سفارتي محاذ تي نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. سيد مراد علي شاهه موجب صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جون ڪوششون قابل ستائش آهن ۽ امن ۽ ڊپلوميسي ذريعي ئي پاڪستان عالمي سطح تي پنهنجو مقام مضبوط ڪري سگهي ٿو. هن چيو ته پاڪستان هميشه خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ مثبت ۽ ذميوارانه ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي ۽ هي سفارتي پيش رفت عالمي سطح تي ملڪ جي ساک کي مضبوط ڪندي. وزيراعليٰ سنڌ اميد ظاهر ڪئي ته هي پيش رفت مستقل امن جي راهه هموار ڪندي ۽ سيني فريقين کي مذاڪرات ذريعي مسئلا حل ڪرڻ گهرجن. هن زور ڏنو ته عالمي برادري سان گڏجي پاڪستان امن قائم ڪرڻ لاءِ سرگرم آهي ۽ خطي ۾ استحڪام لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار جاري رکندو. سيد مراد علي شاهه آخر ۾ چيو ته امن سڀ کان وڏي طاقت آهي ۽ هي ئي اسان جي سڀ کان وڏي ڪاميابي آهي.

طور ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ قوم کي اپيل ڪئي وئي ته هو ڳالهين جي ڪاميابي لاءِ خاص دعائون ڪن ڪابينا کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته امن معاهدي لاءِ اسان ۽ دوست ملڪن جيڪي ڪوششون ڪيون آهن انهن تي الله تعاليٰ کي راضي ڪرڻ گهرجي ۽ اسان کي هن قادر مطلق خدا جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي هن چيو ته جنگ جي باهه تقريبن سڄي خطي کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي چڪي هئي ۽ سڄو خطو متاثر ٿيو هو پر جنگ بندي جي ذريعي الله تعاليٰ پاڪستان کي عزت ۽ شان عطا ڪيو سفارتي محاذ تي پاڪستان جي هي ڪاميابي پوري 24 ڪروڙ ماڻهن جي ڪاميابي آهي هن چيو ته ٻن هفتن کان جنگ جا شعلا وسامي ويا آهن الله تعاليٰ اڄ پاڪستان کي هڪ شاندار ڪاميابي ۽ شان عطا ڪيو آهي اڄ سڄي دنيا جا ٽي وي چينل پاڪستان جي ڪاميابي بابت ڳالهائي رهيا آهن هي رب جي اڳيان سجدو ڪرڻ جو موقعو آهي وزيراعظم چيو ته هو ايراني صدر جو منهنجي درخواست قبول ڪرڻ تي شڪرگذار آهي ۽ آمريڪي صدر جو منهنجي درخواست تي ٻن هفتن جي عارضي جنگ بندي جو اعلان ڪرڻ تي شڪرگذار آهي هو قطر، ترڪي، مصر عمان انڊونيشيا، يو اي اي، ترڪي ۽ سعودي عرب جو شڪرگذار آهي هن ڪالهه سعودي ولي عهد سان ڳالهايو ۽ سندس سڀ کان وڏي تيل ڪمپليڪس تي حملي تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته سڄي قوم سندس سان گڏ آهي وزيراعظم شهباز شريف موجب، جنگ بندي فوري طور تي لاڳو ٿي وئي آهي جنهن جي خطي ۾ امن قائم ڪرڻ جي طرف هڪ وڏو قدم قرار ڏنو پيو وڃي هي فيصلي جي آجيان ڪندي، هن ٻنهي ملڪن جي قيادت جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته هي قدم دانشمندي ۽ دور انديشي جو مظهر آهي وزيراعظم اعلان ڪيو ته ايران ۽ آمريڪا جي وفدن کي جمعي 10 اپريل 2026 تي اسلام آباد ۾ دعوت ڏني وئي آهي ته جيئن سيني تڪرارن جي آخري حل لاءِ وڌيڪ ڳالهيون ڪري سگهجن

جاري ڪيل بيان موجب ٻنهي اڳواڻن خطي جي بدلجندڙ صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي فروغ تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ سفارتي رابطن جي سلسلي ۾ پاڪستان جي جاري ڪوشش جي تازي اڳڀرائي کان پنهنجي مصري هم منصب کي آگاهه ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار گذريل رات مراڪش جي پرڏيهي وزير ناصر بوريطه سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران اربع ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب ٻنهي اڳواڻن وچ اوڀر ۽ وڏي خطي جي موجوده صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي نائب وزيراعظم خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي فروغ لاءِ پاڪستان طرفان جاري سفارتي ڪوشش ۽ ڳالهه ٻولهه جي تسلسل ۽ موجوده صورتحال بابت پنهنجي هم منصب کي آگاهه ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار گذريل رات سعودي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب ٻنهي اڳواڻن وچ اوڀر ۽ وڏي خطي ۾ جاري صورتحال ۽ ٿيندڙ اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي نائب وزيراعظم خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي قيام لاءِ پاڪستان طرفان ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتي رابطن جي جاري ڪوشش ببات تازي اڳڀرائي کان پنهنجي سعودي هم منصب کي آگاهه ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار ترڪيه جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان سان گذريل رات ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران اربع ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب، ٻنهي اڳواڻن خطي جي تازي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي نائب وزيراعظم خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتي رابطن کي اڳتي وڌائڻ جي حوالي سان پاڪستان جي عزم کي ورجايو ۽ ان ڏس ۾ جاري ڪوشش جي تازي اڳڀرائي بابت پنهنجي ترڪ هم منصب کي آگاهه ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اربع ڏينهن يورپي يونين جي اعليٰ نمائنده/نائب صدر ڪاجا ڪالاس سان ٽيليفون تي تازي علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب، نائب وزيراعظم خطي ۾ پائيدار امن حاصل ڪرڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري جي فروغ جي لاءِ پاڪستان جي مسلسل ڪوشش کي اجاگر ڪيو يورپي يونين جي اعليٰ نمائنده/نائب صدر نائب وزيراعظم جي ڪوشش تي ٿورا مڃيا ۽ سفارتڪاري جي لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار جي واکاڻ ڪئي جنهن ۾ ڌرين جي وچ ۾ شروعاتي جنگبندي ٿيڻ ۾ مدد به شامل آهي هن ان سلسلي ۾ پاڪستان جي ڪوشش لاءِ يورپي يونين جي مڪمل حمايت جو به اظهار ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار قطر جي مملڪتي وزير ڊاڪٽر محمد بن عبدالعزيز الخليفي سان اربع ڏينهن ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي پرڏيهي آفيس پاران جاري ڪيل بيان موجب، نائب وزيراعظم تازي علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي فروغ لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري کي اڳيان وڌائڻ جي لاءِ پاڪستان جي مسلسل ڪوشش کي اجاگر ڪيو قطري مملڪتي وزير نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان جي تعميري ڪردار جي واکاڻ ڪئي هن قطر جي وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير شيخ محمد بن عبدالرحمان آل ثاني طرفان نيڪ تمنائن جو پيغام پڻ پهچايو.

وزير سردار اويس احمد خان لغاري آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبندي کي يقيني بڻائڻ تي وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير کي مبارڪون پيش ڪيون آهن گذريل ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي هڪ ٽوئيٽ ۾ هن چيو ته ڪالهه اهو ناممڪن لڳي رهيو هو پر الله جي فضل ۽ ڪرم سان ٻنهي اڳواڻن ناممڪن کي ممڪن بڻايو ۽ هن سموري خطي کي تباهي ۽ انتشار کان بچائي ورتو آهي هن انهن قدمن کي بهترين سفارتڪاري قرار ڏيندي چيو ته اهو نوبل انعام لاءِ هڪ مثالي ڪيس آهي

پي ٽي آءِ باني جي بدنامي ڪيس ۾ نظرثاني درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي جسٽس عائشه ملڪ جي سربراهيءَ ۾ 3 رڪني بينچ ڪالهه ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ان ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ پي ٽي آءِ باني جي دفاع جو حق ختم ڪري ڇڏيو هو جڏهن ته سپريم ڪورٽ ان فيصلي کي برقرار رکيو پي ٽي آءِ باني ان فيصلي خلاف نظرثاني جون درخواستون داخل ڪيون هيون عدالت دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو

عاصم منير جي سفارتي ڪوشش کي دل جي گهرائين سان ساراهيان ٿو جن هڪ وڏي عالمي بحران کي ٽارڻ ايران ۽ آمريڪا ۾ جنگبندي کي ممڪن بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته ايران ۽ آمريڪا جي قيادت کي به امن جو رستو اختيار ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪيان ٿو ۽ دعاگو آهيان ته اهو قدم عالمي استحڪام ڏانهن هڪ بامعنيٰ اڳڀرائي ثابت ٿئي

شهباز شريف چين سعودي عرب، ترڪيه، مصر ۽ قطر سميت ڀائر ملڪن جا ٿورا ادا ڪيا آهن جن جنگبندي ۽ پرامن سفارتي ڪوشش جي ذريعي تڪرار جي حتمي حل طرف وڌڻ جي سلسلي ۾ بي مثال ۽ ڀرپور تعاون ڪيو ڪالهه اربع ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته "اسلام آباد ڳالهه ٻولهه" طرف اڳڀرائي ڪندي آئون ڀائر ملڪن عوامي جمهوريه چين سعودي عرب، جمهوريه ترڪيه، عرب جمهوريه مصر ۽ قطر جا دل سان ٿورا ادا ڪرڻ چاهيان ٿو ته انهن جنگبندي ۽ پرامن سفارتي ڪوشش کي هڪ جامع ۽ حتمي حل طرف وڌڻ جو موقعو ڏيڻ جي لاءِ بي مثال ۽ ڀرپور تعاون فراهم ڪيو وزيراعظم چيو ته هو نار تعاون ڪائونسل جي ڀائر ملڪن جا پڻ ٿورا ادا ڪرڻ چاهي ٿو جنهن جي مسلسل حمايت ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي لاءِ وابستگي اسان جي ڪوشش جي لاءِ انتهائي اهم ۽ بنيادي حيثيت رکي ٿي هن چيو ته اسان جي سمورن ڀائر ملڪن ۽ آمريڪا جي قيادت امن کي هڪ موقعو ڏيڻ جي لاءِ غيرمعمولي دوراندیشي حڪمت ۽ صبر جو مظاهرو ڪيو هن چيو ته هو سڄي دنيا ۾ پنهنجي سمورن حصيدارن ۽ دوستن جا پڻ ٿورا ادا ڪري ٿو جن پاڪستان جي عالمي امن جي لاءِ مخلصاڻي ڪوشش کي ساراهيو ۽ اُن جو اعتراف ڪيو هن چيو ته اچو اسان سڀ گڏجي خطي ۽ اُن کان اڳتي هڪ پائيدار امن قائم ڪرڻ جي لاءِ ڪم ڪريون

تصديق ڪئي آهي ڪالهه اربع ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف اسلامي جمهوريه ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پيزشڪيان سان ٽيليفون تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اٽڪل 45 منٽ کان وڌيڪ جاري رهندڙ ان خوشگوار ۽ دوستاڻي ڳالهه ٻولهه دوران وزيراعظم ايراني قيادت جي دانشمندي ۽ دوراندیشي کي ساراهيو جنهن جنگبندي تي راضپو ظاهر ڪندي پاڪستان جي وزيراعظم پاران ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ هلندڙ هفتي اسلام آباد ۾ ڳالهه ٻولهه جي ميزباني جي آڇ قبول ڪئي وزيراعظم ايران جي سپريم ليڊر آيت الله مجتبيٰ خامنه اي جي لاءِ پڻ پنهنجي تعظيم جو اظهار ڪيو ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پيزشڪيان وزيراعظم جا ٿورا ادا ڪيا ۽ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ عارضي جنگبندي جي لاءِ پاڪستاني قيادت جي ڪوشش کي ساراهيندي پاڪستاني عوام جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو بيان موجب هن ان ڳالهه جي پڻ تصديق ڪئي ته ايران اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ۾ شرڪت ڪندو ٻنهي اڳواڻن گڏيل رابطي ۾ رهڻ تي پڻ اتفاق ڪيو وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته ايران جي صدر مسعود پيزشڪيان سان انتهائي خوشگوار ۽ لاڀائتي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي. صدر پيزشڪيان ايندڙ ڳالهه ٻولهه ۾ ايران جي شرڪت جي توثيق ڪئي ۽ پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهيندي پاڪستاني عوام جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ڪالهه اربع ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ بيان ۾ وزيراعظم چيو ته اڄ سندس ايران جي صدر مسعود پيزشڪيان سان انتهائي خوشگوار ۽ لاڀائتي ڳالهه ٻولهه ٿي وزيراعظم چيو ته هن پاڪستان پاران اسلام آباد ۾ هن هفتي جي آخر ۾ امن ڳالهه ٻولهه جي ميزباني جي آڇ قبول ڪرڻ تي ايراني قيادت جي دانشمندي ۽ بصيرت کي ساراهيو ته جيئن خطي ۾ امن جي بحالي لاءِ گڏيل ڪوششون ڪري سگهجن وزيراعظم چيو ته صدر مسعود پيزشڪيان ايندڙ ڳالهه ٻولهه ۾ ايران جي شرڪت جي توثيق ڪئي ۽ پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهيندي پاڪستاني عوام جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو وزيراعظم چيو ته پاڪستان خطي ۽ دنيا ۾ امن ۽ استحڪام جي فروغ جي لاءِ پنهنجي سمورن دوست ملڪن ۽ حصيدارن سان ويجهو تعاون جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو

ڏاهڻ ، اختيارات جو ناجائز استعمال ، رشوت وٺڻ وارو ڪيس عدالت ۾ جاچ آفيسر گرفتار اڳوڻي سب رجسٽرار کي ريمانڊ لاءِ پيش ڪيو عدالت جاچ آفيسر جي ريمانڊ واري درخواست رد ڪري ڇڏي عدالت گرفتار اڳوڻي سب رجسٽرار عمران الحق جي ضمانت منظور ڪري ڇڏي عدالت جوابدار کي 10 هزار روپين جا ڪاغذي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جوابدار کي اينٽي ڪرپشن پوليس سومر ڏينهن سٽي ڪورٽ مان گرفتار ڪيو هو جوابدار تي پي اي سي ايڇ ايس سوسائٽي جي ملڪيتن جا جعلي ڪاغذ ڏاهڻ ، جعلسازي ، اختيارن جو استعمال ڪرڻ جا الزام آهن

ميڊيا موجب چين جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان لاڳاپيل ڌرين طرفان جنگبنديءَ جي اعلان جي آجيان ڪندي پاڪستان جي ثالثي جي ڪوشش جي حمايت جو اظهار ڪيو آهي هن چيو ته هڪ ذميدار وڏي رياست طور چين خطي ۾ امن امان جي بحالي ۾ تعميري ڪردار ادا ڪندو رهندو ۽ نار ۽ وچ اوڀر ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ هاڪاري قدم کڻندو

قيمتون تقريبن 15 سيڪڙو گهٽجي ويون ۽ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ به بهتري آئي آهي پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ موجب برينٽ ڪروڊ جي قيمت 14.4 سيڪڙو جي لاٿ سان 93.48 ڊالر في بيرل ٿي وئي آهي جڏهن ته آمريڪي خام تيل جي قيمت ۾ 14.7 سيڪڙو جي گهٽتائي بعد 96.27 ڊالر في بيرل ٿي وئي آهي خام تيل جون اهي قيمتون ايران جنگ جي شروعات کان اڳ جي سطح کان پوءِ به وڌيڪ آهن جنگ بندي جي اعلان کان پوءِ ايس اينڊ پي/اي ايس ايڪس 200 انڊيڪس ۾ 3 سيڪڙو جاپانجي نڪي 225 انڊيڪس ۾ 4 سيڪڙو ۽ ڏکڻ ڪوريا جي ڪوسپي انڊيڪس ۾ 6 سيڪڙو کان وڌيڪ جو اضافو ٿيو آهي واضح رهي ته گذريل رات دير سان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ٽروٿ سوشل تي هڪ پوسٽ ۾ چيو هو ته ڊيڊ لائن گذرڻ ۾ هڪ ڪلاڪ بچيو آهي ۾ هو ايراني پلين پاور پلانٽس ۽ ٻين شهري هدفن تي حملا روڪي رهيو آهي جڏهن ته تهران به ٻن هفتن جي جنگ بندي ۽ آبنائي هرمز کي ٻيهر کولڻ تي راضي ٿي ويو آهي ان جي ٿوري دير کان پوءِ ايران جي قومي سلامتي ڪائونسل تصديق ڪئي ته جيڪڏهن ايران خلاف حملا بند ڪيا ويا ته اسان به ٻن هفتن جي جنگ بندي قبول ڪئي آهي

پاڪستان جي وڏي سفارتي سوڀ قرار ڏنو ويو آهي جنگبنديءَ ۾ پاڪستان جي ڪردار کي ساراهيندڙن ۾ گڏيل قومن جو جنرل سيڪريٽري، آمريڪي ڪانگريس جو ميمبر ايراني پرڏيهي وزير پاڪستان ۾ برطانيه جو هاءِ ڪمشنر نيوزيلينڊ جو پرڏيهي وزير آسٽريليا جو وزيراعظم ۽ تاليوارا تجزيه ڪار ۽ مبصر شامل آهن بي بي سي جي رپورٽ موجب دنيا جي مختلف حصن مان سوشل ميڊيا تي تبصرن ۾ آمريڪا ۽ ايران جي جنگ بند ڪرائڻ ۾ پاڪستان جي تعريف ڪئي پئي وڃي. ان ڳالهه باوجود في الحال اها جنگبندي مشروط آهي ۽ عارضي نوعيت جي آهي آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هڪ پوري تهذيب کي تباهه ڪرڻ جي ڊيڊ لائن ختم ٿيڻ کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ پنهنجي سوشل ميڊيا فارم ٽروٿ سوشل تي اعلان ڪيو ته هو ايران خلاف ٿيل حملن کي ٻن هفتن لاءِ ملتوي ڪري رهيو آهي هن چيو ته اهو فيصلو هن پاڪستان جي وزيراعظم ۽ آرمي چيف جي درخواست تي ڪيو آهي ان کان فورن بعد ايران جي سپريم سيڪيورٽي ڪائونسل تصديق ڪئي ته آمريڪا سان هاڻ 10 نڪاتي ايجنڊا تي ڳالهين وارو عمل 15 ڏينهن لاءِ اسلام آباد ۾ جمعي کان شروع ٿيندو ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته ايران طرفان مان پنهنجي ڀائر ملڪ پاڪستان جي وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي خطي ۾ جنگ جي خاتمي لاءِ ڪيل انٿڪ ڪوشش تي دلي شڪريي جو اظهار ڪريان ٿو جتي ايران ۽ آمريڪا طرفان جنگبنديءَ کي پوري خاص ڪري وچ اوڀر لاءِ سٺو سنوڻ قرار ڏنو پيو رهيا آهن اتي عالمي مبصر ان کي پاڪستان جي هڪ وڏي سفارتي ڪاميابي قرار ڏيندي اُن جنگ کي روڪڻ ۾ اسلام آباد جي ڪردار کي ساراهي رهيا آهن پاڪستان ۾ برطانيه جي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ، وزيراعظم شهباز شريف جي ايران ۽ آمريڪا جي جنگبندي جي اعلان کي ايڪس تي شيئر ڪندي لکيو ته ان اهم جنگبنديءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ خاموش اثرائتي سفارتڪاري ڪردار ادا ڪرڻ تي پاڪستان جو شڪريو نيوزيلينڊ جي پرڏيهي وزير ونسٽن پيٽرز پنهنجي پيغام ۾ ايران ۽ آمريڪا طرفان جنگبندي جي اعلان کي سٺو سنوڻ قرار ڏيندي ته اسان ان بحران جي حل جي تلاش ڪرڻ لاءِ پاڪستان ترڪيه ۽ مصر جهڙن ملڪن جي ڪوشش جا ٿورائتا آهيون

صحت واري وزارت بيان ۾ ٻڌايو ته اڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات شهر تي اسرائيلي فضائي حملي ۾ 8 شهري شهيد ۽ 22 زخمي ٿي پيا مقامي ميڊيا موجب هي حملو شهر جي ساموندي علائقي (واٽر فرنٽ) تي ٿيو ڦائر برگيڊ جي عملي باهه وسائڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته لبناني فوجي واقعي واري هنڌ جو گهيرو ڪري ورتو هن ٻڌايو ته سندس ڪيمن واقعي واري هنڌ کان 6 زخمين کي منتقل ڪيو آهي صحت واري وزارت موجب جنگ جي شروعات کان هاڻ تائين لبنان تي ٿيل اسرائيلي حملن ۾ 1500 ماڻهن کان وڌيڪ شهيد ٿي چڪا آهن

گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي واپارين ۽ ٽرانسپورٽرن جي نمائندن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته مان خطي ۾ جنگ بندي تي پاڪستان جي عوام کي مبارڪباد ڏيان ٿو فيلڊ مارشل ۽ وزيراعظم جنگ بندي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو فيلڊ مارشل ۽ وزيراعظم جي ڪردار تي عالمي ميڊيا ۾ چرچا هلي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته ڀارت پاڪستان جي مثبت ڪردار کان ناخوش آهي هن چيو ته هن ڪاروباري برادري ۽ ٽرانسپورٽرن سان ڳالهيون ڪيون آهن پيٽروليم شين جي قيمتن ۽ مارڪيٽ جي وقت ۾ واڌ تي واپارين جا خدشا ٻڌا آهن پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائنس جي صدر ملڪ شهزاد اعوان چيو ته اڄ هڙتال جو فيصلو ڪيو ويو هو

ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا موجب اها ڳالهه روس جي خاص صدارتي ايلچي ۽ سي اي او رشين ڊائريڪٽ انويسٽمينٽ فنڊ ڪيريل ديمتريوف سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ چئي هن چيو ته ايراني بحران سان نيٽو برطانيه ۽ يورپي يونين جي شديد ڪمزوري ۽ آمريڪا سان ان جا اختلاف واضح ٿي ويا آهن

هن جاري ترقياتي ۽ مرمتي ڪمن، روڊن جي خراب حالت ۽ تازين برساتن کان پوءِ پيدا ٿيل صورتحال جو جائزو ورتو. ان موقعي تي وزيراعليٰ سنڌ جو خصوصي معاون نجمي عالم ٽائون چيئرمين فرحان غني، ڊي جي ڪي ڊي اي، ڊائريڪٽر ميگا پروجيڪٽس ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار پڻ ساڻس گڏ موجود هئا. صوبائي وزير ملير هالٽ، ملير ڇاوڻي روڊ، يونيورسٽي روڊ، ڪشمير روڊ، طارق روڊ ۽ جناح ايونيو سميت شهر جي اهم شاهراهن جو دورو ڪيو ۽ مختلف هنڌن تي جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي، معيار ۽ رفتار جو تفصيلي جائزو ورتو. دوري دوران جناح ايونيو ۽ طارق روڊ تي روڊ جي ويهجي وڃڻ وارن واقعن جو سخت نوٽيس وٺندي هن متاثر هنڌن جو موقع تي جائزو ورتو جتي روڊ ويهڻ سبب ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر ٿي ۽ ڪيترين ئي گاڏيون ڦاسي ويون. عملدارن بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته برساتي پاڻي جي وقت سر نيڪالي نه ٿيڻ ۽ زيرزمين ڍانچي جي ڪمزوري سبب روڊ متاثر ٿيو جڏهن ته هنگامي بنيادن تي مرمتي ڪم شروع ڪيا ويا آهن. صوبائي وزير بلديات جناح ايونيو ۽ ملير هالٽ روڊ تي جاري بحالي جي ڪم جو معائنو ڪندي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته متاثر روڊن جي فوري بحالي يقيني بڻائي وڃي

عرب جي اوڀرندي علائقي ۾ توانائي جي ڍانچي تي ميزائيل ۽ ڊرون حملن تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي انهن جي واضح لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي ڪالهه اڱاري ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان حملن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ جاني نقصان تي ڏکويل آهي ۽ اهم بنيادي ڍانچي کي پهچندڙ نقصان جي شديد مذمت ڪري ٿو

انويسٽيگيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل مجاهد اڪبر خان ڊائريڪٽر ايف آءِ اي ڪراچي زون سان گڏ اينٽي مني لانڊرنگ سرڪل ڪراچي جو اوچتو دورو ڪيو دوري دوران هلندڙ جاچ هيٺ ڪيسن ۽ جاري انڪوائريز جو تفصيلي جائزو ورتو ويو.ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل آفيسرن کان ڪيسن جي اڳڀرائي، ثبوتن جي معيار ۽ قانوني ڪارروائين بابت بريفنگ حاصل ڪئي

خلاف ڏنل تازي بيان کي " انتهائي ڳڻتي جوڳو " ۽ نفرت انگيز " قرار ڏنو هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن اهڙي بيان تي عمل ڪيو ويو ته عالمي قانون جي سنگين ڀڃڪڙي ۽ امڪاني طور تي جنگي ڏوهه ۾ شامل ٿيندو. سندس چوڻ هو ته شهرين ۽ سويلين ڍڪائن کي نشانو بڻائڻ عالمي قانون جي ابتڙ آهن

آمريڪا جي وچ ۾ جنگبندي کي ڀليڪار ڪندي چيو آهي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ جنگبندي علائقي ۾ پائيدار امن ڏانهن هڪ سٺو قدم آهي. هن چيو ته ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جنگبندي ڪرائڻ ۾ پاڪستان جو ڪياڪڙي وارو ڪردار انتهائي قابل تعريف آهي جنهن جو سهرو صدر پاڪستان آصف علي زرداري، وزيراعظم پاڪستان شهباز شريف، آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ پاڪستان کي مستحڪم ۽ خوشحال ڏسڻ ۽ ڏاهڻ لاءِ ڪوشش ڪندڙ سياسي جماعتن جي اڳواڻن جي سر وڃي ٿو.

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY
پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي

تصحيح نمبر 1

آچون گهرائجن ٿيون

آرڪائيو بلڊنگ CATI ۾ HVAC سهولتن جي تڪميل

ٽينڊر کولڻ جي تاريخ ۾ توسيع

قومي اخبارن (ايڪسپريس ٽريبون ۽ نواءِ وقت) ۾ 25 مارچ 2026 تي شايع ٽينڊر ۽ PAA ۽ PPRA ويب سائيٽس ۽ اِي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) تي اپ لوڊ ڪيل مٿي ڄاڻايل حوالي سان اطلاع ڏنو وڃي ٿو:

ٽينڊر جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ توسيع ڪئي وئي آهي، جواب 23 اپريل 2026 آهي، جڏهن ته پهريان اهو 17 اپريل 2026 هيو.

ٽينڊر جا ٻيا سيئي شرط ۽ ضابطا بنا ڪنهن تبديليءَ جي برقرار رهندا.

ڊويزنل انجنيئر ES E&M، سنڌ ڊويزن، CATI
ٽيليفون: 022-9260335-310

PID (K) - 3211/25

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته سنڌ حڪومت پاران ڊائريڪٽوريٽ آف اينيمل بريڊنگ سنڌ، حيدرآباد ۽ لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊپارٽمينٽ ذريعي هڪ پروگرام بعنوان "پرو-پور سوشل پروٽيڪشن اينڊ اڪنامڪ سسٽينيبلٽي انيشيئيٽوز" (غريبن لاءِ سماجي تحفظ ۽ معاشي استحڪام جو پروگرام) شروع ڪيو ويو آهي. هن پروگرام جو مقصد خاص طور تي ڪورونا وبا ۽ 2022ع جي ٻوڏ ڪانپوءِ جي معاشي اثرن جي نتيجي ۾ عوام کي سماجي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ سندن معيشت کي بهتر بڻائڻ آهي.

مالي سال 25_2024ع دوران، غربت جي جاچ جي بنياد تي معتبر اين جي اوز جي سهڪار سان، ٽن (03) ضلعن: ڄامشورو، ٺٽو ۽ سڄاول ۾ مستحق ماڻهن کي کير ڏيندڙ ڳئون ۽ مينهون مفت فراهم ڪيون ويون.

وڌيڪ هي ته، موجوده مالي سال 26_2025ع دوران، مذڪوره پروگرام کي وڌائي پنجن (05) ضلعن تائين وسيع ڪرڻ جو منصوبو آهي. پر مالي مشڪلاتن سبب، شروعاتي طور تي ضلعي بدين ۽ ٿرپارڪر ۾ ساڳئي معيار تي مال ورهايو پيو وڃي. مالي سال جي ٻي قسط ملڻ وجهه ڪانپوءِ باقي رهيل ٽن (03) ضلعن کي به پروگرام ۾ شامل ڪيو ويندو.

هن آفيس جي علم ۾ آيو آهي ته ڪجهه بدعنوان ۽ غير مجاز ماڻهو سوشل ميڊيا پليٽ فارمز، خاص ڪري فيس بڪ تي ڪوڙي ۽ گمراهه ڪندڙ معلومات ڦهلائي رهيا آهن (جنهن جو نقل منسلڪ آهي). جنهن ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊپارٽمينٽ پاران کير ڏيندڙ جانورن جي حاصلات لاءِ آن لائن درخواست فارم جاري ڪيو ويو آهي.

هتي واضح طور تي ترديد ڪئي وڃي ٿي ته لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊپارٽمينٽ، سنڌ حڪومت پاران اهڙو ڪو به آن لائن فارم جاري نه ڪيو ويو آهي. اهڙي قسم جي هر معلومات مڪمل طور تي بي بنياد، ڪوڙي ۽ فراڊ تي ٻڌل آهي.

ان ڪري، عام عوام کي سختيءَ سان هدايت ڪئي وڃي ٿي ته:

- سوشل ميڊيا يا ٻين غير رسمي ذريعن تي هلندڙ اڻ تصديق ٿيل معلومات تي ڀاڙڻ يا ان کي شيئر ڪرڻ کان پاسو ڪن.
- ڪنهن به غير مجاز شخص يا ايجنٽ کي پنهنجي ذاتي معلومات نه ڏين ۽ نه ئي ڪا فيس ادا ڪن.
- پروگرام بابت سموري معلومات صرف سنڌ حڪومت جي سرڪاري آفيسن ۽ مقرر ڪيل چينلن تان ئي تصديق ڪن.

اهو پڻ چتاءُ ڏنو وڃي ٿو ته جيڪو به شخص ڪوڙي معلومات ڦهلائڻ، روپ بدلائڻ يا عوام کي ٺڳڻ ۾ ملوث مليو، ان خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

اهڙن فراڊن جي روڪٿام ۽ مستحق ماڻهن جي مفادن جي تحفظ لاءِ عوام جو تعاون گهربل آهي.

عوامي مفاد ۾ جاري ڪيو ويو.

(ڊاڪٽر جمال الدين جوڻيجو)
ڊائريڪٽر،
اينيمل بريڊنگ سنڌ،
حيدرآباد

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT INF/KRY/1374/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ايران- امريڪا، اسرائيل جنگبنديءَ ۾ پاڪستان جو ڪردار
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي
ايران جنگ: چاڻڪيہ نيتي جي تناظر ۾..!
صفحو 4

راجا زاد اختر خانزاده
ايران سان جنگ جو وقفو، نه ڪو مڪمل فاتح، نه ڪو مڪمل مغلوب...
صفحو 4

حسن عباس
سنڌ ۾ اسڪولن جي حالت!
صفحو 4

ٽالپروڙا گورنمينٽ ڊسپينسري جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان محروم،عمارت زبون،دوائون اڻلڀ

عمارت زبون حال هجڻ سبب ڀوت خاني جو ڏيک ڏيڻ لڳي،ڊسپينسري عملو يونين ڪائونسل جي بلڊنگ ۾ ڪم ڪرڻ تي مجبور

ڊسپينسري بنيادي سهولتن کان محروم، دوائن جي شديد کوٽ هجڻ سبب ڳوٺاڻا پرائيويٽ اسپتالن ۾ مهانگو علاج ڪرائڻ تي مجبور

ڏهن سالن کان چوديواري نه هجڻ ڪري جانورن جو اسپتال ۾ داخل ٿيڻ معمول بڻيل،هر طرف گند ڪچري جا وڏا وڏا ڍير لڳي ويا

ڪنگهه،بخار،زڪام جي دوا بلڪل موجود ناهي،ڊسپينسري جي نئين بلڊنگ ٺهرائي بنيادي سهولتون ڏئي سندن بيچيني ختم ڪئي وڃي:شهري

سيتارجا (رپورٽ:سجاد علي ڪبر)ٽالپروڙا سنڌ گورنمينٽ جي تعاون سان هلندڙ شهر ٽالپروڙا جي واحد صحت جي سهولت ٽالپروڙا گورنمينٽ ڊسپينسري هن جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان محروم ڊسپينسري جي عمارت زبون حال هجڻ سبب ڀوت خاني جو ڏيک ڏيڻ لڳي ڊسپينسري جو عملو يونين ڪائونسل ٽالپروڙا (يوسي) جي بلڊنگ ۾ ڪم ڪرڻ تي مجبور دوائن جي شديد کوٽ پي پي ايڇ آءِ ڊسٽرڪٽ مئنيجر اڳهور ننڍ سٽل پي پي ايڇ آءِ خيرپور ۽ سنڌ گورنمينٽ جي تعاون سان هلندڙ ڊسپينسري شهر ٽالپروڙا ۽ آس پاس جي عوام لاءِ پي لاپ بڻيل ڪيترن ئي بنيادي سهولتن کان محروم پٽيوالي سميت هر مهيني ايندڙ دوائن جي شديد کوٽ هجڻ سبب ڳوٺاڻا پرائيويٽ اسپتالن ۾ مهانگو علاج ڪرائڻ تي مجبور گورنمينٽ ڊسپينسري ۾ گذريل ڏهن سالن کان چوديواري نه هجڻ ڪري جانورن جو اسپتال ۾ داخل ٿيڻ معمول بڻيل آهي پٽيوالو تقريبن 11 سالن کان گهر آهي جنهن سبب ڊسپينسري ۾ هر طرف گند ڪچري جا وڏا وڏا ڍير لڳي ويا آهن پنگي نه هجڻ ڪري ڊسپينسري جا واشروم اسٽاف جي استعمال لائق به نه رهيا آهن ليڊي ڊاڪٽرز کي پڻ وڏي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو گذريل ڇهن مهينن کان دوا جي شديد کوٽ آهي عملي کي آفيسرن پاران خالي دلاسن کان سواءِ ڪجهه نه مليو آهي موسم جي تبديلي سبب ڪنگهه بخار زڪام جي دوا بلڪل موجود ٿي ناهي جنهن ۾ ڪنگهه جو سيرپ بخار جون گوريون خارش جا ٽيوب شامل آهن ياد رهي ته ڊسپينسري جي بلڊنگ سال پهريان يونين ڪائونسل ٽالپروڙا جي آفيس ۾ منتقل ڪئي وئي هئي هن وقت به عملو پنهنجو ڪم يوسي ٽالپروڙا جي بلڊنگ (آفيس) ۾ سرانجام ڏئي رهيو آهي ڳوٺاڻن وزير اعلي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته ڊسپينسري جي نئين بلڊنگ ٺهرائي بنيادي سهولتون ڏئي سندن بيچيني ختم ڪئي وڃي

ٽنڊي ڄام جي ڪني پاڻي،نيڪال نه هجڻ سبب ڳوٺ سوڀو مگسي جي ٻنين کي ٻوڙي ڇڏيو

شهر جي گندي پاڻي کي ڳٽ ڪرڻ لاءِ ٺاهيل آڪسيڊيشن تلاءَ مان اهو پاڻي ڪيسانه موري وٽ روهڙي ڪئنال ۾ ڇاڏو هو

ٻن سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود به اهو منصوبو مڪمل نه ٿي سگهيو،گندو پاڻي ڳٽ تي اوور فلو ٿيڻ لڳو

زمين ٻن سالن کان پاڻي هيٺ آهي، گهر پڻ متاثر ٿيا آهن،آبادگار ۽ ڀرپاسي وارا ڳوٺ پڻ اهڙين مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن:علي مگسي

فصل تباهه ٿي ويا آهن ۽ زمينون ناقابلِ استعمال بڻجي ويون آهن،منصوبي کي جلد مڪمل ڪيو وڃي ۽ متاثر آبادگارن جي نقصان جو ازالو ڪيو وڃي

ٽنڊوڄام(ٽ ر)ڳوٺ سوڀو مگسي وٽ ٽنڊوڄام جي ڪني پاڻي جي تلاءَ جو نيڪال نه هجڻ سبب گندو پاڻي ۾ وارين ٻنين کي ٻوڙي ڇڏيو آهي شهر جي گندي پاڻي کي ڳٽ ڪرڻ لاءِ ٺاهيل آڪسيڊيشن تلاءَ مان اهو پاڻي ڪيسانه موري وٽ روهڙي ڪئنال ۾ ڇاڏو هو پر ٻن سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود به اهو منصوبو مڪمل نه ٿي سگهيو آهي جنهن ڪري گندو پاڻي ڳٽ تي اوور فلو ٿي رهيو آهي نتيجي طور گندو پاڻي ويجهن زرعي زمينن ۾ داخل ٿي ويو آهي مقامي آبادگار علي مگسي ٻڌايو ته سندس چار ايڪڙ زمين گذريل ٻن سالن کان پاڻي هيٺ آهي جڏهن ته سندس گهر پڻ متاثر ٿيو آهي ٻيا آبادگار ۽ ڀرپاسي وارا ڳوٺ پڻ اهڙين مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن جنهن جي فصل تباهه ٿي ويا آهن ۽ زمينون ناقابل استعمال بڻجي ويون آهن رهواسين جو چوڻ آهي ته برساتي موسم ۾ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وڃي ٿي جنهن سبب کين بچاءَ لاءِ عارضي بند ٻڌڻا پون ٿا علائقي واسين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته منصوبي کي جلد مڪمل ڪيو وڃي ۽ متاثر آبادگارن جي ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي

مورو سانحي جي 11 مهينن کان قيد 60 قيدين جي آزادي لاءِ احتجاج

ملاقاتون به بند آهن ضمانتون به روڪيون ويون آهن ڪيس به نٿا هلن:وارث

وزير اعلي ٻڌائي ته بيگناهه ماڻهن کي ڪهڙي ڏوهه ۾ جيل ۾ بند ڪيو آهي

ٻن نوجوانن کي شهيد ڪري ٻن نوجوانن کي گولين هڻي معذور ڪيو ويو

مورو (ن ع)مورو سانحي جي 11 مهينن کان 60 بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ ، 25ڏينهن به مورو پريس ڪلب آڏو قيدين جي وارثن مردن عورتن ٻارڙن نياڻين امڙين ونين ڀينرن ڀائرن پيرسن والدين شهرين وارثن ڪامران علي رستماڻي اسرار احمد پٺي علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو توڪل جويو آڪاش سنڌي نصير احمد ڪوڪر مراد علي لغاري فراز لغاري فرحان لغاري ۽ ٻين چيو ته سنڌ حڪومت 11 مهينا اڳ ڳوٺ لغاري ٻجراڻي ۽ شهر مورو جي پورهيتن مزدورن هارين استادن شاگردن دڪاندارن کي گهرن مان کڻي ڪافي وقت گم ڪري ڇڏيو بعد ۾ انهن تي دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ مغوي ڪري بند ڪري ڇڏيو آهي ملاقاتون به بند آهن ضمانتون به روڪيون ويون آهن ڪيس به نٿا هلن ڏين وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه اهو ٻڌائي ته 11 مهينن کان 60 بيگناهه ماڻهن کي ڪهڙي ڏوهه ۾ جيل ۾ مغوي ڪري رکيو ويو آهي پوليس کي ڪيس هلائڻ کان ڇو روڪيو ويو آهي ۽ عدالتن کي ضمانتن ڏيڻ کان ڇو روڪيو ويو آهي وزير اعلي انهن جو جواب ڏئي 20 مئي تي مورو جي روڊن تي پوليس ۽ حڪومت جي خانگي هٿياربند ماڻهن رتو چاڙ ڪري ٻن نوجوانن عرفان لغاري ۽ زاهد لغاري کي گولين هڻي شهيد ڪري محسن لغاري ۽ دلبر لغاري کي زخمي ڪري ٽنگن ۾ گوليون هڻي ڪري معذور ڪيو ويو لغارين جا گهر دڪان ڊاهيا ويا گهرن مان ڦرلٽ ڪري بيگناهه ماڻهن کي کڻي انساني سوز تشدد ڪري جيلن ۾ واڙيو ويو انهن سنڌو درياءَ مان 6 ڪينال ڪڍڻ ۽ سنڌ جي زمينن جي والار خلاف پر امن احتجاج ڪرڻ پئي چاهيو ته پوليس ۽ خانگي هٿياربند ماڻهن هٿيارن جا منهن کولي اهڙو ظلم ڪيو انصاف لاءِ 25 ڏينهن کان احتجاج ڪندا اچون پيا پر سنڌ ۽ سنڌو درياءَ سان محبت ڪرڻ وارن لاءِ سنڌ حڪومت انصاف جا دروازا بند ڪرائي 60 بيگناهه ماڻهن کي جيل ۾ مغوي ڪري رکيو ويو آهي جيستائين اسان جا پيارا آزاد نه ٿيندا ۽ انصاف جي فراهمي تائين اسان جو احتجاج جاري رهندو

مورو: مورو سانحي جي قيد 60 قيدين جي آزادي لاءِ وارث احتجاج ڪندي

مورو سب ڊويزن ۾ بدامني عروج تي،ٽن ڏينهن اندر ٻه موٽر سائيڪل چوري

مورو (ن ع)وزير داخلا سنڌ جي تڪ مورو سب ڊويزن ۾ بدامني عروج تي ٽن ڏينهن اندر ٻه موٽر سائيڪل جنهن ۾ صحافي ڪاشف لغاري نامعلوم چور ڏينهن ڏٺي جو موٽر سائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا جڏهن هڪ واقعي ۾ نادرا آفيس مورو ٻاهران هڪ شخص جي بيٺل موٽر سائيڪل ڪاهي فرار ٿي جڏهن ته دستگير ڪالوني ملاح چونڪ اندر مين گلي ۾ قائم عمران ملڪ جي دڪان ۾ نامعلوم هٿيار بند داخل ٿي سرعام هٿيارن جي زور تي نقد موبائل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته ڪامريڊجاويد احمد عالماڻي کان موبائل فون ڦر ڪري باآساني فرار ٿي ويا جنهن ڪري شهرين ۾ سخت خوف هراس ڇانيل آهي شهرين وزير داخلا سنڌ ضياء الحسن لنجار ۽ آئي جي سنڌ پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته مورو سب ڊويزن ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪيو وڃي

سکر ۾ ڊاگ ڪنٽرول ٽيم کي شاندارڪارڪردگي تي تعريفي سرٽيفڪيٽ جاري

سکر (بيورو رپورٽ)اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي سکر پاران ڊاگ ڪنٽرول ٽيم کي شاندارڪارڪردگي تي تعريفي سرٽيفڪيٽ جاري ڪئي وئي آهي.ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي سارا فراز ميونسپل ڪارپوريشن سکر جي ڊاگ ڪنٽرول (هيلٿ برانچ) ٽيم جي بهترين ڪارڪردگي کي ساراهيندي تعريفي سند جاري ڪئي اها سند ڊاگ ڪنٽرول ٽيم جي انچارج محمد دانش قريشي ۽ سندس ٽيم کي عوامي تحفظ لاءِ آوارهِ ڪتن جي آبادي کي ڪنٽرول ڪرڻ واري ڪامياب مهم تي ڏني وئي.تعريفي سند ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ٽيم جي بروقت ۽ ذميوارانه ڪارروائين شهرين کي ڪتن جي چڪڻ ۽ ٻين خطري وارن واقعن کان محفوظ بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ٽيم جي پيشورانه صلاحيت، فرض شناسي ۽ عوامي خدمت جي جذبي کي پڻ ساراهيو ويو جنهن سبب سکر شهر ۾ محفوظ ۽ صحتمند ماحول فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملي.واضح رهي ته اها تعريفي سند اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي سارا فراز (PAS)پاران ٽيم جي خدمتن جي اعتراف ۾ جاري ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊاگ ڪنٽرول (هيلٿ برانچ) جي محنت ۽ ڪميونٽي ويلفيئر لاءِ ڪردار کي خاص طور تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

ڪورنگي جي وزڊم هائوس اسڪول ۾ سالياني نتيجن جي شاندار تقريب

ڪورنگي سائيٽ (ن ع)ڪورنگي جي خورشيد چوڪ تي واقع وزڊم هائوس اسڪول ۾ سالياني نتيجن جي حوالي سان هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ تعليم سان گڏ ثقافتي رنگ پڻ نمايان رهيو. تقريب ۾ علائقي جي معزز شخصيتن خاص مهمان طور شرڪت ڪئي جن ۾ حاجي ايوب، دوست ناظم قاضي بدن اڪبر لاشاري، منٺار عباسي، عبدالخالق جمالي قادر ابڙو، روح الله اختر بگهيو عابد سولنگي ۽ سر اسد الله شامل هئا. تقريب دوران اسڪول جي استادن پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو جن ۾ ميڊم عميمه فراز گوپانگ، سر حماد، سر شاهد، مس سحر ۽ سر عاطف شامل آهن جن پنهنجي محنت سان پروگرام کي ڪامياب بڻايو.ان موقعي تي شاگردن پاران مختلف رنگارنگ ٽيبلوز پيش ڪيا ويا، جن ۾ قومي ۽ ثقافتي موضوعن کي خوبصورت انداز ۾ اجاگر ڪيو ويو جنهن کي مهمانن ۽ والدين طرفان ڀرپور ساراهه ملي. تقريب دوران نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ شيلڊون پڻ ورهايون ويون. تقريب جي پڄاڻي تي مهمانن کي سنڌ جي روايتي ثقافت موجب اجرڪ ۽ لنگهي جا تحفا پيش ڪيا ويا، جڏهن ته مهمانن پنهنجي خطابن ۾ تعليم جي اهميت تي زور ڏيندي شاگردن کي محنت ۽ لگن سان اڳتي وڌڻ جي تلقين ڪئي

سڪرنڊ پريس ڪلب جي وفد لالا ارشد خاصخيلي کي زيارتون ڪرڻ تي مبارڪون ڏنيون

سڪرنڊ (ن ع)سڪرنڊ پريس ڪلب جي وفد جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح جي اڳواڻيءَ ۾ شاهه سجل سامي فائونڊيشن جي چيئرمين ، ميونسپل ڪارپوريشن شهيد بينظيرآباد جي ميمبر لالا ارشد خاصخيلي سان ملاقات ڪري کيس مڪي مديني ، ڪربلا ۽ بغداد شريف جون زيارتون ڪري اچڻ تي کيس لکين ڀيرا مبارڪون ڏنيون وفد ۾ صحافي بشير لاشاري ۽ قاضي جاويد سنائي شامل هئا.ان موقعي تي لالا ارشد ڳالهائيندي چيو ته الله سائين خاص مهرباني ڪئي جو پنهنجي در، پنهنجي محبوب جي در ۽ محبوب جي ٻچڙن جي درن جي حاضري نصيب ڪئي هن وڌيڪ چيو ته هر ماڻهوءَ کي اهي زيارتون ڪرڻ گهرجن جنهن سان روحاني سڪون ملي ٿو مان پهريون ڀيرو پنهنجي فيملي سميت ويس اسان کي اهو پيارو سفر رهڻ تائين ياد رهندو دعا آهي ته الله سائين هر ڪنهن کي اهي زيارتون نصيب ڪرائي

نوڪري دوران عورتن کي هراسان ڪرڻ خلاف قانوني ڪم ٿي رهيو آهي:اقبال آرائين

هراسگي جي متاثر عورت ڏوهه خلاف بنا ڪنهن خرچ جي شڪايت ڪري سگهي ٿي

تحفظ لاءِ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ سکر آفيس ۾ 7 ڪيس رجسٽرڊ ٿيا آهن

سکر(بيورو رپورٽ)عورتن کي ڪم دوران هراسان ڪرڻ خلاف تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ سکر جي ڪنسلٽنٽ (ر) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج محمد اقبال آرائين چيو آهي ته نوڪري واري هنڌ عورتن کي هراسان ڪرڻ خلاف تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ قانون موجب ڪم ٿي رهيو آهي جتي جنسي ڏاڍائي هراسگي جي متاثر عورت انهي ڏوهه خلاف بنا ڪنهن خرچ جي شڪايت ڪري سگهي ٿي جيڪو قانوني ڏوهه ۽ سماجي برائي ۽ بيماري آهي ان سلسلي ۾ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ سکر جي ڪنسلٽنٽ (ر) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج محمد اقبال آرائين ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن غلام عباس ڳوراهو سان پنهنجي آفيس ۾ ملاقات دوران ڪيو هن چيو ته عورتن کي هراسان ڪرڻ خلاف قانون 2010 ۾ سينيٽ آف پاڪستان مان منظور ٿيل آهي جنهن مطابق سکر آفيس ۾ اهڙيون شڪايتون جي ٻڌڻيون ڪيون وينديون آهن ان موقعي تي سکر آفيس جي سيد منظور علي شاهه ٻڌايو ته عورتن کي ڪم دوران هراسان ڪرڻ خلاف تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ سکر آفيس ۾ 7 ڪيس رجسٽرڊ ٿيا آهن جنهن جا ڪيس هلي رهيا آهن صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ سکر جي ڪنسلٽنٽ (ر) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج محمد اقبال آرائين وڌيڪ چيو ته صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن تحت مختلف مقصدن مطابق جاڳرتا پروگرام ترتيب ڏنا پيا وڃن ۽ عوام جي آگاهي لاءِ جنسي نوعيت جي ناگواري پيش قدمي جسماني هراسمينٽ، غير اخلاقي روين زباني يا لکت ۾ اعتراض جوڳو رويو شامل آهي

سکر ۾ غيرقانوني سرگرمين جي اڏن بابت سنگين انڪشاف

آڪڙا پرچي جوا، آئس،گٽڪو ۽ چرس جو ڪاروبار جاري آهي:توفيق ٻنڊاڻي

سرگرمين جي پٺيان مبينه طور تي ڪجهه پوليس اهلڪارن جي سرپرستي شامل آهي

سکر (بيورو رپورٽ)سکر ۾ منشيات، جوا ۽ ٻين غيرقانوني سرگرمين جي اڏن بابت سنگين انڪشاف سامهون آيا آهن جنهن سبب شهر جي صورتحال ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي تي سوال اڀري رهيا آهن.ان سلسلي ۾ ٻنڊاڻي فلاحي تنظيم جي صدر توفيق ٻنڊاڻي پنهنجي رهائشگاهه تي پريس ڪانفرنس ڪندي دعويٰ ڪئي ته سکر جي مختلف علائقن ۾ آڪڙا پرچي جوا آئس گٽڪو ماوا ۽ چرس جو ڪاروبار عام طور تي جاري آهي جڏهن ته انهن سرگرمين جي پٺيان مبينا طور تي ڪجهه پوليس اهلڪارن جي سرپرستي شامل آهي.هن الزام لڳايو ته ڪجهه اهلڪار مبينا طور تي مهيني (منٿلي) وصول ڪري انهن غيرقانوني ڪاروبارن کي تحفظ فراهم ڪري رهيا آهن جنهن سبب منشيات فروش ۽ جوا جا اڏا بنا ڪنهن خوف جي پنهنجون سرگرميون جاري رکيا ويٺا آهن.توفيق ٻنڊاڻي اي سيڪشن ٿاڻي جي هيڊ محرر ۽ پوليس اهلڪار راڻا ستار تي به سنگين الزام لڳائيندي چيو ته انهن خلاف فوري طور شفاف انڪوائري ڪئي وڃي. سندس چوڻ هو ته سڪندر شيخ گذريل 14 سالن کان هڪ ئي جاءِ تي مقرر آهي ۽ مبينا طور "منٿلي انچارج" طور ڪم ڪري رهيو آهي.هن وڌيڪ الزام لڳايو ته منشيات خلاف آواز اٿارڻ تي سندس خلاف ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي ۽ کيس مختلف ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن.پريس ڪانفرنس دوران هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي سکر ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته کيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ نامزد پوليس اهلڪارن خلاف فوري، غيرجانبدار ۽ شفاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا سين.

پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه سڪرنڊ جي سينئر ورڪرن جي اهم گڏجاڻي

تنظيم غير فعال آهي،جنهن جي ڪري ورڪرن ۾ مايوسي آهي:علي نواز چانڊيو

سرڪاري آفيس ۾ ڪارو نهوار سواءِ ڏيتي ليتي (رشوت) جي نٿو ٿئي

سڪرنڊ (ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه سڪرنڊ جي سينئر ورڪرن جي اهم گڏجاڻي چانڊيا هائوس پير ڏاڪري تي حاجي علي نواز چانڊيو جي ميزبانيءَ هيٺ ٿي گذري جنهن ۾ پارٽي جي سينيئر ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ پارٽي جي مقامي پاليسين ۽ آفيسرن جي رويي سميت نا اميدي واري ڪيفيت تي کئي ڪلاڪ بحث هلڻ بعد هيٺيون قراداون پيش ڪيون ويون جيڪي اتفاق راءِ سان منظور ڪيون ويون تنظيم ضلعي کان وٺي وارڊن تائين غير فعال آهي جنهن جي ڪري عام ماڻهو ۽ ورڪر ۾ مايوسي آهي ، هڪ کان چار گريڊ جون نوڪريون DRCلسٽ باوجود لوڪل ورڪرن جا لسٽ ۾ نالا هجڻ باوجود نوڪريون پنهنجا نوازي تي ڏنيون ويون ضلع انتظاميه جي سرڪاري آفيس ۾ ڪارو نهوار سواءِ ڏيتي ليتي (رشوت) جي نٿو ٿئي يونين ڪائونسل ٽائون ڪاميٽي ۽ ميونسپل جا ترقياتي ڪم نمائندن جي چوڻ موجب پئسا فنڊ جي صورت ۾ ضلعي تنظيم کي ڏيڻ جي صورت ۾ ڪم ڪار ٿا ڪري سگهون،اجلاس ۾ اهو پڻ چيو ويو ته ايران اسان جو اسلامي ملڪ آهي جنهن تي اسرائيل ۽ امريڪا پاران جنگ مسلط ڪرڻ جي مزمت ڪيون ٿا اسان ايران سان گڏ آهيون اجلاس ۾ جن سينيئر ورڪرن شرڪت ڪئي انهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳوڻو ضلعي جنرل سيڪريٽري ڏاڏا غلام شاهه لغاري ، علي گل جلباڻي ، راڻو خان جلباڻي ، بخش علي مگسي ، ايڊوڪيٽ نظر محمد پرهياڙ ، امام الدين جلباڻي ، فقير يوسف علي زرداري ، غلام سرور رند ، عبدالجبار چانڊيو ، حاجي مراد علي ملاح ، سيد فياض علي شاهه ، عبدالحفيظ مگسي ، بلاول علي ڪيريو ، علي نواز پرهياڙ ، ممتاز علي لاشاري ۽ عامر علي چانڊيو سميت ٻيا شامل هئا

مٽياري: ندا پرويز پنهنجي ساهورن خلاف دانهين رهي آهي

ڏير،سس ۽ نڻان تشدد جو نشانو بڻائي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي:ندا پرويز

منهنجو گهر وارو پرويز خاصخيلي ڪجهه عرصو اڳ وفات ڪري ويو هو

نائي خالد،نڻان شهر بانو فهميده ۽ سجاد گڏجي مونکي پريشان ڪندا آهن

اغوا ڪيل معصوم پٽ کي فوري طور آزاد ڪرائي مونسان انصاف ڪيو وڃي

مٽياري (ڊ ر)ٽنڊو الهيار جي رهواسڻ مسمات ندا پرويز سٽي پريس ڪلب مٽياري تي پهچي دانهيندي چيو آهي ته سندس ڏير سس ۽ نڻان کيس سخت تشدد جو نشانو بڻائي سندس عزت کي پائمال بڻائي کيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي هن سٽي پريس ڪلب مٽياري تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو گهر وارو پرويز خاصخيلي ڪجهه عرصو اڳ وفات ڪري ويو هو جنهن بعد منهنجي نائي خالد خاصخيلي مونکي لاڳيتو حراسان ڪندو رهيو جڏهن ته سندس سس نڻان شهر بانو فهميده ۽ سجاد خاصخيلي وارا پڻ هن سان گڏجي مونکي پريشان ڪندا رهيا آهن ۽ هنن منهنجي گهر تي قبضو ڪري منهنجي معصوم پٽ مظفر علي سومرو کي اغوا ڪري ورتو آهي اٿون هن وقت مٽياري ۾ پنهنجي پيڻ جي گهر ۾ دربدر ٿي رهي آهيان جڏهن ته منهنجي سهورن جو ويجهو عزيز پوليس آفيسر آفتاب هاليپوٽو هنن جي مدد ڪري رهيو آهي سون ٽنڊو الهيار ٿاڻي تي درخواست داخل ڪرائي جتي منهنجو داد فرياد ڪرڻ بجاءِ پوليس مونکي ڌمڪيون ڏئي رهي آهي جنهن کان پوءِ تنگ ٿي مون مٽياري جي ڪورٽ ۾ 22 اي بي جي درخواست داخل ڪرائي آهي هن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي مٽياري ۽ ايس ايس پي ٽنڊو الهيار کان پرزور مطالبو ڪيو ته مونکي فوري تحفظ فراهم ڪيو وڃي منهنجو قبضو ڪيل گهر ۽ منهنجي اغوا ڪيل معصوم پٽ کي فوري طور آزاد ڪرائي مونسان انصاف ڪيو وڃي

ڏاٽڙي،ڪاراٽي ۽ سيهڻ امتحاني سينٽرن تي نائين ۽ ڏهين جا پيپر جاري

پيئڻ جي صاف پاڻي، سولر سسٽم سان گڏ جنريٽر هلائڻ جا انتظام ڪيا ويا

ڪاپي روڪڻ لاءِ سينٽرن اندر توڙي ٻاهران پوليس مقرر

ڪاپي روڪڻ لاءِ مڪمل اپاءَ ورتي رهيا آهيون:هيڊ ماسترن جون ميڊيا سان ڳالهيون

سيهڻ اسٽيشن (رپورٽ:وقار هيسباڻي) سيهڻ پرسان ڳوٺ ڏاٽڙي، ڳوٺ ڪاراٽي ۽ سيهڻ جي گورنمينٽ هاءِ اسڪولن جي امتحاني سينٽرن تي ساليانه نائين ۽ ڏهين جماعت جا امتحاني پيپر جاري آهن امتحان جي پهرين ڏينهن تي نائين جماعت جي سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين امتحاني پيپر ڏنا، نائين جماعت جي امتحانن جي فزڪس جي پهرين پيپر کان شروعات ڪئي وئي هئي ڏاٽڙي، ڪاراٽي ۽ سيهڻ امتحاني سينٽرن ۾ انتظاميه طرفان شاگردن لاءِ پيئڻ جي صاف پاڻي سميت سولر سسٽم سان گڏ بجلي نه هئڻ جي صورت ۾ جنريٽر هلائڻ جا انتظام ڪيا ويا آهن جڏهن ته ڪاپي روڪڻ لاءِ سينٽرن اندر توڙي ٻاهران پوليس مقرر ڪئي وئي آهي هوڏانهن گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏاٽڙي،ڪاراٽي ۽ سيهڻ جي هيڊ ماسترن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان ڪاپي روڪڻ لاءِ مڪمل اپاءَ ورتي رهيا آهيون هنن چيو ته اسڪولن اندر توڙي اسڪول ٻاهران پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن جيئن ڪاپي تي مڪمل ڪنٽرول ڪري سگهجي هنن چيو ته شاگردن لاءِ پاڻي سميت سولر ۽ جنريٽر هلائڻ جا سڀ انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن

سيهڻ اسٽيشن: امتحاني سينٽر تي شاگردياڻيون پيپر ڏئي رهيون آهن

منگهو پير ٽائون جي چيئرمين ملا حسين بروهي ڳوٺ جو دورو ڪيو

سيوريج لائينن جي صفائي ۽ بحاليءَ جو ڪم باقاعدي طور شروع ڪيو ويو

مشينري سان بند ٿيل لائينون کوليون ويون،پاڻي جي رهڪري کي بحال ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ)منگهوپير ٽائون جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي يونين ڪائونسل 13، ملا حسين بروهي ڳوٺ جو دورو ڪيو،جتي سيوريج جا پراڻا ۽ سنگين مسئلا علائقي جي رهواسين جي روزمره زندگي کي سخت متاثر ڪري رهيا هئا. گهٽين ۾ بيٺل گندو پاڻي بند نيڪاسيءَ جو نظام ۽ خراب ماحول ماڻهن لاءِ مسلسل تڪليف جو سبب بڻيل هو. علائقي وارن طرفان مليل شڪايتن تي نوٽيس وٺندي، چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پاڻ پهچي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو.چيئرمين جي موقعي تي موجودگي سان لاڳاپيل عملي کي فوري طور تي متحرڪ ڪيو ويو ۽ سندس سڌي نگراني ۾ سيوريج لائينن جي صفائي ۽ بحاليءَ جو ڪم باقاعدي طور شروع ڪيو ويو. ڳري مشينري جي مدد سان بند ٿيل لائينون کوليون ويون، پاڻي جي رهڪري کي بحال ڪيو ويو ۽ نيڪاسيءَ جي نظام کي فعال بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا ويا، جيئن علائقي کي فوري رليف ملي سگهي. ان موقعي تي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پنهنجي واضح ۽ مضبوط موقف جو اظهار ڪندي چيو عوام جا مسئلا اسان لاءِ صرف شڪايتون نه پر هڪ امانت ۽ ذميواري آهن. اسان صرف دفتري ڪارروائين تائين محدود نه آهيون پر جتي به عوام کي تڪليف هجي ٿي، اتي پاڻ موجود ٿيندا آهيون. سيوريج جهڙن بنيادي مسئلن ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي يا دير ناقابلِ قبول آهي. اسان جي اولين ترجيح رڳو ڪم شروع ڪرڻ نه پر ان کي جلد مڪمل ڪري عوام کي مستقل رليف فراهم ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته منگهوپير ٽائون جي سڀني يونين ڪائونسلن ۾ جاري ترقياتي ۽ مرمتي ڪم جي مسلسل نگراني ڪئي پئي وڃي ۽ هڪ جامع حڪمت عملي تحت مسئلن کي عارضي نه پر مستقل بنيادن تي حل ڪيو پيو وڃي

ڪراچي: منگهوپير ٽائون جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي سيوريج جي ڪمن جو جائزو وٺندي

ميهڙ ۾ ڪوچ سائيڪل هلائيندڙ 10 سالن جي معصوم مٿان چڙهي وئي

ڳوٺ حاصل ڪوسو واسي 10 ساله علي خان ڪوسو ٿڏي تي چيپاٽجي فوت

ضروري ڪاروائي ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي،لاش پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ميهڙ(ن ع)ميهڙ ڊگري ڪاليج کان ڪوچ سائيڪل هلائيندڙ 10 سالن جي معصوم مٿان چڙهي وئي، چيپاٽجي فوت،ميهڙ انڊس هاءِ وي ڊگري ڪاليج کان تيز رفتار ڪوچ سائيڪل سوار 10 سالن جي معصوم ڳوٺ حاصل ڪوسو جو رهواسي علي خان ڪوسو مٿان چڙهي وئي ٿڏي تي چيپاٽجي فوت ٿي سيڪشن پوليس لاش پوسٽ مارٽم جي لاءِ تعلقه اسپتال پهچايو ضروري ڪاروائي ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو پوليس ڪوچ ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو گاڏي به پوليس حراست ۾ ورتي ڇڏي آخري اطلاع ملڻ تائين ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ڪمشنر ميرپورخاص پاران روينيو سان لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ گڏجاڻي

هن ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي آفيس ۾ ضلعي روينيو عملدارن سان گڏجاڻي ڪئي

شڪايتن جي ازالي لاءِ قدم کڻڻ ۽ ڪنهن سان به ناانصافي ٿيڻ نه ڏيو:جلال الدين مهر

مٺي(ڊ-ر)ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص جلال الدين مهر روينيو عملدارن کي هدايت ڪئي آهي ته اهي روينيو سان لاڳاپيل ماڻهن جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪن هو اڄ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي آفيس ۾ ضلعي جي مڙني روينيو عملدارن سان گڏجاڻي ڪري رهيو هو.گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ڪمشنر ميرپورخاص عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهي پنهنجي آفيس ۾ عام ماڻهن لاءِ وقت مقرر ڪري ڪم ڪار لاءِ ايندڙ ماڻهن سان ملاقات ڪري سندن کاتن جي مٽا سٽا،سروي نمبرن جي درست داخلا سميت ٻين مسئلن شڪايتن جي ترت ازالي لاءِ منصفانا قدم کڻن ۽ ڪنهن سان به ناانصافي ٿيڻ نه ڏين هن هدايت ڪئي ته رڪارڊ ۾ فوتي توڙي وڪرو ڪندڙ ۽ خريد ڪرڻ واري جو کاتو ڪرڻ وقت وڏي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وڃي ته جيئن جعلي کاتن جي انٽري واري صورتحال کان بچي سگهجي، هن چيو ته رڪارڊ اپ ڊيٽ ڪرڻ ۾ مکيه ڪردار تپيدار ۽ مختيارڪار جو هجي ٿو جنهن ڪري ٻنهي جي وڏي ذميواري آهي.هن پڙتال،ديهن جو پنجون فارم تيار ڪرڻ سميت ٻين معاملن جي معلومات حاصل ڪئي، هن چيو ته فيلڊ بوڪ کي مناسب طريقي سان مينٽين ڪيو وڃي هن چيو ته پڙتال سان آباد ۽ غير آباد زمين جي صورتحال ۽ پوکي بابت خبر پوي ٿي جنهن لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنرن کي فيلڊ ۾ رهي ماڻهن سان ملڻ گهرجي ۽ پنهنجي ذميواري کي محسوس ڪندي ماڻهن سان دوستانا رويو رکڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اهي تعلقي سطح تي سنڌ سرڪار جي نمائندي طور ڪم ڪري رهيا آهن هن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي اها به هدايت ڪئي ته اهي سرڪاري زمين ۽ گئوچرن تي ٿيل قبضن کي هٽائڻ لاءِ مهم شروع ڪن ۽ قبضيدارن خلاف ڪاروائي ڪن هن اها به هدايت ڪئي ته شهرن ۾ وڌندڙ مهنگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ مارڪيٽن جا اوچتا دورا ڪن هن گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي وڌيڪ چيو ته روينيو کاتي ۾ تپيدارن سميت ٻئي عملي جي ترقين لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ته جيئن بهترين عملداري کي يقيني بنائي سگهجي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي ڪمشنر ميرپورخاص کي ٿرپارڪر ضلعي جي بيهڪ،تعليمي ادارن ۽ صحت سميت ٻين انتظامي معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ڏنل بريفنگ تي ڪمشنر پنهنجي اطمينان جو اظهار ڪندي تعليم ۽ صحت جي سهولتن ۾ وڌيڪ بهتري آڻڻ جي ضرورت تي زور ڏنو گڏجاڻي ۾ سمورن روينيو عملدارن شرڪت ڪئي

مسوري ڳوٺي ۽ ڀرپاسي جا آبادگار،ونڻ،مرچ،ڪريلو،ڀينڊي سميت ٻيا فصل پوکي نه سگهيا

ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ سبب ڪڻڪ جي فصل لهڻ کان پوءِ زمين جي کيڙي جا اگهه وڌي وڃڻ ڪري علائقي جي سوين ايڪڙ زمين غير آباد پيل

مسوري ڳوٺي جي علائقي ۾ ڪڻڪ جو فصل لهي ويو،مگر مناسب ايوريج نه اچڻ ڪري آبادگار طبقو قرضي ٿي ويو

آبادگار توڙي زمينن ۾ ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت طبقو به سخت متاثر،ٽريڪٽر مالڪن زمين کيڙي جي قيمتن ۾ واڌ ڪري ڇڏي

ڊيزل جي اگهن ۾ لاٿ ڪري آبادگارن کي رليف ڏنو وڃي ته جيئن هو فصل پوکي پنهنجو گذران ڪرڻ جهڙا ٿي سگهن:آبادگار

مسوري ڳوٺي(رپورٽ:غلام قادر وسير) مسوري ڳوٺي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ تيل جي اگهن ۾ تاريخي ريڪارڊ واڌ سبب ڪڻڪ جي فصل لهڻ کان پوءِ زمين جي کيڙي جا اگهه وڌي وڃڻ ڪري علائقي جي سوين ايڪڙ زمين غير آباد پيل ، آبادگار هاري ۽ مزدور طبقو سخت پريشاني جو شڪار،مسوري ڳوٺي جي علائقي ۾ ڪڻڪ جو فصل لهي ويو،مگر مناسب ايوريج نه اچڻ ڪري آبادگار طبقو قرضي ٿي ويو آهي مٿان وري ڪٽڻ جي فصل لاءِ ٻج ڀاڻ زرعي دوائون هيٺ مهانگيون ٿي ويون،جنهن سبب،آبادگار توڙي زمينن ۾ ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت طبقو به سخت متاثر ٿيو آهي ، تيل جي قيمتن ۾ واڌ جي ڪري ٽريڪٽر ڳاٽي توڙ مالڪن زمين کيڙي جي قيمتن ۾ واڌ ڪري ڇڏي آهي جنهن ڪري هارين جا معي تي هٿ اچي ويا آهن ، هتان جي آبادگارن پاران حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ڊيزل جي اگهن ۾ لاٿ ڪري آبادگارن کي رليف ڏنو وڃي ته جيئن هو فصل پوکي پنهنجو گذران ڪرڻ جهڙا ٿي سگهن

مسوري ڳوٺي: کيڙي جا اگهه وڌڻ سبب زمينون غير آباد پيل نظر اچي رهيون آهن

ڪوٽ غلام محمد ۾ مهانگائي خلاف عوامي ڪاوڙ لاوو بڻجي ڦاٽي نڪتي،پيادل احتجاجي ريلي

نادرا چوڪ کان پريس ڪلب تائين فيصل ڪاڇيلو جي اڳواڻي ۾ پيادل احتجاجي ريلي ۾ هزارين پورهيتن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مهانگائي نامنظور جا نعرا فضا ۾ گونجندا رهيا،نڪتل وڏي پيادل احتجاجي ريلي عوامي سمنڊ جو منظر پيش ڪيو

حڪمرانن عوام کي مهانگائي جي اونداهي دلدل ۾ ڌڪي پاڻ عياشين ۾ مصروف آهن،غريب ماڻهو ماني لاءِ پريشان بڻجي ويو آهي:فيصل ڪاڇيلو

عوام ووٽ جي طاقت کي سڃاڻي،اهڙن حڪمرانن کي چونڊي جيڪي واقعي عوام جا خيرخواهه هجن،نه ڪي اهي جيڪي رڳو پنهنجا مفاد ڏسن

ڪوٽ غلام محمد: مهانگائي خلاف نڪتل ريلي کي اڳواڻ خطاب ڪندي

هي عوامي ريلي هڪ واضح پيغام ڏئي وئي ته هاڻي عوام خاموش رهڻ لاءِ تيار ناهي ۽ پنهنجي حقن لاءِ هر حد تائين وڃڻ جو ارادو رکي ٿو

ڪوٽ غلام محمد (ٽ ر)ڪوٽ غلام محمد جي ڌرتي تي مهانگائي خلاف عوامي ڪاوڙ لاوا بڻجي ڦاٽي نڪتي، جتي نادرا چوڪ کان پريس ڪلب تائين فيصل ڪاڇيلو جي اڳواڻي ۾ نڪتل وڏي پيادل احتجاجي ريلي عوامي سمنڊ جو منظر پيش ڪيو. هزارين پورهيتن، مزدورن، ڏهاڙيدار ۽ عام شهري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي. جتي "مهانگائي نامنظور" جا نعرا فضا ۾ گونجندا رهيا.ريلي کي خطاب ڪندي فيصل ڪاڇيلو چيو ته حڪمرانن عوام کي مهانگائي جي اونداهي دلدل ۾ ڌڪي پاڻ عياشين ۾ مصروف آهن. جڏهن ته غريب ماڻهو ٻن وقتن جي ماني لاءِ پريشان بڻجي ويو آهي. هن چيو ته پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ بي قابو واڌ نه صرف آمد و رفت ۽ زراعت کي به تباهه ڪري ڇڏيندي، جنهن سان ڀاڻ، دوائون، ٽرانسپورٽ ۽ کاڌي پيتي جون شيون عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر ٿي وينديون.هن وڌيڪ چيو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ته عوام پنهنجي ووٽ جي طاقت کي سڃاڻي ۽ اهڙن حڪمرانن کي چونڊي جيڪي واقعي عوام جا خيرخواهه هجن، نه ڪي اهي جيڪي رڳو پنهنجا مفاد ڏسن. "جيڪڏهن اڄ به اسان نه سجاڳ ٿياسين ته سڀاڻي اسان جي ٻچڙن جو مستقبل به خطري ۾ پئجي ويندو". هن خبردار ڪيو.ريلي کي حاجي فتح خان چانڊيو، ڊاڪٽر دلدار لغاري، احسان الله جروار ۽ عادل ساند پڻ خطاب ڪيو. جن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته وڌايل اگهن کي فوري طور واپس ورتو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو.ڪوٽ غلام محمد جي گهٽين ۾ نڪتل هي عوامي ريلي هڪ واضح پيغام ڏئي وئي ته هاڻي عوام خاموش رهڻ لاءِ تيار ناهي ۽ پنهنجي حقن لاءِ هر حد تائين وڃڻ جو ارادو رکي ٿو

دادو جي نئين ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي سخت کوٽ

ڇهه ڊاڪٽر ۽ چار اسٽاف نرسون پنهنجي من پسند جاين تي بدلي ڪرائي ويا

علاج لاءِ ايندڙ مريضن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي:شهري

ڊاڪٽرن جي کوٽ ختم ڪرائي وڃي ته جيئن عام ماڻهن کي علاج جون سهولتون ملي سگهن

دادو(ڊ ر)دادو جي نئين ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي سخت کوٽ،مريضن کي سخت ڏکيائن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال مان ڪجهه ئي عرصي ۾ ڇهه ڊاڪٽر ۽ چار اسٽاف نرسون پنهنجي من پسند جاين تي بدلي ڪرائي ويا اسپتال مان ڊاڪٽر مجيب الرحمان عباسي ڊاڪٽر عبدالرشيد ملاح ڊاڪٽر نويد مرزائي ڊاڪٽر فهد سميجو ڊاڪٽر مجاهد جمالي ليڊي ڊاڪٽر ماهه نور انصاري سميت چار اسٽاف نرسون شامل جيڪي بدلي ڪرائي هليا ويا جنهنجي نتيجي ۾ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي کوٽ پيدا ٿي وئي ۽ اسپتال ۾ علاج لاءِ ايندڙ مريضن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي دادو جي شهرين علي رضا محمد امين نصير احمد طاهر خان ۽ ٻين چيو ته ڪيترن عرصي جي جدوجهد کانپوءِ اسپتال شروع ٿيو ته عام ماڻهن کي بهتر علاج جون سهولتون ملڻ شروع ٿيو ته اوچتو وڏي انگ ۾ ڊاڪٽرن جي بدلين کان پوءِ ايندڙ مريضن کي سخت ڏکيائن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن سنڌ جي وزيراعليٰ صوبائي وزير صحت ۽ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق کان مطالبو ڪيو آهي ته ڊاڪٽر جي بدلين جو نوٽيس وٺي ڊاڪٽر جي کوٽ ختم ڪرائي وڃي ته جيئن عام ماڻهن کي علاج جون سهولتون ملي سگهن

بوزدارواڙا ۾ سوناري تي 5 لک جا نقلي زيور ڏيڻ جو

قلندر بخش بوزدار محلي واسين سوناري عدنان عباسي خلاف احتجاج

سوناري نقلي زيور ڏئي کين پنج لک روپين کان وڌيڪ نقصان

سوناري کان پنهنجو اصل سون واپس گهريو ته هو ڌمڪيون ڏيڻ لهي آيو

بوزدارواڙا(ن ع)بوزدارواڙا ۾ 5 لک جي سون جو فراڊ بوزدار وڏا عدنان سوناري تي نقل زيور ڏيڻ جو الزام شهرين جو احتجاج بوزدار وڏا شهر جي قلندر بخش خان بوزدار محلي جي رهواسين مقامي سوناري عدنان عباسي خلاف سخت احتجاج ڪيو آهي شهرين الزام هنيو آهي ته سوناري اصل سون جي زيورن جي جاءِ تي نقل زيور ڏئي کين پنج لک روپين کان وڌيڪ نقصان پهچايو آهي ان موقعي تي محمد اسلم بوزدار شاهد بوزدار خدا بخش بوزدار ۽ علي حيدر بوزدار ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته هنن عدنان عباسي سوناري کي هڪ تولو هڪ آنو سون صفائي لاءِ ڏنو هيو پر جڏهن اهو ساڳيو سون راڻيپور ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ کنيو ويا ته اتي جي سوناري ان کي نقل قرار ڏنو هنن چيو ته واقعي بعد جڏهن هو واپس بوزدار وڏا آيا ته عدنان سوناري پنهنجي دڪان تان فرار ٿي ويو.هن وڌيڪ الزام لڳائيندي چيو ته اسان سوناري کان پنهنجو اصل سون واپس گهريو ته هو ڌمڪيون ڏيڻ لهي آيو احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي خيرپور ۽ ايس ايڇ او بوزدار وڏا کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سندن اصل قيمتي سون واپس ڪرائي کين انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي طرف الزام هيٺ آيل سوناري عدنان عباسي رابطي ڪرڻ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وحيد بوزدار منهنجي دڪان تي ڪم ڪندو آهي ۽ اسلم بوزدار سون کڻي آيو جنهن تي وحيد بوزدار چيو ته هي منهنجو ماسات آهي هن جي شادي آهي هن کي سونا زيور پالش ڪري ڏيو ۽ منجهند جو سون کي دڪان تي ڏنو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو وري ڪئي ويا ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ وري اسلم سامان کڻي آيوجنهن چيو ته سونا زيور نقلي آهن جنهن جو بعد ۾ سون اسلم بوزدار کي پاڪ ڪتاب تي ساک ڏني ته سون ڪو به فراڊ ناهي ڪيو

جامعه اشرفيه سکر جي زير اهتمام 74هين نئين تعليمي سال جي افتتاحي تقريب

سکر (بيورو رپورٽ)جامعه اشرفيه سکر جي زير اهتمام 74هين نئين تعليمي سال جي افتتاحي تقريب جامعه اشرفيه سکر ۾ منعقد ڪئي وئي جيڪا مدرسي جي مهتمم ۽ صدر نامور مذهبي اسڪالر مولانا محمد اسعد ٿانوي جي سرپرستي هيٺ ٿي. تقريب ۾ نائب مهتمم قاري احمد مصطفيٰ ٿانوي، حافظ احمد اويس ٿانوي، مولانا عبد الغفار قاسمي صاحبزاده انجنيئر محمد فيصل ٿانوي، ناظم مدرسه قاري جميل احمد ٻنڊاڻي قائمقام ناظم اعليٰ مفتي محمد ياسين، مفتي شفيع محمد انڍڙ شعبه تعلقات عامه قاري عقيل احمد ٻنڊاڻي سميت شاگردن استادن علماء ڪرام ۽ عام ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.تقريب کي خطاب ڪندي علماء ڪرام اسلام جي تعليمات، موجوده دور ۾ امت مسلمه کي درپيش چئلينجز ۽ معاشرتي اصلاح جي موضوعن تي تفصيلي روشني وڌي مقررن قرآن و سنت جي روشني ۾ مسلمانن جي انفرادي ۽ اجتماعي ذميوارين، اخلاقي قدرن جي اهميت ۽ نوجوان نسل جي ديني تربيت تي خاص زور ڏنو هنن چيو ته موجوده دور ۾ ديني شعور کي اجاگر ڪرڻ ۽ اسلامي تعليمات کي عام ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.ان موقعي تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي استحڪام ۽ امت مسلمه جي ڀلائي لاءِ خاص دعائون پڻ ڪيون ويون ٻئي طرف منتظمين موجب هن اجتماع جو مقصد عوام ۾ ديني بيداري پيدا ڪرڻ قرآن مجيد سان تعلق مضبوط ڪرڻ ۽ معاشري ۾ اصلاح ۽ فلاح جو پيغام عام ڪرڻ آهي هنن عوام کي اپيل ڪئي ته ديني پروگرامن ۾ شرڪت ڪري پنهنجو ايمان تازو ڪن ۽ قرآن مجيد جي تعليمات مان فائدو حاصل ڪن

گهوٽڪي ۾ وزيراعظم يوٿ اسڪيم تحت ليپ ٽاپ ورهائڻ لاءِ تقريب

شاهه لطيف يونيورسٽي ڪيمپس ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ليپ ٽاپ فراهم ڪيا ويا

درست انگ اکر شفافيت ۽ ميرٽ تي سختي سان عمل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي:وائيس چانسلر

گهوٽڪي(ن ع)شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ڪيمپس گهوٽڪي ۾ وزيراعظم يوٿ ليپ ٽاپ اسڪيم تحت شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهائڻ لاءِ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾استادن، انتظاميه ۽ شاگردن وڏي انگ شرڪت ڪئي. تقريب جا مهمان خاص وائس چانسلر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرلوريس پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ هئا، جڏهن ته ٻين مهمانن ۾ ڪيمپس گهوٽڪي جا پرو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مقصود ضياءَ احمد شاهه ۽ فيڪلٽي ميمبرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي وائس چانسلر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ چيو ته وزيراعظم پاڪستان ميان محمد شهباز شريف جي هدايتن تي شروع ڪيل يوٿ ليپ ٽاپ اسڪيم تحت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ميرٽ جي بنياد تي مفت ليپ ٽاپ فراهم ڪيا پيا وڃن. هن چيو ته ان قدم جو مقصد نوجوانن کي جديد ٽيڪنالاجي سان ليس ڪرڻ ۽ تعليمي ۽ تحقيقي سرگرمين کي همٿ ڏيڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته موجوده دور ۾ ڊجيٽل تعليم ۽ تحقيق جي فروغ لاءِ درست انگ اکر شفافيت ۽ ميرٽ تي سختي سان عمل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي، ته جيئن حقدار ۽ قابل شاگرد ئي هن سهولت مان فائدو حاصل ڪري سگهن. هن زور ڏنو ته اسڪيم ۾ شفاف طريقيڪار اختيار ڪيو پيو وڃي ته جيئن ڪنهن به قسم جي بي ضابطگي جي گنجائش نه رهي. وائس چانسلر وڌيڪ چيو ته ليپ ٽاپ اسڪيم سان شاگردن کي جديد گهرجن مطابق تعليم حاصل ڪرڻ، آن لائن تحقيق ڪرڻ ۽ پنهنجي صلاحيتن ۾ واڌارو ڪرڻ جا بهتر موقعا ملندا، جيڪي کين عملي زندگي ۾ ڪامياب بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا

ترجمان حڪومت سنڌ هير سوهو جي صدارت هيٺ سجاول ۾ اجلاس

اجلاس ۾ ضلعي ۾ هلندڙ مختلف ترقياتي منصوبن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

تيل ۽ گئس جي کوهن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ۾ ترجيح ڏني وڃي:هير سوهو

سجاول (ڊ ر)ترجمان حڪومت سنڌ ۽ ميمبر صوبائي اسيمبلي هير سوهو جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس سجاول ۾ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي ۾ هلندڙ مختلف ترقياتي منصوبن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سجاول زاهد حسين رند، اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور بٺورو راشد علي لوهاچ، ماڙي انرجي جي نمائندي ڪرنل (ر) علي، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ انجنيئرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ايم پي اي هير سوهو ميرپور بٺورو ۾ دريافت ٿيل تيل ۽ گئس جي کوهن بابت هدايت ڏيندي چيو ته مقامي ماڻهن کي روزگار جي فراهمي ۾ ترجيح ڏني وڃي هن چيو ته سنڌ حڪومت عوامي ڀلائي لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي ۽ ترقياتي منصوبن جي بروقت تڪميل حڪومت جي اولين ترجيح آهي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سجاول زاهد حسين رند چيو ته سڀني هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جي لاڳيتو نگراني ڪئي پئي وڃي ۽ ڪنهن به قسم جي غفلت يا دير برداشت نه ڪئي ويندي هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ڪم جي معيار ۽ رفتار کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن عوام کي وقت سر سهولتون مهيا ڪري سگهجن. اجلاس ۾ يو سي دريا خان سوهو، يو سي ڪامارو ميرپور بٺورو ۾ ڀيرو بلاڪ اسڪيمز ۽ ٻنو ۾ ڀيرو بلاڪ ۽ پلن جي تعمير وارن منصوبن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو. منصوبن ۾ سست رفتاري تي ايم پي اي هير سوهو ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڪاوڙ جو اظهار ڪندي واضح ڪيو ته دير جي صورت ۾ لاڳاپيل ٺيڪيدارن ۽ آفيسرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ايم پي اي هير سوهو ميرپور بٺورو جي بيوٽيفڪيشن فيملي پارڪ ۽ ٻين ترقياتي منصوبن ۾ دير تي به سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي هدايت ڪئي ته فوري طور ڪم شروع ڪيو وڃي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر زاهد حسين رند وڌيڪ چيو ته ضلعي انتظاميه عوام کي بهتر ماحول، صاف پاڻي ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي. اجلاس ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته سنڌ حڪومت جي ترقياتي ويزن تحت ضلع سجاول ۾ هلندڙ سڀئي منصوبا جلد مڪمل ڪري عوام کي رليف فراهم ڪيو ويندو

ٽنڊوقيصر واسڻ پيرسن عورت پاران لکين روپين جي ٺڳي خلاف احتجاج

ٽنڊوڄام(ٽ ر)ٽنڊوڄام ويجهو ٽنڊوقيصر جي رهواسڻ پيرسن عورت مسمات حوا پنهنجي مڙس گل محمد لوهار سان گڏ لکين روپين جي ٺڳي خلاف ٽنڊوڄام پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو. انهي موقعي تي مسمات حوا الزام مڙهيندي چيو ته رافيعه زال سجيڏنو ٻاگهل کيس سون ۽ رقم ٻيڻي ڪرڻ جو لالچ ڏئي 20 تولا سون ۽ 16 لک رپيا ٺڳي وئي، هن چيو ته عورت مبينا طور جادو ۽ ڌاڳي ڦيڻي جا عمل ڪندي ماڻهن کي ورغلائي ٿي ۽ اڳ به ڪيترن سان اهڙي قسم جون واردتون ڪري چڪي آهي. هن چيو ته پنهنجا دڪان وڪڻي سڄي رقم عورت کي ڏني، پر هاڻي رقم واپس ڪرڻ بجاءِ موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. هن چيو ته ايس ايس پي ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کي درخواستون به ڏنيون آهن پر ڪو به تدارڪ نه ٿيو آهي. هن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي رقم واپس ڪرائي وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڻيار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 09 اپريل 2026ع

ايران- امريڪا، اسرائيل جنگبنديءَ ۾ پاڪستان جو ڪردار

ايران- امريڪا، اسرائيل ۾ جاري جنگ کي روڪرائڻ لاءِ پاڪستان جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي، تنهن جي پوري دنيا معترف آهي، ڇو ته ٻنهي طرف جون ڌريون انتها تي بيٺل هيون. اُنهن کي ميڄائڻ ۾ پاڪستان جي قيادت جو ڪردار نهايت اهم رهيو آهي. خاص ڪري وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير خطي ۾ استحڪام لاءِ ڪوششون ڪيون ۽ نتيجي طور تي ٻن هفتن جي عارضي جنگبندي ڪئي وئي. اهو واضح آهي ته هيءَ ڪاميابي ڪنهن به ملڪي سفارتڪاريءَ لاءِ آسان ڪم نه هو. ان بابت صدر ٽرمپ جو چوڻ آهي ته هيءُ فيصلو پاڪستان جي قيادت سان ڳالهين ۽ درخواستن جي نتيجي ۾ ٿيو آهي، جنهن ۾ پاڪستاني قيادت ايران خلاف ڪنهن به فوري فوجي حملو ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي. ان جنگبنديءَ جي اهميت صرف عارضي رڪاوٽ تائين محدود نه آهي پر خطي ۾ پائيدار امن لاءِ نئين راهه کولڻ ۾ مددگار ثابت ٿي آهي. پاڪستاني وزيراعظم جي تجويز تي ايران آبنائي هرمز کي مڪمل محفوظ ۽ فوري انداز ۾ کولڻ تي رضامند ٿيو جنهن سان عالمي تيل جي رسد ۽ معاشي استحڪام لاءِ اهم قدم کنيو ويو. پاڪستان جي ڪردار کي عالمي برادري، خاص ڪري آمريڪا طرفان ساراهيو ويو. وائيٽ هائوس جي هڪ عهديدار موجب اسرائيل به عارضي جنگبنديءَ تي رضامند ٿيو ۽ فوجي ڪارروائي روڪڻ ۽ ڳالهين ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي. هي مڪمل طور تي پاڪستان جي سفارتي ڪوشش جو نتيجو آهي. جنهن خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ ذميوار، معتدل ۽ اثرائتو ڪردار نڀايو. پاڪستان جي قيادت جو هي قدردان قدم صرف سفارتي مهارت تائين محدود ناهي پر خطي ۾ ايماندارانه ڪوشش ۽ پائيدار امن جي لاءِ اخلاقي ذميواريءَ کي به نمايان ڪري ٿو جنهن سان عالمي برادريءَ ۾ پاڪستان جو اعتماد وڌيو آهي.

هتي اِهو بحث اڃايو آهي ته کهڙي ڌُر سوڀاري رهي ۽ ڪنهن کي شڪست ملي؟ اسين سمجهون ٿا سڀ کان اهم ڳالهه اِها آهي ته انسانيت، امن ۽ پائيداري جي سوڀ ٿي آهي. جيتوڻيڪ اڃا ڪيترا ئي مرحلا اڳيان طئي ٿيڻا آهن. ٻئي ڌريون پاڪستان جي ميزبانيءَ ۾ ڳالهين جي ميز تي ويهنديون. جنهن دوران مامرا طئي ڪيا ويندا. اُميد اِها ئي اٿئون ته هاڻ وڌيڪ ڪنهن بگاڙ کان دنيا کي محفوظ رکيو ويندو. ڇو ته گذريل سوا مهيني جي جنگي صورتحال سبب نه رُڳو ايران، پر امريڪا ۽ اسرائيل کي به وڏي نقصان مان گذرڻو پيو آهي. امريڪا جيڪو هيستائين پنهنجو پاڻ کي سُپر طاقت سمجهندو رهيو آهي، اُن موجوده جنگ ۾ نه رُڳو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪيو بلڪ جن به مُلڪن مان اُن کي اُميد هُئي سي سڀئي ڪانئس ڏور رهيا. ايستائين جو وچ اوڀر جي مُلڪن به جنگي صورتحال ۾ صبر ۽ تحمل کان ڪم ورتو جڏهن ته نيٽو جي ميمبر مُلڪن به پرائي باهه ۾ ڪُڏي پوڻ کان معذرت ڪري ورتي. جا ڳالهه امريڪا لاءِ سڀ کان وڌيڪ تڪليفده هُئي. جنهن ڪري صدر ٽرمپ سخت ۽ غير مهذباڻي ٻولي اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي تباهيءَ جون ڌمڪيون ڏيڻ لڳو. ٻي طرف ايران به پنهنجي موقف تي بيٺو رهيو بلڪ ايران جي عوام پنهنجي قومي اثاثن جي حفاظت لاءِ انساني زنجير جوڙي مخالفن کي جواب ڏنو ته اُهي نه رُڳو پنهنجي مُلڪ جي حفاظت خاطر جانيون قربان ڪري سگهن ٿا. پر پنهنجي قيادت سان به سلهاڙيل آهن. هوڏانهن معاشي مونجهارن به پوري دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو هو. جنهن ڪري ٻنهي ڌرين کي هڪ هنڌ ويهي ڳالهيون ڪرڻ ۾ پاڪستان جي قيادت کي ڪاميابي نصيب ٿي. اسين سمجهون ٿا پاڪستان جي ٽياڪڙيءَ واري ڪردار ۽ سفارتي ڪوشش جي نتيجي ۾، وچ اوڀر ۾ هڪ اهم امن جي راهه کولڻ ۾ مدد ملي آهي. ٻن هفتن جي عارضي جنگبندي دوران امڪاني ڳالهين ۽ سفارتي رابطن لاءِ فضا پيدا ٿي آهي. جيڪا خطي جي مستقبل جي استحڪام لاءِ هڪ مثبت قدم آهي. پاڪستان جي قيادت کي نه صرف قومي سطح تي پر عالمي سطح تي به ساراهيو وڃي ٿو جتي انهن پاڪستان کي هڪ ذميوار ۽ اثرائتي سفارتي قوت طور پيش ڪيو آهي. جنهن ڳالهه مان واضح ٿئي ٿو ته سفارتڪاري، مستقل مزاجي ۽ ذميواريءَ جي بنياد تي ڪنهن به خطي ۾ بحران کي امن ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو

ايران جنگ: چاڻڪيه نِتي جي تناظر ۾..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

اسان جي پاڙيسري علائقي ۾ لڳل تازي جنگ وچ اوڀر، عالمي سياست، معيشت، سلامتي ۽ طاقت جي توازن کي لوڏي ڇڏيو آهي. اڱاري جي اڌ رات جڏهن مان هن ڪالم کي آخري شڪل ڏئي رهيو هئس، تڏهن سڄي دنيا ساهه روڪي ويٺي هُئي ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان ايران جي تهذيب ۽ تمدن کي تباهه ڪرڻ لاءِ ڊڊ لائن ختم ٿيڻ بابت بيچيني ۾ مبتلا هُئي. عالمي ميڊيا پاڪستان جي ميزباني هيٺ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٿيڻ واري تجويز ڪيل جنگبندي معاهدي کي 'اسلام آباد اڪارڊ' جو نالو ڏئي رهي آهي جڏهن ته بين الاقوامي مبصرن جو چوڻ آهي ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ڪامياب سفارتڪاري سبب اسلام آباد عالمي سفارتي افق تي چمڪي رهيو آهي. وچ اوڀر بابت منهنجي اڳ ۾ به ڪافي تحقيق رهي آهي ۽ جڏهن کان ايران جنگ شروع ٿي آهي، آئون مقامي ۽ عالمي ميڊيا تي گهري نظر رکي رهيو آهيان پر هن شديد ڇڪتاڻ کي سمجهڻ لاءِ مون کي سڀ کان وڌيڪ رهنمائي هزارين سال اڳ ٽيڪسلا ۾ رهندڙ عظيم فلسفي ڪوٽليا چاڻڪيه جي ڪتاب 'ارٿ شاستر' مان ملي آهي.

اسلام آباد ڳالهين دوران ايراني وفد اِهو موقف اختيار ڪيو ته عارضي جنگبندي بدران عالمي پابندين جو مڪمل خاتمو، مستقل جنگبندي ۽ خطي ۾ پائيدار امن جي ضمانت هجڻ گهرجي. منهنجي نظر ۾ ايران جو هي رويو چاڻڪيه جي ڪتاب 'ارٿ شاستر' جي اُنهيءَ اصول سان نهڪي اچي ٿو ته جنگ دوران ڪمزوري ڏيکارڻ سڀ کان وڏي شڪست آهي ۽ هر رياست کي پنهنجي قومي خودمختياري ۽ وقار جو هر حال ۾ دفاع ڪرڻ گهرجي. موجوده جنگي حالتن ۾ ايران هڪ پاسي ميزائل ۽ ڊرون حملن ذريعي سخت عسڪري جواب ڏنو آهي، ته ٻئي پاسي اسلام آباد وسيلي سفارتڪاري جا دروازا به کليل رکيا آهن. جيڪو اڄ به چاڻڪيه جي بيان ڪيل 'ٻٽي حڪمت عملي' جي عڪاسي ڪري ٿو.

چاڻڪيه جو چوڻ هو ته جيڪڏهن دشمن وڌيڪ طاقتور هجي ته اڪيلو مقابلو ڪرڻ بدران اتحاد ٺاهڻ گهرجن اڄ جڏهن گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ روس ۽ چين ايران جي حمايت ۾ آمريڪا خلاف ويٽو ڪن ٿا، تڏهن 'ارٿ شاستر' جو اهو اصول ياد اچي ٿو ته 'دشمن جو دشمن دوست هوندو آهي' چاڻڪيه جي پرڏيهي پاليسي جو مرڪزي نظريو 'راج منڊل' آهي، جنهن موجب هر طاقتور رياست پنهنجي چوڌاري اثر جو هڪ اهڙو دائرو قائم ڪندي آهي، جنهن ۾ اينڊڙ پاڙيسري رياستون ان جي سياسي، معاشي ۽ ثقافتي اثر هيٺ اچي وڃن ٿيون منهنجي نظر ۾ ايران طرفان وچ اوڀر ۾ طاقت جو توازن برقرار رکڻ لاءِ 'محورِ مزاحمت' جي حڪمت عملي تحت پنهنجن حامين جو وسيع نيٽ ورڪ ٺاهڻ به ان ئي سوچ جو عڪس آهي چاڪاڻ ته اڪيلو وڻ طوفان ۾ ڪري پوي ٿو پر جهنگ قائم رهي ٿو آئون سمجهان ٿو ته ايران جي فوجي حڪمتِ عملي ۾ چاڻڪيه نِتي جا اصول به واضح نظر اچن ٿا، جهڙوڪ 'يان' (جنگ جي تياري) ۽ 'وِگ راهه' (جنگ جو رستو). ايران نه رڳو اڳواٽ تياريون ڪيون، پر جنگ شروع ٿيڻ تي اسرائيل ۽ خطي ۾ آمريڪي اڏن تي سڌا ميزائل حملا ڪري مخالف اتحاد کي خوف ۾ مبتلا ڪيو. چاڻڪيه مطابق اهڙي صورتحال 'غير متوازن جنگ' جي مثال آهي، جتي ڪمزور ڌر طاقتور دشمن کي روايتي جنگ بدران مختلف محاذن تي اُلجهائي ٿڪائي ڇڏيندي آهي ساڳيءَ ريت چاڻڪيه اِهو به چوي ٿو ته رياست کي دشمن خلاف سڌي جنگ سان گڏ معاشي ۽ جاگرافيائي دٻاءُ کي به هٿيار طور استعمال ڪرڻ گهرجي اڄ اسان ڏسون ٿا ته ايران طرفان آبنائي هرمز بند ڪرڻ يا توانائي جي فراهمي متاثر ڪرڻ جون ڪوششون عالمي معيشت کي شديد بحران ۾ وجهي رهيون آهن

ان کان علاوه، چاڻڪيه اندروني استحڪام کي به انتهائي اهميت ڏئي ٿو جيڪڏهن رياست اندروني طور ڪمزور هجي، سياسي انتشار هجي يا عوام ۾ بيچيني هجي ته دشمن آسانيءَ سان فائدو وٺي سگهي ٿو جنگ جي شروعاتي ڏينهن ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل اِهو سمجهي ويٺا هئا ته ايران جي قيادت کي ڪمزور ڪرڻ سان عوام پاڻ حڪومت خلاف اٿي بيهندو، پر ائين نه ٿيو 'ارٿ شاستر' موجب ڪامياب حڪمران اهو هوندو آهي جيڪو حالتن جو گهرو جائزو وٺي، مختلف امڪانن تي غور ڪري، پوءِ بهتر حڪمتِ عملي اختيار ڪري. هاڻي جڏهن جنگ ٻئي مهيني ۾ داخل ٿي چڪي آهي، لڳي ٿو ته ايران تي جنگ مڙهيندڙ ڌريون نه ته حالتن جو صحيح جائزو وٺي سگهيون آهن ۽ نه ئي ڪا مؤثر حڪمتِ عملي اختيار ڪري سگهيون آهن. ڇا ايران پنهنجي صدين پراڻي تهذيب کي جديد سُپر پاور جي حملي کان بچائي سگهندو؟ چاڻڪيه موجب ڪنهن به رياست جي بقا حڪمران جي دور انديشي ۽ حالتن مطابق فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت تي دارومدار رکي ٿي. ايران کي هن وقت صرف فوجي طاقت نه، پر حڪمت، سفارتڪاري ۽ نفسياتي حڪمتِ عملي سان به مقابلو ڪرڻو پوندو ايراني قيادت کي سمجهڻ گهرجي ته حڪمت، صبر ۽ حالتن مطابق لچڪ ڏيکارڻ سان ئي اصل طاقت برقرار رکي سگهجي ٿي. منهنجي نظر ۾ وچ اوڀر جو بحران هاڻي صرف علائقائي تڪرار نه رهيو آهي، پر هڪ اهڙي رياست جي مزاحمت، حڪمتِ عملي ۽ قومي وقار جي جنگ بڻجي چڪو آهي جيڪا سالن کان عالمي پابندين کي منهن ڏئي رهي آهي. هن سڄي منظرنامي کي سمجهڻ لاءِ چاڻڪيه نِتي هڪ مؤثر فڪري ڍانچو مهيا ڪري ٿي. چاڪاڻ ته ڪامياب رياست اها ئي هوندي آهي جيڪا پنهنجي عوام کي جنگ جي تباهڪاري کان بچائي امن استحڪام ۽ خوشحالي کي يقيني بڻائي.

سنڌ ۾ اسڪولن جي حالت!

حسن عباس

ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ سماجي تنظيم پاران عيد جي حوالي سان ٻارن ۾ ڪپڙا ورهائڻ واري تقريب ۾ شرڪت ڪيم جتي ٻين سرڪاري آفيسرن سان گڏ تعليم کاتي جا ضلعي سطحي جا اعليٰ آفيسر به موجود هئا پر مون کي افسوس ٿيو ته انهن مان ڪنهن جو به ٻارن سان گڏ اسڪول جي حالت سان ڪوبه سروڪار نه پئي لڳو بس هو پنهنجي واريءَ جي انتظار ۾ هئا ته ٻارن کي ڪپڙا ڏيندي فوٽو ڪيرائي وٺون ۽ تقرير ڪري واهه واهه ڪرائي هليا وڃون ٿيو به ائين ئي نه هنن اسڪول جو جائزو ورتو نه ٻارن کان سندن درد ڪٿا معلوم ڪئي بس هليا ويا پر منهنجي نظر صوفن تي ويٺل آفيسرن جي اڳيان قرتيءَ تي ويٺل گلن جهڙن ٻارڙن ۽ اسڪول جي کنڊر بڻيل عمارتي ڍانچي جو پئي جائزو ورتو نه چوديواري، نه ڪمرن جي ڇت جي حلت سٺي نه ڪلاسن ۾ فرنيچر، نه استادن جي ويهڻ لاءِ ڪا ڍنگ جي ڪرسي خير اتان ته هليو آيس پر ڇڻ خيال اتي ئي رهجي ويا، جن اتان وٺي ئي پئي ذهن کي جنجهوڙيو پوءِ هڪ دوستڙي کي ڪال ڪيم، جيڪو مختلف ادارن پاران سنڌ جي تعليمي نظام جي سروي ڪري چڪو آهي ۽ سرڪار به گهٽي پاڳي ڪجهه علائقن جي تعليمي معلومات ان کان حاصل ڪري وٺندي آهي ان کي مون چيو ته ڏس گهٽي پاڳي مون کي به ڪافي حد تائين سنڌ جي تعليمي صورتحال جي خبر آهي پر تو وٽ اچان ته تون پڪا انگ اکر يا معلومات ڏئي سگهين ٿو هن چيو ته ڪوشش ڪندس پوءِ ان وٽ هليو ويس ۽ بحث ۾ پئجي وياسين ۽ ائين سنڌ ۾ اسڪولن ۽ تعليم جي حلت بابت ڪجهه ڄاڻ ملي جيڪا لکي رهيو آهيان چوندا آهن ته تعليم ڪنهن به سماج جي شعور، ترقي ۽ خوشحاليءَ جو بنيادي سرچشمو هوندي آهي دنيا جون ترقي يافته قومون ان ڪري اڳتي وڌيون آهن جو انهن تعليم کي پنهنجي ترجيحن ۾ سڀ کان مٿي رکيو آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌ جهڙي تاريخي، ثقافتي ۽ علمي ورثي واري ڌرتيءَ ۾ اڄ به تعليم جو شعبو ڪيترن ئي مسئلن جو شڪار آهي سنڌ جي تعليمي مشينريءَ کي ڪنهن سازش تحت ناڪارا بڻايو پيو وڃي، اڪثر ماڻهن کان اهوئي ٻڌندا آهيون ته سنڌي ماڻهوءَ کي خاص ڪري ڳوٺاڻن کي قبيلائي جهيڙن، سماجي براين، غربت ۽ ٻين مرضن ۾ مبتلا ڪري تعليم کان پاسيرو رکيو ٿو وڃي ته جيئن هو پڙهي سوال ڪرڻ نه سگهي وڃن خير اهو بحث اڃا ٻيو آهي ڪنهن ٻئي پيري ضرور لکبو، اڄ رڳو تعليم بابت لکڻ ٿو چاهيان. خاص [illegible] جيڪي صرف هڪ استاد جي ذميواري تي هلن ٿا. هڪ استاد کي مختلف ڪلاسن کي گڏ پڙهائڻو پوي ٿو. جنهن ڪري تعليم جو معيار سخت متاثر ٿئي ٿو اهڙي صورتحال ۾ نه استاد پنهنجو فرض مڪمل طور ادا ڪري سگهي ٿو ۽ نه ئي شاگردن کي صحيح نمونې تعليم ملي سگهي ٿي. بنيادي سهولتن جي اڻهوند سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جو سڀ کان وڏو مسئلو بڻيل آهي ڪيترن ئي اسڪولن ۾ اڄ به اهي سهولتون موجود ناهن. جيڪي هڪ تعليمي اداري لاءِ لازمي سمجهيون وڃن ٿيون مختلف وقتن تي ٿيل تعليمي سروي رپورٽن موجب تقريبن 26 هزار اسڪولن ۾ صاف پيئڻ جي پاڻيءَ جي سهولت موجود ناهي، لڳ ڀڳ 20 هزار کان وڌيڪ اسڪولن ۾ ٽوائليٽ موجود ناهن. 23 هزار کان وڌيڪ اسڪولن وٽ فرنيچر موجود ناهي، لڳ ڀڳ 12 هزار اسڪولن ۾ بجليءَ جي سهولت ناهي تقريبن 19 هزار اسڪولن کي چوديواري ناهي، سوين اسڪولن جي عمارتن جون ڇتيون ايتريون ته ڪمزور آهن جو انهن جي ڇانوَ ۾ ڪو ويهڻ لاءِ تيار ناهي، مطلب ته اسڪولن جي حلت ٻاهرين سماج کي ٻڌائڻ جهڙي ئي ناهي اهڙا انگ اکر نه رڳو تعليمي نظام جي ڪمزورين کي ظاهر ڪن ٿا پر اهو پڻ ثابت ڪن ٿا ته هزارين شاگرد اهڙي ماحول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن جيڪو نه رڳو غيرمعياري پر غيرمحفوظ به آهي خاص طور تي ڇوڪرين جي تعليم لاءِ باؤنڊري وال ۽ ٽوائليٽ جهڙيون سهولتون نهايت ضروري آهن جن جي کوٽ سبب ڪيترن ئي والدين کي پنهنجي نياڻين کي اسڪول موڪلڻ ۾ هٻڪ محسوس ٿئي ٿي سنڌ ۾ تعليم جي بحران جو هڪ ٻيو وڏو رخ اسڪول کان ٻاهر ٻارن جو وڌندڙ تعداد آهي مختلف تعليمي سروي ۽ عالمي ادارن جي رپورٽن موجب صوبي ۾ لڳ ڀڳ 78 لک ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن اهو انگ نه رڳو سنڌ پر سڄي ملڪ لاءِ ڳڻتي جوڳو آهي انهن ٻارن جو وڏو انگ غربت، سماجي مسئلن، اسڪولن جي کوٽ ۽ تعليم بابت شعور جي گهٽتائي سبب تعليم کان محروم رهجي وڃي ٿو ڳوٺاڻن علائقن ۾ صورتحال وڌيڪ سنگين آهي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ اسڪول نه قائم ڪيا ويا آهن پر انهن جي عمارتن جي حلت انتهائي خراب آهي ڪجهه اسڪولن جي ڇت نه هجڻ سبب شاگرد کليل آسمان هيٺان پڙهڻ تي مجبور آهن ڪٿي وري اسڪولن جون عمارتون مقامي وڏيرن، سردارن ۽ ڀوتارن جي اوطاقن ۽ پالتن لاءِ استعمال ٿي رهيون آهن ان سان گڏ اسان سڀني جو ڪردار به انتهائي اهم آهي اسان کي گهرجي ته پنهنجي ٻارن جي تعليم کي اوليت ڏيون ۽ کين اسڪول موڪلڻ کي پنهنجو فرض سمجهون ۽ تعليمي ناڪارا سسٽم خلاف سگهارو آواز اٿاريون پنهنجي علائقي جي اسڪولن جي پاڻ ملڪي ڪيون. جڏهن ته سنڌي ميڊيا، [illegible] واري صورتحال کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو ڇو ته تعليم جي روشني ئي اها قوت آهي جيڪا ڪنهن به قوم کي جهالت جي اونداهيءَ مان ڪڍي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي راهه تي آڻي سگهي ٿي. سنڌ جي مستقبل جو سمورو دارومدار به ان ڳالهه تي آهي ته اسان ڳالهين بدران عملي طرح وڌ ۾ وڌ تعليم تي ڌيان ڏيون ۽ سنڌ جي تعليم ۽ سنڌ جي اسڪولن جي حالت کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ آواز بڻجي نتيجا ڏيندڙ قدم کڻون

آمريڪا جي فضائن مان

ايران سان جنگ جو وقفو: نه ڪو مڪمل فاتح، نه ڪو مڪمل مغلوب...

راجا زاهد اختر خانزادو

هيءَ جنگ رڳو بارود، ڌماڪن ۽ ميزائلن جي جنگ نه هئي، هيءَ اعصاب جي جنگ هئي، ارادن جي جنگ هئي ۽ ان کان به وڌيڪ هيءَ ان سوال جي جنگ هئي ته جديد دنيا ۾ طاقت جي اصل تعريف ڇا رهي آهي. جڏهن دونهون اٿي ٿو ته سچ لڪي وڃي ٿو، پر جڏهن دونهون ويهي ٿو ته سوال وڌيڪ صاف ٿي وڃن ٿا. اپريل جي انهيءَ رات ۾، جڏهن دنيا ساهه روڪي ويٺي هئي، گهڙيون رڳو وقت نه ٻڌائي رهيون هيون، پر هڪ ممڪن تباهيءَ جي اُبتي ڳڻپ پڻ ٻڌائي رهيون هيون.

۽ پوءِ اوچتو جڏهن هر طرف اهو احساس وڌي رهيو هو ته ايندڙ لمحو شايد تاريخ جو سڀ کان خطرناڪ قدم هوندو، تڏهن لفظن بارود کي روڪي ڇڏيو. جڏهن صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي ڌمڪيءَ کي توقف ۾ تبديل ڪيو. ۽ وزيراعظم پاڪستان شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير سفارتڪاريءَ کي جنگ جي وچ ۾ آڻي بيهاريو. تڏهن لڳو ڄڻ ڪنهن جلندڙ منظرنامي جي وچ ۾ هڪ باريڪ پر روشن ليڪ ڇڪي ڇڏي هجي. اها ليڪ جنگ ۽ امن جي وچ ۾ نه هئي، اها ليڪ غرور ۽ عقل جي وچ ۾ هئي. ان لمحي دنيا محسوس ڪيو ته طاقت رڳو هٿيارن ۾ نه هوندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن طاقت ان فيصلي ۾ هوندي آهي جيڪو آخري پل ۾ تباهيءَ کي روڪي ڇڏي. اهي پندرهن ڏينهن رڳو وقت نه آهن، اهي هڪ آزمائش آهن. هڪ وقفو جنهن ۾ هر ڌر پنهنجا زخم ڏسي رهي آهي، پنهنجي ڪهاڻي لکي رهي آهي ۽ پنهنجي ڪمزوريءَ کي فتح جي لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. سوال اهو ناهي ته جنگ رڪي، سوال اهو آهي ته ڪير جهڪيو، ڪير بيٺو رهيو ۽ ڪير وقت خريد ڪري ويو.

آمريڪا اعلان ڪيو ته هن پنهنجا سڀ فوجي هدف حاصل ڪري ورتا آهن وڏيون طاقتون هميشه پنهنجون ڪهاڻيون پاڻ لکن ٿيون ۽ گهڻو ڪري انهن کي فتح جي روشنيءَ ۾ پيش ڪن ٿيون، پلي حقيقت ان جي هيٺان چونڊ لڪل هجي واشنگٽن دنيا کي اهو باور ڪرائڻ چاهيو ته ڪنٽرول اڃا به ان جي هٿ ۾ آهي، ته جنگ کي روڪڻ به ان جي مرضي آهي ۽ وڌائڻ به. پر حقيقت وڌيڪ پيچيده آهي. آمريڪا جنگ کي ان حد تائين نه وٺي وڃي سگهيو، جتان واپسي ناممڪن هجي. اندروني سياسي دٻاءُ وڌيو، ان جي ٻوليءَ تي تنقيد ٿي ۽ ان جي ڌمڪين پاڻ ان کي سوالن جي سامهون آڻي بيهاريو. هي اهو لمحو هو جڏهن طاقت کي پنهنجي حد جو احساس ٿيو. تنهن ڪري هي هڪ جزوي فتح آهي، پر ان جي اندر بيچيني به لڪل آهي.

هاڻي ايران ڏانهن ڏسون ته تصوير هڪ ٻيو رخ اختيار ڪري ٿي. ايران هن جنگ بنديءَ کي جهڪي نه، پر سنڀالي قبول ڪيو. هن آبنائي هرمز کي کوليو پر اهڙي نموني جو دنيا کي ياد رهي ته اهو دروازو اڃا به ان جي قبضي ۾ آهي اها ئي اصل راند آهي. ايران عالمي دٻاءُ کي گهٽايو پر پنهنجي گرفت برقرار رکي. هن ڳالهين جي ميز تي پنهنجا نقطا رکيا ۽ دنيا کي ٻڌايو ته ان کي صرف شڪست جي خاني ۾ نه ٿو رکي سگهجي ايران جو بيانيه صاف آهي ته اسان هارايو ناهي، اسان وقت خريد ڪيو آهي.

ايران هڪ ئي وقت ڪمزور به ٿيو آهي ۽ مضبوط به. ڪمزور ان ڪري ته ان کي نقصان ٿيو، ان جي فوجي طاقت تي ضرب پئي، ان جا نيٽ ورڪ متاثر ٿيا پر مضبوط ان ڪري ته اهو باقي رهيو، ان پنهنجي جاءِ برقرار رکي ۽ دنيا کي مجبور ڪيو ته ان سان ڳالهائي. ڪجهه رياستون شڪست کان پوءِ ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ ڪجهه شڪست کان پوءِ وڌيڪ اهم ٿي وڃن ٿيون. ايران هن وقت انهيءَ ٻئي قسم ۾ نظر اچي ٿو.

اسرائيل لاءِ هي مرحلو مڪمل فتح جو نه، پر هڪ اسٽريٽيجڪ فائدي جو آهي هن ايران کي نقصان پهچايو ان جي اثر کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي دفاعي موقف کي مضبوط ڪيو. پر ان جي باوجود هڪ حقيقت برقرار آهي ته ايران ختم نه ٿيو. اسرائيل حملو ڪري سگهي ٿو، دٻاءُ وڌائي سگهي ٿو، پر اهو ان سوچ کي ختم نٿو ڪري سگهي، جيڪا ايران کي هڪ مستقل قوت بڻائي ٿي. اها ئي هن جنگ جي سڀ کان وڏي سچائي آهي ته هتي ڪو به مڪمل طور تي پنهنجي مقصد تائين نه پهتو.

۽ پوءِ پاڪستان جو ڪردار سامهون اچي ٿو. جيڪو هن سڄي ڪهاڻي ۾ هڪ غير متوقع پر اهم موڙ آهي. پاڪستان رڳو اپيل نه ڪئي، پر هڪ رستو ڏيکاريو. هن جنگ جي عروج تي مداخلت ڪئي، ٻنهي ڌرين کي هڪ پل تي آڻي بيهاريو ۽ اسلام آباد کي ڳالهين جو مرڪز بڻايو. هيءَ سفارتڪاري رڳو لفظ نه، پر عمل آهي. پاڪستان ٻهراڙين پيرو رڳو بيان نه ڏنو، پر نتيجو پيدا ڪيو. شايد اهو مڪمل ڪاميابي نه هجي، پر هڪ نئين شروعات ضرور آهي.

هاڻي جيڪڏهن اهو سوال پڇون ته ڪنهن کٽيو، ته جواب سادو ناهي. آمريڪا چوندو ته اسان کٽيو، ايران چوندو ته اسان ناهي هارايو، اسرائيل چوندو ته اسان نقصان پهچايو ۽ پاڪستان چوندو ته اسان جنگ روڪڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو. پر حقيقت انهن سڀني جي وچ ۾ بيٺي آهي. ڪو به مڪمل فاتح ناهي. هر ڪنهن ڪجهه حاصل ڪيو ۽ هر ڪنهن ڪجهه وڃايو.

هيءَ جنگ اسان کي اهو سيکاري ٿي ته طاقت جي تعريف بدلجي رهي آهي. طاقت رڳو فوج نه آهي، رڳو معيشت نه آهي، طاقت اها به آهي جيڪا جنگ کي روڪي سگهي. شايد هن مرحلي جي سڀ کان وڏي فتح وقت جي آهي ۽ سڀ کان وڏي شڪست انساني غرور جي.

هاڻي ايندڙ ڏينهن فيصلو ڪندا ته هي پندرهن ڏينهن هڪ نئين امن جي شروعات آهن يا هڪ وڏي طوفان کان اڳ جي خاموشي. جيڪڏهن ڳالهيون ڪامياب ٿيون ته وچ اوڀر هڪ نئين توازن ڏانهن وڌندو. جيڪڏهن ناڪام ٿيون ته اهو وقفو هڪ وڌيڪ خطرناڪ جنگ جي تمهيد بڻجي ويندو.

آخر ۾ اهو چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو ته هيءَ جنگ ختم نه ٿي آهي، رڳو رڪجي وئي آهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن تاريخ جو سڀ کان خطرناڪ لمحو اهو هوندو آهي، جڏهن بندوق خاموش ٿي وڃي، جڏهن دونهون ويهي وڃي ۽ جڏهن انسان پاڻ کي فاتح سمجهڻ لڳي، ڇاڪاڻ ته ڪجهه خاموشيون امن نه هونديون آهن. اهي رڳو ايندڙ شور جي شروعات هونديون آهن.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

مِنهِه جَنهِن جي مُون، ڏِئو مُنهَن مِيهارَ جو،
آهي سَاهَه سَنئُون، سو ڪِيئَن گهڙو گهورِيان.

مِنهه = ٻهاني، سبب. / سَاهَ = جان، جسم، وجود. / سنئون = برابر، سانڍيل / گهوريان = ٻن وڃهان، ڇڏي ڏيان. (سر- سهڻي،مرتب ڀاڻهون خان شيخ)

سهڻي کي جڏهن سرتين، جيڏين سمجهايو ته هاڻ ان دِلي يا گهڙي کي ڇڏي ڏي يعني ميهار سان تعلق ختم ڪرا هاڻ ته اهو سچو سڪڻو آهي، هو نوڪر بڻجي چڪو آ، تون پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي گهڙي تي درياهه پار ڪري ٿي وڃين، هاڻ ڦٽو ڪر دلي کي! سهڻي سرتين کي جواب ڏئي ٿي ته "ان گهڙي جي ٻهاني ته مون کي پنهنجي محبوب ميهار سان ملايو جو هو اسان وٽان روزانو دلا وٺڻ ايندو هو ۽ اسان جي لٽون لڳي وئي، هاڻي ته هي گهڙو پنهنجي ساهه کان وڌ مٿو اٿم، سو ان کي پڇي ضايع ته ٿي ڪري سگهان، اهو ته منهنجي نينهن جي نشاني آهي، اهو مون لاءِ سڀ کان وڌ قيمتي آهي، لطيف سائين به پنهنجي ٽالي جيان اسان جي لطيف جذبن، احساسن، لاڳاپن، واسطن، ڳانڍاپن جي من موهيندڙ اپٽار ڪري ٿو جو هر دل سمجهي پئي ته منهنجي اندر جي، منهنجي من جي ڳالهه پيو ڪري، پيار جا انداز ئي نرالا هوندا آهن، جو محبوب سان لاڳاپيل، ان سان نسبت رکندڙ شيءِ، ماڳ پوءِ اهي پلي ٻين لاءِ گهٽ اهميت رکندڙ هجن پر جنهن دل ۾ پيار جو ماڻ آهي ان لاءِ اهي شيون هميشه لاءِ اتم آهن."

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

ڪتاب 'اڄ جي دنيا ۾ شاهه لطيف جي رهبري' تي تبصرو!

علي حسين بروهي

ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي، هن پنهنجي سموري حياتي ٻين کاڻ جيئڻ سيکاريو، جنهن سگا جهڙي تنظيم جو بنياد به ان ئي سوچ تي وڌو ته انسان ذات جي بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي پنهنجي وس آهر بي لوث خدمت ڪجي. ڊاڪٽر صاحب 1972ع ۾ سگا جو بنياد وڌو جيڪو اڄ وڏي وڌو وڻ ٿي چڪو آهي ۽ سنڌ سميت لاهور ۽ اسلام آباد ۾ پنهنجي شاخن سان ڇانوَ ڪيري رهيو آهي. سگا جي پليٽ فارم تان هن وقت تائين علم، صحت، سماجي ڀلائي ۽ نوجوانن جي شعور لاءِ نمايان ڪم ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر سليمان شيخ نثر مضمون، تنقيدي، ڀٽائي ۽ شخصيت تي ڪيترائي ڪتاب لکي چڪو آهي، جنهن ۾ سماجي فڪر ۽ انساني اوسر تي زور ڏنل آهي. سندس فڪر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي انساني وحدت واري فڪر جي عڪاسي ملي ٿي، جيڪو سندس لکڻين ۾ ڏسي سگهجي ٿو شيخ صاحب کي سنڌ ۾ 'دانشور ۽ اداري ساز انسان' طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس سماجي ۽ ادبي خدمتن عيوض ڪيترائي ايوارڊ ۽ تمغا ملي چڪا آهن ۽ هن کي اڄ به سنڌ جي فڪري، سماجي ۽ انساني ترقيءَ جي علامت طور ياد ڪيو وڃي ٿو

ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب، مون کي پنهنجو نئون ڇپيل ڪتاب 'اڄ جي دنيا ۾ شاهه لطيف جي رهبري' تحفي طور پيش ڪيو جنهن کي ڏسي ۽ پڙهي تمام گهڻي خوشي ٿي، هن پنهنجي هٿن سان هيءَ ڪتاب مون کي ڏنو. جيڪو نه صرف محبت جو اظهار آهي پر سگا سان پنهنجائپ کي به ظاهر ڪرڻ آهي.

هيءَ ڪتاب تازو مارچ 2026ع ۾ شايع ٿيو آهي، جيڪو 105 صفحن تي، خوبصورت ٽائيٽل پيج ۽ بائنڊنگ سان ڇپيل آهي. ڪتاب شيخ صاحب جي مقالن ۽ تقريرن تي مشتمل آهي، جيڪو هڪ اهم ۽ فڪري لحاظ کان مالا مال تصنيف آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري، فڪر ۽ پيغام کي جديد دور سان ڳنڍي پيش ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ شاهه لطيف جي تعليمات کي رڳو تاريخي يا ادبي حوالي سان نه پر عملي زندگيءَ جي رهنمائي طور بيان ڪيو ويو آهي. ليکڪ ٻڌايو آهي ته شاهه لطيف جو پيغام انسانيت، محبت، برداشت، سچائي ۽ جدوجهد تي ٻڌل آهي، جيڪو اڄ جي دنيا ۾ به ايترو ئي اهم آهي، جيترو سندس دور ۾ هو.

هن ڪتاب جي خاص خوبي اها آهي ته ليکڪ شاهه لطيف جي ڪردارن (سورمين) کي جديد سماجي مسئلن سان جوڙي، انهن مان سبق ڪڍي ٿو. اهو پڙهندڙ کي اهو احساس ڏياري ٿو ته شاهه لطيف جو فڪر وقت کان مٿانهون آهي ۽ هر دور لاءِ رهنمائي فراهم ڪري ٿو. هيءَ ڪتاب نه صرف ادب جي شاگردن لاءِ پر هر انهيءَ شخص لاءِ فائديمند آهي، جيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ اخلاقي قدرن ۽ روحاني واڌاري جي ڳولا ۾ آهي. ڊاڪٽر سليمان شيخ جو اندازِ تحرير سادو، روان ۽ اثرائتو آهي، جيڪو پڙهندڙ کي شروع کان آخر تائين پاڻ سان ڳنڍي هلندو آهي. ڪتاب ۾ جيڪي مقالا شامل آهن، اچو ته انهن تي هڪ نظر وجهون.

شاهه جي راهه-هڪ موحد جي لاءِ: هن مقالي ۾ ڊاڪٽر صاحب، توحيد جي فلسفي کي بيان ڪيو آهي. جتي ڀٽائيءَ انسان کي هڪ خدا تي پختو ايمان رکڻ ۽ سچائيءَ جي راهه اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي.

21هين صدي ۽ شاهه لطيف: هن مضمون ۾ ليکڪ شاهه لطيف جي تعليمات کي جديد دور سان ڳنڍي ڏيکاريو آهي ته ڪيئن سندس پيغام اڄ جي ٽيڪنالاجي ۽ مادي دور ۾ به لاڳو ٿئي ٿو.

سنڌي سماج ۽ لطيف سائين: ليکڪ هن باب ۾ سنڌي سماج تي شاهه لطيف جي اثر ۽ سندس شاعريءَ ۾ سماجي مسئلن جي عڪاسي بيان ڪئي وئي آهي.

شاهه جي ساڃاهه: ان مضمون تي ليکڪ شاهه جي ڏاهپ، بصيرت ۽ انساني نفسيات جي گهري ڄاڻ تي روشني وڌي وئي آهي ته جيئن شاهه جي پيغام کي اسان سمجهون. جنهن کان پوءِ عالمي سطح تي سندس پيغام کي عام ڪيون.

شاهه صاحب جو نظريه حيات: ان مقالي ۾ شيخ صاحب زندگيءَ بابت شاهه لطيف جي سوچ بيان ڪئي آهي، جيڪا سچ، صبر ۽ جدوجهد تي ٻڌل آهي. هن تمام سهڻي نموني سان وحدانيت جي اطاعت، حقوق العباد ۽ فرائض پورا ڪرڻ ۽ انساني خدمت ڪرڻ کي بهتر نموني سمجهايو آهي.

اڄ جي دنيا ۾ شاهه لطيف جي رهبري: هن مقالي ۾ ليکڪ ٻڌائي ٿو ته شاهه لطيف جو فڪر اڄ جي دور ۾ اخلاقي ۽ روحاني رهنمائي فراهم ڪري ٿو.

Speech at Aga Khan University on 12th February 2010

هن آخري تقرير ۾ شاهه لطيف جي فڪر کي تعليمي ۽ عالمي حوالي سان بيان ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب پنهنجي ان ڪتاب ۾ مختصر طور مٿين سڀني عنوانن ذريعي شاهه لطيف جي فڪر کي زندگي، سماج، اخلاق ۽ جديد دور سان ڳنڍي جامع انداز ۾ پيش ڪيو آهي. آخر ۾ آئون ڊاڪٽر صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪيان ٿو جنهن ان جامع ڪتاب ذريعي اسان کي ڀٽائيءَ جي پيغام کي آسان لفظن ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان دعاڳو آهيان ته ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب وڏي عمر ماڻي. آمين!

(نوٽ: ليکڪ سيڪريٽري جنرل سگا آهي)

اڄوڪو ڏينهن - 09 اپريل

مختيار انٽ

سرلا ديوي

اڄ لاڙڪاڻي ضلعي جي پهرين ڊاڪٽرياڻي سرلا ديويءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هوءَ 9 اپريل 1915ع تي شڪارپور ۾ ڄائي سندس اصل نالو منيشوري ديوي هو هن مئٽرڪ تائين تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي ان بعد گورنمينٽ ميڊيڪل اسڪول امرتسر مان 1938ع ۾ ايل ايس ايم ايف (of Licetiate State Medical Faculty) جي سند حاصل ڪيائين اها ڊگري حاصل ڪرڻ بعد ڪيس ليڊي ڊاڪٽر مقرر ڪيو ويو هن هڪ ڊاڪٽرياڻيءَ طور زندگيءَ جو گهڻو حصو لاڙڪاڻي ۾ گذاريو هن جي شادي رتيديري جي مشهور زميندار حشمت راءِ جشنگهاڻيءَ جي پٽ امبرت راءِ سام جشنگهاڻيءَ سان ٿي هن کي صوفي راڳ ۽ موسيقيءَ سان دلچسپي هئي، ان جي ڪري ڪيس صوفي ماتا پڻ ڪوٺيو ويندو هو 11 فيبروري 1973ع تي سندس ديهانت ٿيو هن به ڪتاب "جيتامڙي جي ڊائري" ۽ "سام سان به تي گهڙيون" لکيا.

اسحاق راهي

اڄ مشهور شاعر اسحاق راهيءَ جي جنم جي تاريخ آهي. هو 9 اپريل 1935ع تي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. سندس پورو نالو محمد اسحاق ولد محمد صالح سومرو هو. سندس وڏا اصل ۾ تعلقي ڪنڌياري جي ڳوٺ بکري جا رهواسي هئا. مئٽرڪ تائين تعليم ميهڙ مان حاصل ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو بعد ۾ زراعت کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين ۽ فيلڊ اسسٽنٽ طور رٽائر ڪيائين. 1956ع ڌاري ادبي ميدان ۾ پير پاتائين. هن جي شاعري سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي ۽ ريڊيو تي به سندس ڪلام رڪارڊ ٿيل آهن. سندس ڪتابن ۾ "تون مان نه هونداسين"، "گلدستو"، "مجموعه غزل" ۽ "رباعيات راهي" شامل آهن. هو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان به لاڳاپيل رهيو ۽ ميهڙ ۾ سرمد پبليڪيشن جي نالي سان هڪ اشاعتي ادارو به کوليائين. هن 6 جون 1994ع تي وفات ڪئي.

غلام محمد غازي

غلام محمد غازي سنڌ جو مشهور شاعر، نثر نويس، مصور ۽ مترجم آهي. هن 9 اپريل 1955ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ عبدو ۾ محمد سومر مهر جي گهر ۾ اک کولي. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان ڊي سي هاءِ اسڪول گهوٽڪيءَ مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي اسلاميه ڪاليج سکر مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري بي اي جي سند حاصل ڪيائين. هن ڊرائنگ ٽيچر طور خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ 2015ع ۾ رٽائر ٿيو. هن 1980ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. خاص طور تي ٻارڙن لاءِ هن بي مثال شاعري ڪئي. پاڻ ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو ميمبر رهيو آهي. هن 20 کان به وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. جن ۾ "ٻار گلن جا هار"، "مرڪندڙ مڪڙيون"، "سائنس بخشي سونهن"، "وطن دل آ مون لئه"، "سائنس پئي سمجهائي"، "راڻديڪن سان راند"، "گيت پنهنجي ديس جا"، "زنجير ٽٽي پوندا"، "رنگا رنگي گيت" ۽ "ٻنيوري" شامل آهن. سندس لکيل ڪتاب سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب جو وڏو سرمايو سمجهيا وڃن ٿا.

رڪيل موريائي



اڄ سنڌ جي سرموڙ شاعر ۽ اديب رڪيل موريائيءَ جي سالگره جو ڏينهن آهي. هن ناليواري اديب 9 اپريل 1965ع تي موري شهر ويجهو ڳوٺ حاجي مالڪ ڏني سولنگيءَ جي گهر اکيون کوليون. ابتدائي تعليم ڳوٺ غلام محمد سولنگيءَ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان موري مان پاس ڪيائين. تيرهن سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ شاعريءَ جي شروعات ڪيائين. هن غزل، وائي، نظم ۽ شاعريءَ جي ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ سندس شاعري سنڌ جي لڳ ڀڳ سمورن ساک وارن ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻجندي رهي آهي. هو هڪ سٺو نثر نويس پڻ آهي. پاڻ "ماهوار ساڃاهه" جو جوائنٽ ايڊيٽر، "ماهوار انٽرنيشنل لائين" جو ايڊيٽر، "روزاني برسات" جو سب ايڊيٽر، "ڪاوش مئگزين" جو سب ايڊيٽر ۽ دانش اڪيڊميءَ جو چيئرمين رهيو آهي. ان کان علاوه مختلف رسالن جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر پڻ رهيو آهي. هن ڪيترائي ڪتاب ترتيب ۽ تصنيف ڪيا آهن. جن ۾ "ٻوليءَ ۽ لپيءَ جو اتهاس"، "سنڌ جو سرمست"، "مان جي مئس پنڌ ۾"، "سنڌي شاعريءَ جو وهائو تارو شاهه ڪريم"، "شاهه لطيف هڪ اڀياس"، "بيدل هڪ اڀياس"، "لچمڻ ڪومل جا خط" ۽ "شاعريءَ ۾ جيئندڙ شخص" شامل آهن. هو سنڌي ادبي سنگت جي موري ۽ ڪراچي شاخ سان لاڳاپيل رهيو آهي.

حافظ محمد صديق

حافظ محمد صديق جو جنم 1907ع ڌاري نوشهري فيروز ضلعي جي پريا شهر ۾ ٿيو. هن سڄي عمر سنڌ جي مختلف اسڪولن ۾ علم جي آبياري ڪندي گذاري. پاڻ ڪراچيءَ جي مشهور اين جي وي اسڪول سميت سنڌ جي مختلف اسڪولن جو هيڊماستر رهيو. حيدرآباد جي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج جي پرنسپال طور به خدمتون سرانجام ڏنائين. عمر جي آخري حصي ۾ ڊائريڪٽر اسڪولس سنڌ جهڙي اهم عهدي تي فائز رهيو. حافظ محمد صديق پنهنجي اعليٰ اخلاق، بهترين انتظامي صلاحيتن ۽ ايمانداريءَ سبب سڄي سنڌ ۾ مشهور هو. هن 9 اپريل 1966ع تي هن دنيا مان موڪلايو.

ڊاڪٽر عبدالقدير خان افغان

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه ڊاڪٽر عبدالقدير خان افغان جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. کيس عام طور تي ڊاڪٽر اي ڪيو ڪي افغان (A.Q.K. Afghan) جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سندس جنم 22 جولاءِ 1926ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ خانواهڻ ۾ ٿيو. هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ اين اي ڊي يونيورسٽي ڪراچيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ 1951ع ۾ بئچلر ڊگري حاصل ڪئي ان بعد 1958ع ۾ امپيريل ڪاليج لنڊن مان پي ايچ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. هن 1961ع کان 1963ع تائين لنڊن ۾ ڊولپمينٽ انجنيئر طور ڪم ڪيو. 1963ع کان 1965ع تائين هو بغداد يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ۽ بغداد ۾ انجنيئرنگ جو صلاحڪار رهيو. 1965ع ۾ هو سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي مهراڻ يونيورسٽي) سان لاڳاپجي ويو. 1966ع ۾ ڪيس انهيءَ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. انجنيئرنگ ڪاليج مان استعيفا ڏيڻ بعد پاڻ اسلام آباد ۾ آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي مقرر ٿيو. ان بعد کيس سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ سروسز ٽربيونل جو ميمبر مقرر ڪيو ويو. هن 9 اپريل 1991ع تي وفات ڪئي.

عزيز جعفراڻي

اڄ لاڙ جي ناميارى اديب، محقق ۽ تاريخ نويس مرحوم عزيز جعفراڻيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي هيءُ سنڌ جو اهو تاريخدان آهي، جنهن سنڌ جي لاڙ واري حصي جي مفصل تاريخ لکي سنڌ جي هن انمول هيري جو جنم 18 جنوري 1944ع تي جاتي تعلقي ۽ سجاول ضلعي جي ڳوٺ جوهڙ جمليءَ ۾ ٿيو سندس ولد محمد جمن جعفراڻي جاتي تعلقي جو هڪ معزز ۽ محنتي استاد هو هن ابتدائي تعليم جاتي، ميرپور ساڪري ۽ سجاول مان حاصل ڪئي مئٽرڪ چانڊيا هاءِ اسڪول سجاول مان ۽ انٽرميڊيئيٽ جو امتحان مڪلي ٿتي مان پاس ڪري سيڪنڊري استاد مقرر ٿيو اڳتي هلي بي اي، بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جون سندون به حاصل ڪيائين ننڍي هوندي کان ئي ڪتابن پڙهڻ ۽ لکڻ جو شوقين هو سندس پهرين ڪهاڻي ٻارن جي رسالي ٻارڙن جي ٻاريءَ ۾ 1955ع ۾ ڇپي هو ٺٽي ۽ سجاول ضلعي ۾ سنڌي ادبي سنگت جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هو 1967ع ۾ هن سجاول شهر ۾ لائبريري قائم ڪئي جيڪا هن شهر جي پهرين لائبريري هئي سندس پهريون ڪتاب "سجاول جي تاريخ" 1986ع ۾ ڇپيو. ان بعد ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لکيائين ۽ ترجمو ڪيائين انهن ڪتابن ۾ تاريخ جاتيءَ جا نوان ورق، سجاول جي سماجي، ثقافتي ۽ سياسي تاريخ، مقالات عزيز، معصوم (ناول) ۽ اسلام ۽ جديديت (ترجمو) شامل آهن عزيز جعفراڻي 9 اپريل 2009ع تي دم ڏيڻ جي حوالي ڪيو.

عاجز اڄڻ

سنڌ جي هن مشهور عوامي شاعر جو جنم 2 مارچ 1947ع تي سانگهڙ ضلعي جي شهر کپري ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول فضل پنهوري مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي بي اي، ايم اي (سنڌي ادب) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين. 1967ع ۾ پرائمري استاد، 1987ع ۾ هاءِ اسڪول ٽيچر ۽ 1997ع ۾ رٽائر ٿيو. ڪجهه عرصو تعليم کاتي ۾ سپروائيزر ۽ ايڊيوڪيشن پراجيڪٽ آفيسر طور به ڪم ڪيائين. هن جي شاعري ڪيترن ئي راڳيندڙن ڳائي پر انور وسطڙي هن جي شاعريءَ کي پنهنجي سريلي آواز وسيلي خاص طور تي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو. سندس شاعريءَ جو مجموعو "عشق آڏيري ول" 2012ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. 09 اپريل 2013ع تي وفات ڪيائين.

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
(روبرو جناب عامر سهيل راجپوت)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 03 سال 2026

مسمات راشده ڌيءُ شوڪت علي ملڪ رهاڪو عيد گاهه روڊ هالا اولڊ تعلقو هالا ضلعو مٽياري ..پلينٽف.بخلاف. دلشاد احمد ملڪ ولد بشير احمد ملڪ رهاڪو غريب آباد ڪالوني سعيد آباد ضلعو مٽياري. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ثمرين ڌيءُ محمود ذات قريشي رهاڪو هالا اولڊ تعلقو نيو هالا ضلعو مٽياري ..پلينٽف.بخلاف. محمد فاروق ولد عبدالروف يوسفزئي رهاڪو گهر نمبر G-440 محلا بغدادي مسجد پريٽ آباد حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر سال 2026
فيملي سوٽ نمبر43 سال 2025

مسمات غزل ڌيءُ محمد يوسف ذات مارواڙي پٽي رهاڪو غريب آباد وارڊ نمبر 319 ڪنري ..پلينٽف.بخلاف. فراز احمد ولد سرور ڪامران رهاڪو فليٽ نمبر 101 فرسٽ فلور پلاٽ نمبر 2/794 لياقت آباد ڪراچي 03122001547. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست خلاف ججمينٽ اينڊ ڊڪري تاريخ 28-01-2026 جيڪو پاس ڪيو هن ڪورٽ سڳوري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج 5th اينڊ جي ايم حيدرآباد
سوٽ نمبر63 سال 2026

محمد علي شيخ ولد مرحوم رفيق احمد شيخ رهاڪو گهر نمبر 47/A پنڌي ٽائون قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف.بخلاف. مسمات شمير اختر زال عبدالغني ميمڻ رهاڪو نزد سالار مسجد محلو پير جو ڳوٺ تعلقو ڪنگري ضلعو خيرپورميرس. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار اسپيسفڪ پرفارمنس آف ڪانٽريڪٽ اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج 5th اينڊ جي ايم حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج I ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات فريده ڌيءُ محمد حسن ذات سومرو رهاڪو ڳوٺ سليمان سومرو ڊسٽرڪٽ ٽي ايم خان ..پلينٽف.بخلاف. عبدالسلام ولد عبدالقيوم ذات سومرو رهاڪو ڳوٺ سليمان سومرو ڊسٽرڪٽ ٽي ايم خان .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ ۽ رڪوري آف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج I ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

جيئن ته نالي خدابخش ولد علي بخش مري رهاڪو ڳوٺ جکو پرڳڙي يو سي مخدوم طالب المولي تعلقو پٺورو اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي علي بخش جيڪو تاريخ 07-08-1985 ۾ ۽ والده نالي خان بي بي زال علي بخش جيڪا تاريخ 05-03-1997 تي وفات ڪري ويا آهن ۽ جنهن جا شناختي ڪارڊ پڻ ٺهيل نه آهن جنهن ڪري سندس اولاد جا قومي شناختي ڪارڊ نه ٺهي رهيا آهن تنهنڪري سندس والد ۽ والده جا فوتي سرٽيفڪيٽ يو سي مخدوم طالب المولي تعلقو پٺورو مان جاري ڪري ڏنا وڃن جيڪڏهن ڪنهن کي اعتراض آهي يا سندس والد والده حيات آهن ته هن اشاعت جي ستن ڏينهن اندر اسان جي آفيس ۾ پيش ٿي پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي ۽ ثبوت ڏي ٻي صورت ۾ فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

سيڪريٽري يو سي طالب المولي تعلقو پٺورو

عام اطلاع

آئون نالي سيد شرف علي شاهه گهر نمبر 235.C بلاڪ C يونٽ نمبر 2 لطيف آباد حيدرآباد سونهن ساک سان چوان ٿو ته منهنجو پلاٽ نمبر I.90 شهيد محترمه بينظير ڀٽو سنڌ يونيورسٽي اسٽاف هائوسنگ سوسائٽي جام شورو جيڪو رجسٽري ٿيل آهي جنهن جا ڪاغذ ٽنڊو محمد خان شهر ملاڪيار جي حد ۾ هڪ مهينا اڳ پلاٽ جي رجسٽري جا اصل ڪاغذ گم ٿي ويا آهن اهڙي رپورٽ ملاڪيار ٿاڻي تي پڻ داخل ڪرائي آهي اهڙو بيان هن اخبار جي ذريعي رڪارڊ تي رکيو وڃي ۽ منهنجي رجسٽري ٿيل پلاٽ جا ڪاغذ ڪنهنکي به هٿ اچن ته هيٺين ايڊريس تي پهچائي ڏنا وڃن هائوس نمبر H233 يونٽ نمبر2 لطيف آباد BC.2 حيدرآباد ٿي ڏنا وڃن

سيد شرف علي شاهه ولد غلام احمد شاهه شناختي ڪارڊ نمبر 41304.75987141 فون نمبر03313659535

لاتعلقي جو اظهار

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان سڀ هيٺ صحيح ڪندڙ پنهنجي سڳي ڀاءُ نالي محمد ناصر ولدمحمد رمضان مرحوم رهاڪو گهرنمبر 118 محلا عثمان آباد ٽائون ميرپورخاص سان لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيا آهيون جيڪو بري صحبت ۾ اچي ڪري نافرمان ٿي ويو آهي اگر ڪو به شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو يا ڪو قدر فساد ڪندو ته ان سان اسان جو ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو نه رهندو هو پنهنجي بري ڀلي جو پاڻ ذميوار هوندو اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

محمد عمران ولد محمد رمضان ڪامران عطاري ولد محمد رمضان ، محمد ارسلان ولد محمد رمضان ، محمد سليمان ولد محمد رمضان رهاڪو گهرنمبر 118 محلا عثمان آباد ميرپورخاص

تاريخ پيدائش جي درستي

جيئن ته منهنجي اسڪول رڪارڊ ۽ بورڊ جي رڪارڊ ۾ غلطي سان تاريخ پيدائش 20-01-2007 لکجي وئي آهي جنهن کي درست ڪري شناختي ڪارڊ موجب 20-01-2002 لکيو ۽ پڙهيو وڃي.

احسن ولد محمد اقبال رهاڪو محلا خدا جي بستي نمبر 2 ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو

بقايا 1 جيڪب آباد پهتو

مغيري، صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا، ايم اين اي شبير علي بجاراڻي سميت ٻين سان گڏجي جکراڻي هائوس جيڪب آباد پهچي پي پي پي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي ۽ مير خالد خان جکراڻي سان سندن والد مرحوم مير بابل خان جکراڻي جي وڇوڙي تي تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي ورڪر اڳواڻ ايم اين اي ۽ اڳوڻي ايم پي اي مير بابل خان جکراڻي جي وڇوڙي تي دلي ڏک پهتو آهي الله رب العزت مير بابل خان جکراڻي جي مغفرت فرمائي جنت الفردوس ۾ ڪيس اعلي مقام عطا ڪري ۽ وارثن کي صبر و جميل عطا ڪري هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي 2008ع کان هن وقت تائين ٿيندڙ چونڊن ۾ مسلسل سنڌ ۾ ڪاميابي ماڻيندي اچي ٿي ۽ 2018ع ۾ جيڪب آباد ۾ پي پي پي کي شڪست ملي پر 2024ع ۾ پي پي پي جيڪب آباد مان وڏي ليڊ سان ڪاميابي ماڻي آئي جيڪي پي پي پي جا مخالف هئا انهن به پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي. هن چيو ته سنڌ صوبي جا ماڻهون سنڌ حڪومت جي گڊ گورننس کي تسليم ڪن ٿا باقي مخالف تسليم نٿا ڪن ته انهن جو ڪم ئي مخالفت ڪرڻ آهي ۽ اسان جو ڪم سنڌ واسين جي خدمت ڪرڻ آهي جيڪو ڪري رهيا آهيون هن چيو ته ايران/ امريڪا، اسرائيل جنگ ۾ پاڪستان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي فارين پاليسي تي عمل ڪيو لڳي ٿو ته موجوده حڪومت شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي فارين پاليسي پڙهي آهي جنهن ۾ لکيل آهي ته پاڪستان کي نان الائينس هجڻ گهرجي ۽ پاڪستان کي ڪنهن به بلاڪ جو حصو نه ٿيڻ گهرجي، هن چيو ته جڏهن ايران تي حملو ٿيو ته پاڪستان ايران ۽ ايراني عوام سان گڏ بيٺل رهيو ۽ جڏهن سعودي عرب تي حملو ٿيو ته پاڪستان ان جي به مذمت ڪئي ۽ اهوئي سبب آهي جو امريڪا سميت سموري دنيا پاڪستان جي تجويز کي تسليم ڪيو هن چيو ته جنگبندي ۾ پاڪستان طرفان ڪارائتو ڪردار ادا ڪرڻ تي اسان سڀني کي الله پاڪ جو شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي جنهن پاڪستان جي پاليسي ۽ پاڪستان جي عزت رکي، هن چيو ته آئون سڀني کي دعوت ڏيان ٿو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1967ع ۾ فارين پاليسي تي جيڪو ڪتاب لکيو آهي ان کي سڀئي پڙهن، موجوده جنگ دوران جيڪو رول پاڪستان ادا ڪيو آهي هي انهن ئي ڪاغذن جو حصو آهي

بقايا 2 انصاف جو مطالبو

نشانو بڻايو آهي. هن چيو ته آئون ان واقعي جي رپورٽ هٽڙي ٿاڻي تي ڪرائي اٿم ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي پڻ درخواست ڏني اٿم پر هٽڙي ٿاڻي پاران مونسان ڪوبہ تعاون نه ڪيو هن چيو ته اگر مونکي يا منهنجي گهر ڀاتين کي ڪوبہ نقصان پهتو ته ان جو ذميوار هٽڙي ٿاڻو ۽ ڳوٺ جا بااثر ماڻهو هوندا. آئون ايس ايس پي حيدرآباد شاهزيب چاچڙ ۽ اسدادن جي تنظيمن کان مطالبو ٿو ڪيان ته جوابدار گرفتار ڪري جاچ ڪرائي مونسان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 3 آپگهات

يونيورسٽي ۾ ڪو شخص ان حراسمينٽ ۾ شامل هجي، ان ڏس ۾ جاچ ڪئي پئي وڃي پوليس جو اهو پڻ چوڻ آهي ته نينگري ٻن سالن کان ڪاليج ۾ پوزيشن حاصل ڪئي هئي هن سال مارڪون گهٽ هجڻ جون شڪايتون پنهنجي والدين سان بہ ڪيون هيون پوليس جو چوڻ آهي ته فوتڻ جو والد پورهيت آهي، جنهن پورهيو ڪري پنهنجي ڌيئن نياڻين کي پڙهايو هو جن مان هڪ فهميده پڻ هئي، جيڪا ميڊيڪل جي ٿرڊ ييئر جي شاگردياڻي هئي پوليس وڌيڪ چيو ته معاملي جي هر طريقي سان جاچ ڪئي پئي وڃي، پوسٽ مارٽم رپورٽ بعد وڌيڪ معلومات ملندي

بقايا 4 مرڪز نه کليا

مارڪيٽ ۾ بہ اچي وڃي خوراڪ کاتي جي عدم دلچسپي ۽ نااهلي سبب آبادگار ۽ هاري واپارين کي سستي اگهه تي ڪڻڪ وڪرو ڪرڻ تي مجبور آهن. واپاري آبادگارن ۽ هارين کان ڪڻڪ في من 28 سئو کان 3000 هزار روپين ۾ خريد ڪن ٿا جڏهن ته سرڪاري اگهه 3500 سئو روپيا مقرر ڪيو ويو آهي مهانگي ڀاڻ، ٻج ، دوائون خريد ڪرڻ بعد فصل تيار ٿي ٿو پر مناسب اگهه نه ملڻ ڪري هارين ۽ آبادگارن کي ڪافي نقصان سان منهن ڏيڻو پوي ٿو هن ڀيري سنڌ سرڪار ڪڻڪ جي خريداري لاءِ هاري ڪارڊ جو شرط رکيو آهي جڏهن باقراڻي تعلقي ۾ اڪثر آبادگارن ۽ هارين کي هن وقت تائين هاري ڪارڊ نه ملي سگهيو آهي، جنهنڪري هو سرڪاري اگهه تي ڪڻڪ بہ وڪري نه ٿا ڪري سگهن.جڏهن ته سنڌ سرڪار پهرين اپريل کان ڪڻڪ خريداري جو اعلان ته ڪيو هو پر هن وقت تائين باقراڻي سميت ٻين خريداري مرڪزن تي فوڊ انسپيڪٽر مقرر ناهن ڪيا جنهن ڪري مرڪز اڃان تائين کلي ناهن سگهيا، ان کان علاوه باقراڻي سينٽر سميت لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪيترن ئي خريداري مرڪزن جي فوڊ انسپيڪٽر مٿان ڪڻڪ خرد برد ڪرڻ جا الزام آهن ۽ اڪثر فوڊ انسپيڪٽرن تي ڪيس پڻ داخل ٿيل آهن جنهنڪري خوراڪ کاتو لاڙڪاڻو فوڊ انسپيڪٽر مقرر ڪرڻ ۽ خريداري مرڪز کولڻ واري معاملي ۾ بدتر جو شڪار آهي،هوڏانهن ان موقعي تي باقراڻي تعلقي جي آبادگارن ۽ هارين عبدالغني پاڳٽ ،محمد رمضان بروهي، دلدار علي پاڳٽ ،بابر پاڳٽ، شاهد تنيو نصيرشيخ ،احمد بروهي، اصغر علي خاراڻي ، خادم حسين ابڙو، امتياز علي ڪلهوڙو، ذوالفقار علي سنڌيلو ابرار علي انڙ ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته ڪڻڪ جو فصل لهي ويو آهي پر سنڌ سرڪار جي اعلان باوجود باقراڻي ۾ سرڪاري سطح تي ڪڻڪ جي خريداري جو مرڪز کلي نہ سگهيو آهي جنهنڪري اسان واپارين ۽ دوڪاندارن کي سستي اگهه تي ڪڻڪ وڪرو ڪرڻ تي مجبور آهيون.هنن وڌيڪ ٻڌايو ته واپاري اسان کان ڪڻڪ في من 28 سئو کان 3000 هزار روپين ۾ خريد ڪن ٿا،جڏهن ته سرڪاري اگهه 3500 سئو روپيا مقرر ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته مهانگا ڀاڻ ، ٻج ، دوائون خريد ڪري فصل تيار ڪريون ٿا پر مناسب اگهه نه ملڻ ڪري اسان کي ڪافي نقصان سان منهن ڏيڻو پوي ٿو هنن اهو بہ چيو ته هن ڀيري سنڌ سرڪار ڪڻڪ جي خريداري لاءِ هاري ڪارڊ جو شرط رکيو آهي جڏهن ته باقراڻي تعلقي ۾ ڪيترن ئي آبادگارن کي هاري ڪارڊ جاري ٿي سگهيا آهن، جنهن سبب هو سرڪاري اگهه تي ڪڻڪ بہ وڪرو نه ٿا ڪري سگهن

بقايا 5 صندل هٽايا ويا

قانوني طور تي قائم ڪيل اڏاوتن ۽ حدخلين کي هٽائڻ جا نوٽيس ڏنا ويا، ان باوجود حدخلين نه هٽائڻ تي سندن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي، ڪنهن کي بہ شهر جي سونهن خراب ڪرڻ نه ڏينداسين. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت ۽ ڊي سي سجاول جي سخت هدايتن تي غيرقانوني اڏاوتن ڪندڙن خلاف آپريشن جاري رهندي ٻئي طرف ڏڙو شهر جي سڄاڻ حلقن حدخلين ۽ قبضن کي ختم ڪرائڻ واري انتظامي آپريشن کي فرضي ۽ ڍونگ قرار ڏيندي چيو ته شهر ۾ ڪيل آپريشن فقط بااثر ماڻهن کي فائدو ڏنو ويو ۽ غريب ۽ پورهيت طبقي خلاف ڪارروائي ڪئي وئي

بقايا 6 تحفظ جو مطالبو

منهنجي مائٽ ڪريم ڏنو پٽ امام ڏنو مڱڻيجو سان دوستي ناتي مون وٽ دڪان تي هلي آيو ۽ مون کان 500 بوري ڀاڻ ڊي اي پي ۽ 500 بوري ڀاڻ يوريا خريد ڪيو جنهن جي ٽوٽل رقم هڪ ڪروڙ رپيا ٿئي جنهن جي عيوض هن مون کي پنهنجي ذاتي بئنڪ اڪائونٽ جو چيڪ ڏنو جيڪو مان چيڪ تي لڳل تاريخ موجب بئنڪ تي کڻي ويس ته چيڪ ڪوڙو نڪتو هن چيو ته چيڪ ڪوڙو نڪرڻ تي مان ڪيس رابطو ڪيو ته هن چيڪ پاس ڪرائڻ لاءِ اڄ نه سڀاڻي جا دلاسا ڏيڻ شروع ڪيا ۽ هلندي هلندي ٻه سال گذري ويا جنهن تي مان مجبور ٿي ڪوڙي چيڪ ڏيڻ جو سندس خلاف ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن تي هو منهنجي مٿان ڏمرجي پيو آهي ۽ مون کي پاڻ سان گڏ پنهنجي ويجهي رشتيدار ايم پي اي شيراز راڄپر کان فون ذريعي ڪيس ٿان هٽ ڪڻ لاءِ ڌمڪائي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته مون کي تمام گهڻو خوف ٿي پيو آهي ڇو ته ڪجهه مهينا اڳ ايم پي اي شيراز راڄپر ڪوٽ لالو ۾ جعلي پوليس مقابلي ۾ شر برادري جا ماڻهو مارائي چڪو آهي ۽ هو جيڪو چوندو آهي اهو ڪري ڏيکاريندو آهي متان مون کي به ڪٿي قتل نه ڪرائي ڇڏي هن وزير اعلي سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي مون کي پنهنجو حق حلال جي رقم ڏياري اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 7 احتجاجي مظاهرو

کي چوهارا منڊي مان کنيو ويو جنهن جي سي سي ٽي وي فوٽيج به وٽن موجود آهي.هنن ٻڌايو ته جڏهن اهي فوٽيج کڻي روهڙي ٿاڻي پهتا ته نوجوان کي آزاد ڪيو ويو پر سندس کيسي ۾ موجود 47 هزار رپيا نقدي ۽ ٻيو قيمتي سامان پوليس واپس نه ڪيو. مظاهرين وڌيڪ چيو ته هنن اي ايس آءِ خلاف ايس ايس پي آفيس ۽ ڊي آءِ جي آفيس ۾ شڪايت داخل ڪرائي، جنهن کان پوءِ هو بيهر اچي ڪين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ مقابلو ظاهر ڪري مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي.احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته اي ايس آءِ منظور ناريجو جي روهڙي ۾ پوسٽنگ نه هجڻ باوجود هو روهڙي ٿاڻي ۾ ڊيوٽي ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي نجي ماڻهن سان گڏجي نوجوان کي کڻڻ ۾ ملوث آهي، ۽ هاڻي به ڪين هراسان ڪري رهيو آهي. مظاهرين ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر اظهر خان کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي، اي ايس آءِ منظور ناريجو ۽ سندس نجي ماڻهن خلاف انڪوائري ڪري ڪيس داخل ڪيو وڃي، نوجوان کان کسيل رقم واپس ڪرائي وڃي ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 8 ڪمپني ٽاور لڳائڻ

وقت ٽاور پنهنجي هنڌ کان ڪري رهواسين لاءِ حادثي جو سبب پيدا ڪري سگهي ٿو ، جنهن ۾ رات ڏينهن جنريٽر هلڻ سان پڻ ٽاور لڏي ٿو ته وري رهواسين لاءِ پريشانيون پيش اچن ٿيون ، ڪالوني جا رهواسي ٽاور واري علائقي ۾ پنهنجي حياتين کي غيرمحفوظ سمجهي رهيا آهن جنهن لاءِ مقامي ضلعي عملدارن ، تعلقي عملدارن ۽ اختيارين کي ٽاور کي هٽائڻ لاءِ درخواست ڪئي آهي، جنهن ۾ ٽاور کي لڳائيندڙ غلام نبي آرائين ، منير آرائين طرفان پڻ ڪالوني جي رهواسين کي خاموش رهڻ لاءِ ڏنل ڌمڪين جو ذڪر شامل آهي ته ڌمڪيون ڏيندڙ بااثر ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ٽاور کي ڪالوني مان نه هٽايو ويو ته مجبور ٿي ڪالوني جا رهواسي شهري روڊن رستن تي اچي سخت احتجاج ڪندا.

بقايا 9 احتجاج

سان موٽمار ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته ايتري ڳري رقم ڏيڻ باوجود هو اڃا تائين رقم جي گهر ڪري رهيا آهن هنن ايس ايس پي خيرپور ۽ وس وارن اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي بااثر جوابدار خلاف ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 10 ليبارٽريون سيل

ڊائريڪٽر هيلٿ ڪيئر ڪميشن ڊاڪٽر زبير اسسٽنٽ مختيارڪار شيراز حسين ڦليپوٽو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪاشف سومرو ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر اشفاق دستي شامل معائني دوران ٽيم سنڌ ليب، مهراڻ ليب، دعا ليب ۽ ڪراچي ليبارٽريز جي رڪارڊ، سازوسامان، اسٽاف ۽ سروسز جو تفصيلي جائزو ورتو انهن ليبارٽريز ۾ قابل ۽ اهل پيٿالاجسٽ ۽ مائيڪرو بايولوجسٽ موجود نه هئا جيڪي ايس ايڇ سي سي 2017 جي قاعدن قانون جي سيڪشن 35 ۽ سيڪشن 02 تحت لازمي آهن انهن سڀني ليبارٽريز کي سيل ۽ جرمانو لاڳو ڪيو ويو ٽيم سختي سان چيو ته ڪنهن به ليبارٽري يا طبي مرڪز ۾ معيار ۽ حفاظتي اصولن جي خلاف ورزي ناقابل قبول آهي ۽ عوام جي صحت لاءِ سنگين خطرو آهي سڀني ليبارٽري مالڪن کي واضح هدايت ڏني وئي ته هو پنهنجي اسٽاف، سازوسامان ۽ سڀني سروسز جي معيار کي فوري طور تي درست ڪن نه ته سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ٽيم وڌيڪ زور ڏنو ته جيڪي ليبارٽريز قاعدن مطابق ضروري سهولتون فراهم نه ڪنديون انهن کي بيهر ڪم ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي ضلعي انتظاميا مسلسل نگراني جاري رکندي ۽ سڀني طبي ۽ ليبارٽري مرڪزن جي مڪمل جاچ جاري رهندي جيئن عوام کي معياري ۽ محفوظ صحت جون سهولتون مهيا ڪري سگهجن ٽيم سٽي اسپتال خيرپور جو پڻ دورو ڪيو ۽ پيڊز وارڊ ۾ انفيڪشن ۽ پريونشن ڪنٽرول جو معائنو ڪيو هن معائني دوران ڊاڪٽر ڪامران شاهاڻي به موجود هئا ان دوري جو مقصد اسپتال ۾ ٻارن جي وارڊ ۾ صحت ۽ حفاظتي معيار جي نگراني کي يقيني بڻائڻ هو ۽ ٽيم اسپتال انتظاميا کي پڻ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪرڻ جي هدايت ڏني ٽيم سڀني ليبارٽري ۽ اسپتال مالڪن کي هدايت ڪئي ته اهي پنهنجي اسٽاف ۽ سازوسامان جي معيار کي فوري طور تي درست ڪن ۽ قانون ۽ قاعدن تي مڪمل عمل درآمد يقيني بڻائڻ گڏيل ٽيم چيو ته جيڪي مرڪز قانون جي خلاف ورزي ڪندا انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي جڏهن ته اسپتالن ۾ انفيڪشن ڪنٽرول جي ضابطن تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي

بقايا 11 بازياب ڪرائي ورتو

۽ گلاب ڀيل ۽ ٻين کي سندس زميندار ڪاڏ خوراڪ ۽ فصل جو حساب ڪتاب نٿو ڏئي ۽ زبردستي ٻاندي بڻائي ڇڏيو آهه جنهن لاءِ سندس گهرڀاتين کي آزاد ڪرايو وڃي جنهن تي عدالت سڳوري پنگريو پوليس کي حڪم ڏنو ته ٻاندي بڻيل خاندان کي بازياب ڪرائي سيشن ڪورٽ بدين ۾ پيش ڪيو وڃي اهڙي حڪم تي پنگريو پوليس معي ڇاپايل هارين کي زميندار جي نجي جيل مان بازياب ڪرائي ڪورٽ سڳوري ۾ پيش ڪيو جنهن تي سيشن ڪورٽ بدين هارين جا بيان ٻڌڻ ڪانپوءِ ڪين مرضي جي زندگي گذارڻ جو آرڊر جاري ڪيو

بقايا 12 تحفظ جو مطالبو

زخمي ڪري ڇڏيو هو جنهن جو قتل ڪيس منهنجي فرياد تي شيخ پرڪيو ٿاڻي تي ڇهن جوابدارن مٿان داخل ڪيو ويو جنهن ۾ پوليس ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو هو جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد مک جوابدار ضمانت تي آزاد ٿيڻ بعد ڪيس ٿان هٽ ڪڻ لاءِ موٽمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، هن چيو ڪيس عدالت ۾ هلندڙ آهي ۽ مون کي عدالت مان انصاف جي اميد آهي، پر جوابدار ڪيس ٿان هٽ نہ ڪڻ جي صورت ۾ جان سان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جڏهن ته پوليس بہ بااثرن جي ڌر بڻيل آهي اسان جي ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي منهنجي جان کي خطرو آهي، هن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي ٽنڊومحمد خان ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته نوٽس وٺي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 13 احتجاجي مظاهرو

معاشي قتل عام آهي جنهن ڪين خودڪشين تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته حڪمرانن کي ملڪ جي عوام کان وڌيڪ تيل جي عالمي ڪمپنين آئي ايم ايف، ورلڊ بينڪ آمريڪي ۽ اسرائيلي مفادن جي پرواهه آهي حڪمران عالمي مالياتي ادارن جا منشي بڻيل آهن اڳواڻن چيو ته ايران هن وقت سڌي ريت جنگ جي گهيري ۾ آهي پر ان جي باوجود اتان جي حڪومت پنهنجي عوام مٿان تيل جو بار نہ وڌو آهي جڏهن ته اسان جا حڪمران رڳو بهانا ڳولي عوام جو رت چوسڻ جا ماهر آهن وفاقي ۽ سنڌ سرڪار پاران سبسڊي جي نالي تي رڳو عوام کي بيوقوف بڻايو پيو وڃي، موٽر سائيڪل سوارن لاءِ نام نهاد ٻہ هزار رپين جي سبسڊي هڪ مذاق کان وڌيڪ ڪجهه بہ ناهي جڏهن تہ مهانگائي جو طوفان هزارين رپيا عوام جي کيسن مان ڪڍي چڪو آهي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ ڪيل ظالمانہ واڌ فوري طور واپس ورتي وڃي.

بقايا 14 ڪتن ڏاڙهي وڌو

مهم نه هلائي ويئي ته يقينن ڪيترا ئي ماڻهو ڪتن جو شڪار ٿيندا هن چيو ته ڊي ايچ ڪيو اسپتال ايڏي وڏي بجيٽ رکي ٿي پر ڪتن جي ويڪسين تي ڪرپشن ڪئي وڃي ٿي

بقايا 15 افرائي لاءِ تقريب

ڏي وٺ ڪئي وئي اڳواڻن زور ڏنو ته پارٽي جي پيغام کي هر سطح تائين پهچايو وڃي ۽ ورڪرن کي وڌيڪ سرگرم بڻايو وڃي. جتي پارٽي جي اڳواڻن گڏجي ڪم جاري رکڻ جو عزم ورجايو پي پي ضلع دادو جي صدر جي اهڙي قدم کي ساراهيو ۽ چيو ته اهڙين سرگرمين پارٽي جي اتحاد ۽ مضبوطي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون ان موقعي تي نور محمد چانڊيو پاران آيل مهمانن کي بوسڪي جا پٽڪا لونگيون اجرڪ اوڍائڻ سان گڏ ٽوپيون پارايون وين شرڪت ڪندڙن ۾ ممتاز جوکيو وڪيل محمد ظفر ٻگهيو وڪيل امتياز گاڏهي ظفر چانڊيو قربان قريشي محمد هاشم لاٽڙ سعيد احمد لاکير برڪت علي ٻگهيو فدا ٻبر برڪت چانڊيو محمد سليم پنهور منظور ڪلهوڙو ۽ ٻيا شامل هيا

بقايا 16 تحفظ جو مطالبو

علائقي منوآباد ۾ 5 کان 6 ڪروڙ جي ملڪيت آهي جن ۾ هڪ دوڪان 2 گهر آهن جيڪي اسان جي والد جي نالي تي آهن هنن چيو ته اسان جو والد پنهنجي حياتي ۾ اسان جي ڀائرن وڏو ڀاءُ رضوان ۽ فرمان کي چئي ويو هو ته ملڪيت مان منهنجي نياڻين جو به حصو آهي انهن کي ڏجو پر اسان جا ڀائر اسان کي حصو ڏيڻ لاءِ تيار ناهن گذريل ٽن سالن کان اسان حصو گهري گهري ٿڪجي پيا آهيون پر حصو نٿا ڏين هنن چيو ته اسان ڀينرون شادي شده ۽ اولاد واريون آهيون هنن چيو ته اسان عدالت ۾ ڪيس داخل ڪيوسين ليڪن اسان جو ڀاءُ اسان کان ڪمپرومائيز وٺي هر هڪ ڀيڻ کي ساڍا 17 لک روپيا ڏيڻ جي ايگريمينٽ ٺهرائي جنهن جي به تاريخ ختم ٿي وئي پر اڃان تائين اسان کي حصو نٿو ملي هنن چيو هاڻ ته اسان جو وڏو ڀاءُ رضوان اسان کي ڌمڪيون ٿو ڏئي ته اگر توهان حصو گهريو ته توهان جي گهر اندر گهڙي توهان توهان جي ٻارن ۽ توهان جي مڙسن کي قتل ڪنداسين هنن چيو ته اسان ڀينرن ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي اسان سان ايترو ظلم ڇو ٿو ڪيو وڃي هنن چيو ته هڪ گهر ۽ دوڪان ڪرائي تي ڏنل آهن جنهن جا مهيني ۾ ڏيڍ لک روپيا ڪرايو اچي ٿو جن مان اسان کي روپيو به نٿو ملي پاڻ کائي رهيا آهن هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي ۽ ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کان مطالبو ڪيو ته اسان ڀينرن کي پنهنجي مرحوم والد جي ملڪيت مان جائز حصو ورثائي ڏنو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 17 ڊي سي نوابشاهه

صورتحال اڳواٽ تياري ۽ اثرائتي ردعمل بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو.اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته ڪنهن به مشڪوڪ ڪيس جي فوري سڃاڻپ، رپورٽنگ ۽ آئسوليشن کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن بيماري جي ڦهلاءَ کي روڪي سگهجي هن صحت کاتي جي عملدارن تي زور ڏنو ته اسپتالن ۾ انفيڪشن ڪنٽرول جا سخت اپاءَ ورتا وڃن، طبي اوزارن جي مڪمل صفائي ۽ جراثيم ڪشي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ عملي کي حفاظتي هدايتن تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌ جي ڪجهه علائقن خاص طور تي خيرپور ۾ ايم پاڪس جا ڪيس سامهون اچڻ بعد نگراني کي وڌيڪ سخت ڪيو وڃي، جڏهن ته ڪنٽرول رومز ۽ سرويلنس سسٽم کي به مڪمل طور تي فعال بڻايو وڃي.اجلاس دوران عوامي آگاهي مهم هلائڻ صحت عملي جي تربيت ۽ هنگامي صورتحال سان منهن ڏيڻ لاءِ ترت قدم کڻڻ بابت پڻ هدايتون جاري ڪيون ويون.اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ڊاڪٽر جاويد ٻڌايو ته خيرپور ۾ ڪيسز ظاهر ٿيڻ بعد ضلعي شهيد بينظيرآباد جي سمورن صحت مرڪزن ۾ آئسوليشن وارڊ قائم ڪيا ويا آهن جڏهن ته ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ۾ ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيو ويو آهي.هن وڌيڪ ٻڌايو ته هن وقت تائين ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ ايم پاڪس جو ڪو به ڪيس رپورٽ ناهي ٿيو پر ان جي باوجود سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن هن چيو ته احتياطي تدبيرن تي عمل ڪندي ايم پاڪس کان بچاءُ ممڪن آهي، تنهن ڪري متاثر ماڻهن سان ويجهڙائي کان پاسو ڪيو وڃي، جڏهن ته مريضن سان رابطي بعد ماسڪ جو استعمال ۽ ٻين حفاظتي اپائن تي عمل ڪيو وڃي.اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مدثر حسين، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءِ ڊاڪٽر حسين سمون ۽ صحت کاتي جي ٻين عملدارن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 18 ڪيس داخل

برادري جي ماڻهن عورتن ٻارڙن انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو هو جنهن بعد پوليس هڪ ڏينهن اڳ اڪرم ملاح کي منشيات هٿ اچڻ ۽ ڪجهه پراڻا ڪيس داخل هجڻ جي ڪيسن ۾ سندس گرفتاري ظاهر ڪئي وئي هئي پوليس پاران احتجاج ڪندڙ مٿان اسلم ملاح حاڪم ملاح مظهر ملاح راول ملاح سالار ملاح غلام ملاح ياسر ملاح سڪندر ملاح شايان ملاح سميت 12 ڄڻن خلاف هل هنگامو روڊ تي رڪاوٽون وجهڻ ۽ منشيات فروش کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش جا قلم لڳائي ۽ 50 کان 60 نامعلوم ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 19

محرم مهر کي گوليون هنيون آهن جيڪا سردارن ۽ اصولن جي ڀڃڪڙي آهي

بقايا 20 منٽ ميڙ قافلو

ڪلبن جي صحافين اقبال مگهار سميت هزارين ماڻهن جي اڳواڻي ۾ منٽ ميڙ قافلو پهرين سولنگي برادري جي معزز طارق عباس سولنگي جي اوطاق دلاور سولنگي پهتو جتي آيل معززين جي آدرڀاءُ ڪيو ويو ۽ آيل ماڻهن کي موٽ ڏيندي اڳرائي نہ ڪرڻ جو واعدو ڪيو ويو جڏهن تہ قافلو بعد ۾ بروهي برادري جي ڳوٺ بهرام جي ڏڳي ۾ بروهي برادري جي معززين وٽ پهتو جتي پڻ قافلي کي مانائتي موٽ ڏيندي عهد ڪيو ته بروهي برادري اڳرائي نہ ڪندي جنهن کان پوءِ معززين ڌرين جي سٺي موٽ ڏيڻ تي شڪريو ادا ڪندي چيو تہ انشاالله هاڻي جيڪوڪيو آهي اهو ٿي ويو اڳتي وڌيڪ خونريزي نہ ٿيڻ گهرجي جنهنڪري اسين هي قرآن نياڻيون ۽ علائقي جا هزارين ماڻهون وٺي هنن وٽ پهتا آهيون اميد تہ هي ٻئي ڌريون امن جي ميز تي گڏ ويهي هن مسئلي جي حل ڪنديون واضح رهي تہ ٻنهي ڌرين جا ڳوٺ آمهون سامهون هجڻ ڪري ڪافي وقت کان وٺي ڌريون مورچا بند هيون ۽ هڪ ٻئي تي جديد ۽ ڳرين هٿيارن سان فائرنگ سبب علائقي ۾ شديد خوف واري صورتحال بڻيل هئي منٽ ميڙ قافلي جي وڃڻ سبب علائقي ۾ امن جي صورتحال صحيح ٿيڻ جي توقع ڪئي پئي وڃي

بقايا 21 احتجاج

اسان ايس ايس پي سجاول کان مطالبو ٿا ڪريون تہ حملو ڪندڙ ڌنڌهن کي فول فورن قانون جي ڪٽهڙي آڻي جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ جي نتيجي سڄي سنڌ جي اسپتالن ۾ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 22 احتجاج

پڻ انهن پرچي مافيا خلاف آڊر پاس ڪندي پرچي کي غير قانوني قرار ڏنو آهي پر انتظاميا انهن پرچي وارن خلاف ڪا بهي ڪارروائي نٿي ڪري هنن مطالبو ڪيو آهي پرچي مافيا خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 23 نوجوان کي زخمي

ڪارنهن الزام هيٺ گهرواري مسمات عقيلان بلو کي گهڻا ڏيئي قتل ڪري ڇڏيو جوابدار ڪارنهن الزام هيٺ آيل همراهه مبين ولد محمد بخشو بلو کي ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو مارجي ويل عورت جي مڙهه ۽ زخمي کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو آهي ، جوابدار فرار ٿي ويو ڏاڏلوءِ پوليس عورت کي گهڻا ڏئي قتل ڪندڙ سندس مڙس گلزار بلو گرفتار

بقايا 24 احتجاج

جي ايس ايم سي جي آيل رقم پڻ هڙپ ڪري ڇڏي آهي،جنهن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. عمران چانڊيو الزام لڳايو ته استاد قادربخش چانڊيو مان اسان کي مالي جاني خطرو آهي،جيڪو مون کي مارائڻ چاهي ٿو،جيڪڏهن اسان کي ڪجهه بہ ٿيو تہ ان جو ذميوار مذڪوره استاد ۽ ٻيا هوندا. هنن وزير اعلي ا سنڌ، وزير تعليم گهرو وزير ضياء الحسن لنجار ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ مقرر ٿيل مذڪوره کي بدلي ڪري سندس جاءِ تي ٻيو استاد مقرر ڪيو وڃي تہ جيئن ٻارن جي تعليم تباهه ٿيڻ کان بچائي وڃي.

بقايا 25 تحفظ جو مطالبو

داخل ٿي اسان تي تشدد ڪيو ۽ ڌمڪيون ڏنيون تہ جيڪڏهن اسان زمين نہ ڏني تہ اسان کي قتل ڪري ڇڏيندا" هن وڌيڪ ٻڌايو تہ "اسان پنهنجي وارڊ جي چيئرمين کي بہ دانهن ڏني هئي پر اڃان تائين ڪنهن بہ قسم جي داد رسي ناهي ٿي" محمد قاسم آرائين ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کان مطالبو ڪيو تہ قبضو ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 26 ٽيم خيرپور پهتي

مقامي ڊاڪٽرن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي تفصيل موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف پاران خيرپور ۾ ٻارن ۾ منڪي پوڪس جي وبا پکڙجڻ جو نوٽيس وٺڻ بعد اسلام آباد جي 10 ماهر ڊاڪٽرن تي ٻڌل ٽيم خيرپور پهتي هن ٽيم ۾ ڊاڪٽر آصف سيد، ڊاڪٽر سعيد خان، ڊاڪٽر عزيز الله، ڊاڪٽر واجد انصاري، ڊاڪٽر ضياء قريشي، ڊاڪٽر ممتاز خان، ڊاڪٽر مصعب، ڊاڪٽر مدش، ڊاڪٽر محسن بشير ۽ ڊاڪٽر ثاقب نقوي شامل آهن ڊاڪٽرن جي ٽيم سول اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر رفيق منگي سان گڏ اسپتال جي آئيسوليشن وارڊ ۾ داخل مريض ٻارن جو جائزو ورتو هنن ٻارن جي والدين جا خدشا ٻڌا ۽ اسپتال جي ڊاڪٽرن سان مسئلن تي بہ ڳالهايو اسلام آباد مان آيل ڊاڪٽرن جو چوڻ هو تہ هو وزيراعظم محمد شهباز شريف جي هدايتن تحت خيرپور پهتا آهن هنن ٻارن جو معائنو ڪيو والدين جا خدشا ٻڌا ۽ ٻارن کي ڏنيون ويندڙ دوائن بابت مقامي ڊاڪٽرن سان صلاح مشورا ڪيا ٽيم آئيسوليشن وارڊ جي صفائي سٿرائي جو بہ جائزو ورتو ڊاڪٽرن وڌيڪ چيو تہ هنن اسپتال جي ايم ايس ۽ ٻين ڊاڪٽرن سان گڏ منڪي پوڪس جي روڪٿام بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي ۽ بيماري جي پکڙجڻ جا سڀئي پاسا سامهون رکي صلاحون ڪيون آهن. ٽيم جيڪا بہ صورتحال ڏٺي ۽ بيماري پکڙجڻ جا سبب بڻيا، انهن تي تفصيلي رپورٽ تيار ڪري وزيراعظم کي پيش ڪئي ويندي اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي تہ وزيراعظم منڪي پوڪس جي روڪٿام لاءِ وڌيڪ بهتر قدم کڻندا

بقايا 27 دعوي

جوابدار اصغر ملاح کي 35 بنڊيون آڪڙا پرچي ۽ هڪ هزار رپيا روڪ رقم سميت گرفتار ڪري ورتو جڏهن تہ 3 ساٿي جوابدار فرار ٿي ويا، گرفتار ۽ فرار جوابدارن خلاف ٿاڻي سڄاول تي ڪيس داخل ڪيو ويو هڪ ٻي ڪارروائي ۾ جوابدار اصغر شاهه کي 400 گٽڪا، 15 پيڪٽ تمباڪو ۽ بليڪ رنگ ڪار (نمبر AHU-568)سميت گرفتار ڪري مٿس ڪيس داخل ڪيو ويو ايس ايڇ او الهڏنو پمبرو دوران گشت گٽڪا ٻلي تي ڇاپو هڻي جوابدار محمد يوسف ميراڻي کي 30 ڪلوگرام گٽڪو ميٽيريل ۽ 1000 گٽڪن سميت گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو.ساڳئي وقت ايس ايڇ او صفدر علي سولنگي درگاهه قاسم علي شاهه پرسان ڪارروائي ڪندي گٽڪا سپلائر فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ۽ 8 ڪلوگرام گٽڪو ميٽيريل، 1000 گٽڪا ۽ هڪ موٽر سائيڪل قبضي ۾ وٺي جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

بقايا 28 احتجاجي مظاهرو

فرياد اي سيڪشن ٿاڻي خيرپور تي داخل ڪرائي آهي پر جوابدارن کي گرفتار نہ ڪيو ويو آهي،مظاهرين چيو تہ رڪشا گهر جي روزگار جو سهارو هيو ،هاڻي ڦاڪاڪشي ڪرڻ تي مجبور آهيون ،هنن ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور سميت وس وارن کان نوٽيس جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 29 تحفظ جو مطالبو

هڻڻ ڪري اسان جي پلور نسل جي مينهن پڻ بيمار ٿي چڪي آهي متاثرن جو چوڻ آهي تہ بااثر رشتيدار پڻ آهن جن جي منهنجو 2 نياڻيون پڻ ڏنل آهن جن سان هڪ نياڻي کي ٻاندي بڻائي ڇڏيو آهي جنهن سان 4 سالن کان وٺي ملڻ وغيره بهي نٿو ڏنو وڃي،پورهيتن دانهيون تہ اسان مسڪين آهيون بااثر خلاف عدالت ۾ ڪيس بہ هلندڙ آهي پر هن وقت تائين انصاف نہ ملي سگهيو آهي جنهن سبب پريشان آهيون بااثر گهر خالي ڪرائڻ ۽ اغوا قتل جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن متاثرن پاران ايس ايس پي خيرپور،ڊي آئي جي سکر کان نوٽس وٺي انصاف ڏيارڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 30 ڦڙا پيارايا ويا

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر پير منظور احمد بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ ضلعي ۾ 13 اپريل کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ۽ ٽيمون هر علائقي ۾ پهچي ٻارن کي پوليو جي ڦڙن سان گڏ وٽامن اي جا ڪيپسول بہ پيارينديون، اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون بابر خان نظاماڻي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ڊاڪٽر عدنان منيس ڊاڪٽر ڪليم شيخ تعلقن جا اسسٽنٽ ڪمشنر اي پي آءِ فوڪل پرسن ڊبليو ايڇ او لوڪل گورنمينٽ، ميونسپل، وومين ڊولپمينٽ، صحت، پوليس،ريونيو ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 31 احتجاج

ٿي پيرسن جي لاش کي ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو لڳايو ويو هو جتي پوليس جي اهلڪارن ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو يقين ڏياري ڌرڻو ختم ڪرايو پر هڪ هفتو گذري وڃڻ باوجود ايف آءِ آر داخل ٿي نہ سگهي آهي جنهن جي ڪري اجان بہ ايف آءِ آر داخل نہ ڪئي وئي تہ هن پرامن احتجاج کانپوءِ وري ٽنڊو محمد خان جي روڊن رستن تي ڌرڻا هڻي روڊ بلاڪ ڪيا ويندا ، ٽريفڪ کي جام ڪيو ويندو ، شهر اندر شٽرڊائون هڙتال ڪئي ويندي

بقايا 32 احتجاج

کي درخواست ڏيڻ تي با اثر ماڻهو منهنجا دشمن ٿي ويا آهن ۽ مارڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين هن اختيارين کي انصاف ڏيارڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 33 دعوي

منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي نوجوان کي طبي امداد ڏني وئي ان سلسلي ۾ پوليس پاران جاري ڪيل بيان ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي تہ دادپور جاگير جو رهواسي جوابدار مولا بخش جکراڻي ٻاءُ پاس شمبي شاهه پوليس چيڪ پوسٽ پرسان پنهنجي 5 ساٿين سميت ڏوهه جي ارادي سان بيٺل هو جن گشت دوران پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني ۽ پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ جوابدار ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي ڪري پيو ۽ سندس ساٿي فرار ٿي ويا جنهن بعد زخمي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب: گرفتار جوابدارن مٿان مختلف ٿاڻن تي مختلف ڏوهن جا ڪيس درج ٿيل آهن پوليس طرفان گرفتار ڪيل جوابدار مٿان سرڪاري فرياد تي وڌيڪ هڪ ٻيو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 34 موبائل ڦر

زور تي موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا متاثر شخص ۽ شهرين ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو آهي تہ وڌندڙ وارداتن جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي تہ جيئن شهرين کي تحفظ فراهم ٿي سگهي

NESPAK

پاکستان ریلوے مین لائن-1کراچی تا روہڑی سیکشن کے تفصیلی ڈیزائن اور اَپ گریڈکرنے کا منصوبہ

PAKISTAN RAILWAYS
پاکستان ریلویز

پاکستان ریلویز کراچی تا روہڑی مین لائن-1 (ایم ایل1)

اعلان- حتمی تاریخ کا تعین (اطلاع برائے متاثرینِ منصوبہ)

حکومت پاکستان بذریعہ پاکستان ریلویز کراچی تا روہڑی مین لائن-1 (ایم ایل 1) کی اپ گریڈیشن کے تفصیلی انجینئرنگ ڈیزائن پرعمل درآمد کررہی ہے۔ اس ضمن میں پاکستان ریلوے کی ملکیتی رائٹ آف وے (آر او ڈبلیو) کے اندرواقع تمام افراد، رہائشی وکاروباری ڈھانچوں، تجاوزات، فصلوں، درختوں اوردیگر اثاثہ جات کی نشاندہی، اندراج اورتعین ازالۂ نقصانات اندراج کیلئے سماجی اثرات کا جائزہ، مردم شماری سروے اورنقصانات کاتعین کیاجارہاہے۔ منصوبے کے لئےتعین شدہ ریلوے کی حدود کے اندرمقیم، قابض، کرایہ دار، دکاندار، کاشتکاریاکسی بھی نوعیت کے استعمال کنندگان کومطلع کیاجاتاہے کہ 10اپریل2026 حتمی تاریخ مقررکی گئی۔ پاکستان ریلوے کے مجازسروے ٹیمیں فیلڈسروے انجام دیں گی جو10اپریل2026 سےشروع ہوگا۔ لہٰذاتمام متعلقہ افرادسےمکمل تعاون اوردرست معلومات کی فراہمی کی درخواست کی جاتی ہے۔ مزیدمعلومات یاازالہ شکایات کیلئے پراجیکٹ ڈائریکٹر، ایم ایل-1پراجیکٹ، پاکستان ریلوے۔ کسی بھی قسم کی معلومات یاشکایات کی صورت میں درج ذیل نمبرز پررابطہ کریں۔

1. یاسرصدیق
   مینجر انفراسٹرکچر، پی آئی یو(ایم ایل-1)
   +92-99206055
2. عظمیٰ مسعود
   ڈپٹی ڈائریکٹر، (پراپرٹی اینڈلینڈ)، ڈی ایس آفس کراچی
   021-99213412
3. غوث بخش سومرو
   ڈپٹی ڈائریکٹر(پی اینڈ ایل)، (پراپرٹی اینڈلینڈ)، ڈی ایس آفس سکھر
   071-9311165

PID(L)2736/25

ریلوے لائن کوصرف ریلوے کراسنگ سےاحتیاط سےپارکریں۔

عزم استحکام

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-IA-CB-60-3848-318248031-2026	CO-SOURCING SERVICES OF IT AUDIT	27.04.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-FC-CB-PANDP- 316877223-2026	VIBRATION TRANSMITTERS AND SWITCHES	14.05.2026 AT 1100 HRS
3.	ODGC-SCM-FD-CB-PNP-316450014-2026	SPARES FOR ARIEL COMPRESSORS	14.05.2026 AT 1100 HRS
4.	OGDC-SCM-FB-CB-PNP-313562564-2026	COUPLING FOR CATERPILLAR ENGINE MODEL # G-3516	14.05.2026 AT 1100 HRS
5.	OGDC-SCM-FC-CB-PNP-316760337-2026	PROCUREMENT OF LIMIT SWITCHES	18.05.2026 AT 1100 HRS
6.	OGDC-SCM-FC-CB-PNP-KPD-317874438-2026	REPAIR KITS OF FLUICON KCVS	19.05.2026 AT 1100 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **11.03.2026, 17.03.2026, 18.03.2026** and **19.03.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LD-PT-PNP-QP-315198604-2026	VALVES	20.04.2026 AT 1130 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-SECURITY-315392942-2026	HIRING OF PRIVATE SECURITY SERVICES	27.04.2026 AT 1030 HRS
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-RM-315855232-2026	INSPECTION OF OGDC RIG N-5 & N-6 EQUIPMENT	04.05.2026 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 154/56

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

THE UNIVERSITY OF MIRPURKHAS

OFFICE OF THE REGISTRAR, THE UNIVERSITY OF MIRPURKHAS,
ADJACENT SHAH ABDUL LATIF DEGREE COLLEGE MIRPURKHAS, Phone: 0233-920249

CORRIGENDUM

With reference to Advertisement No. PID (H) 01/25 published in the Daily Jang, Daily Dawn, and Daily Kawish newspapers on 05.07.2025, it is hereby notified for the information of all concerned that the following amendment is made under the section "Instructions / Further Information":

The last date for submission of applications is hereby extended up to 20th April 2026.

All other terms and conditions of the advertisement shall remain unchanged.

REGISTRAR
The University of Mirpurkhas

PID (H) 366-2025

دلچسپي جو اظهار / تجويز لاءِ درخواست

پبلڪ سيڪٽر ريگيوليٽري آرگنائيزيشن کي مختلف خالي اسامين لاءِ ڀرتي جي عمل ۾ سهولت فراهم ڪرڻ، تحريري امتحان ۽ اميدوارن جي جانچ جون خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ اهل، نالي وارين ۽ تجربيڪار ٽيسٽنگ ايجنسين/ فرمن کان دلچسپي جو اظهار/آڇون/تجويزون گهربل آهن. اهي فرمون لاڳاپيل ادارن يعني FBR، SECP ۽ SRB وٽ رجسٽرڊ هجڻ گهرجن ته جيئن اهو عمل مڪمل طور تي شفاف ۽ ميرٽ جي بنياد تي ڪيو وڃي.

- فرم جي آفيس ڪراچي ۾ هجڻ گهرجي. ايجنسي/فرم کي هڪ تازو انڊرٽيڪنگ (حلف نامو) شامل ڪرڻو پوندو جنهن ۾ ظاهر ٿيل هجي ته ڪمپني کي ڪڏهن به ڪنهن سرڪاري، خودمختيار يا ڪنهن خانگي اداري پاران بليڪ لسٽ ناهي ڪيو ويو.
- فرم وٽ سرڪاري ۽ خانگي شعبي ۾ ڀرتي/داخلا ٽيسٽ منعقد ڪرڻ جو گهٽ ۾ گهٽ 10 سالن جو تجربو هجڻ ضروري آهي (سالن جو حساب SECP رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ موجب ڪيو ويندو).
- ايجنسي کي هڪ حلف نامو شامل ڪرڻو پوندو ته NAB، FIA يا ڪنهن به عدالت ۾ ڪو به ڪيس هلندڙ ناهي. ايجنسين/فرمن کي ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل تجويزن سان گڏ گهربل لازمي دستاويز هيٺ ڏنل پتي تي جمع ڪرائڻ گهرجن.
- دلچسپي جو اظهار/ڪوٽيشن جيڪي تجويز/EOI ۾ ڏنل هدايتن موجب تيار ڪيون ويون هجن. انهن جا دستاويز ڏنل آفيس جي پتي تان حاصل ڪري سگهجن ٿا ۽ 23 اپريل 2026ع تي صبح 11:30 وڳي تائين يا ان کان اڳ بنگلو نمبر D-155، بلاڪ -5، ڪلفٽن ڪراچي ۾ جمع ڪرائي سگهجن ٿا.
- مجاز اٿارٽي ڪنهن به وقت ضرورت پوڻ تي ڪنهن به يا تمام ٽينڊرن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي. وڌيڪ هي ته، دير سان جمع ٿيل يا نامڪمل تجويزن تي غور نه ڪيو ويندو.

چيئرمين

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF-KRY/1404/26

وڏو وزير سيد مراد علي شاهه مير بابل خان جکراڻي جي وڇوڙي تي تعزيت لاءِ جيڪب آباد پهتو

شرجيل ميمڻ، ناصر حسين شاهه، خورشيد شاهه، شبير محمد مغيري، مڪيش چاولا ۽ ٻين اعجاز جکراڻي سان تعزيت ڪئي

پي پي پي سنڌ ۾ عوام جي خدمت جاري رکندي ۽ مخالف به پارٽي ۾ شامل ٿي رهيا آهن: سيد مراد علي شاهه

جنگبندي ۾ پاڪستان طرفان ڪارائتو ڪردار ادا ڪرڻ تي اسان سيني کي الله پاڪ جو شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي

جيڪب آباد (ع ر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پنهنجي ڪابينا سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ايم اين اي سيد خورشيد شاهه ايم پي اي شبير محمد

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: وڏو وزير مراد علي شاهه، صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، ناصر شاهه، خورشيد شاهه ۽ ٻيا اعجاز جکراڻي سان سندس والد جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيا آهن

مسوڀرڳڙي ۾ استاد جو تشدد ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج، انصاف جو مطالبو

مسوڀرڳڙي (ن ع) گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول مسوڀرڳڙي جي استاد فرمان علي لغاري پريس ڪلب مسوڀرڳڙي تي احتجاج ڪندي چيو آهي ته آئون روزانو اسڪول ڊيوٽي تي ايندو آهيان گذريل ڏينهن مسوڀرڳڙي ويجهو هٽڙي ڦاٽڪ جي حد عبدالله شاهه درگاهه سامهون نالي منظور ۽ ان جو پٽ ڪاڪو ٻين نامعلوم جوابدارن مون تي حملو ڪري تشدد جو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو: پ پ اڳواڻ علي حسن هنگورجو جهانگير جوڻيجو ۽ ٻيا بيٺل آهن

ميرپورخاص ميڊيڪل جي شاگرديائي مبينا طور گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي شاگرديائي فهميده لغاري جو لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو

واقعي ۾ استعمال ٿيل پسٽل ۽ نينگري جو موبائل فون هٿ ڪيو ويو آهي، جاچ ڪيون پيا: پوليس

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي سيٽ لائيٽ ٽائون ٿاڻي جي حد اسڪيم نمبر 2 واري علائقي ۾ 22 سالن جي فهميدا لغاري مبينا طور پسٽل سان پنهنجو پاڻ تي فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو آهي اطلاع ملڻ تي حد جي پوليس واقعي واري جاءِ تي پهچي وارثن کان تفصيل ورتا ۽ نينگري جو لاش پوسٽ مارٽم جي سلسلي ۾ سول اسپتال ميرپورخاص پهچايو. فوتي نينگري ميرپورخاص جي هڪ نجي ڪاليج ۾ ميڊيڪل جي ٿرڊ ايئر جي شاگرديائي هئي پوليس موجب شروعاتي معلومات مان واقعو آپگهات لڳي ٿو. پوليس موجب واقعي ۾ استعمال ٿيل پسٽل ۽ نينگري جو موبائل فون هٿ ڪيو ويو آهي پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي هراسمينٽ جو شڪار هئي، ڪيس هن سال مارڪون گهٽ مليون هيون، ممڪن آهي سندس آپگهات جو سبب اهو هجي يا ٻيو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

باقراڻي تعلقي ۾ ڪڻڪ جو فصل تيار ٿي مارڪيٽ ۾ به اچي ويو، خريداري مرڪز نه کليا

واپاري آبادگارن ۽ هارين کان ڪڻڪ في مڻ 28 سئو کان 3000 هزار روپين ۾ خريد ڪن ٿا جڏهن ته سرڪاري اگهه 3500 سئو روپيا مقرر ڪيو ويو آهي

باقراڻي سميت ٻين خريداري مرڪزن تي فوڊ انسپيڪٽر مقرر ناهن ڪيا جنهن ڪري مرڪز اڃان تائين کلي ناهن سگهيا

مهانگا ڀاڻ، ٻج، دوائون خريد ڪري فصل تيار ڪريون ٿا پر مناسب اگهه نه ملڻ ڪري اسان کي ڪافي نقصان سان منهن ڏيڻو پوي ٿو: آبادگار

باقراڻي (رپورٽ خدا بخش ابڙو) سنڌ حڪومت جي اعلان باوجود هن وقت تائين سرڪاري سطح تي ڪڻڪ خريداري مرڪز نه کلي سگهيا آهن، جڏهن ته باقراڻي تعلقي ۾ ڪڻڪ جو فصل پچي تيار ٿي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

دڙي ۾ ناجائز حددخلين ۽ قبضن خلاف آپريشن، ڇپرا، ريڙها ۽ صندل هٽايا ويا

اي سي بٺوري راشد لوهاچ جي اڳواڻي ۾ غير قانوني ڪيل حددخلين خلاف آپريشن ڪيو ويو

شهرين جي شڪايت تي غير قانوني انڪروچمينٽ خلاف ڪارروائي ڪئي وئي آهي: اي سي

دڙو (ن ع) دڙي ۾ ناجائز حددخلين ۽ قبضن خلاف آپريشن، ڇاپرا ريڙها ۽ صندل هٽايا ويا، دڙي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپوربٺورو راشد لوهاچ جي اڳواڻي ۾ غير قانوني طور قائم ڪيل حددخلين خلاف آپريشن ڪيو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپوربٺورو راشد لوهاچ پوليس ۽ ٽائون عملي جي مدد سان شهر جي پرائمري اسڪول چوڪ، سرڪاري اسپتال چوڪ، بس اسٽاپ، سزوڪي اسٽاپ سميت مختلف هنڌن تي ٿيل حددخلين ۽ ناجائز ٿيل قبضن خلاف ڪارروائي ڪئي اي سي ميرپوربٺورو طرفان دڪانن جي اڳيان قائم ڏڪا، ڇپرا ريڙها ۽ صندل هٽايا ويا، جڏهن ته ڪافي سامان پڻ ضبط ڪيو ويو ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر راشد لوهاچ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شهرين جي شڪايت تي شهر ۾ غير قانوني انڪروچمينٽ خلاف ڪارروائي ڪئي وئي آهي. دڪاندارن کي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سيتارجا ۾ واپاري جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سيتارجا(ن ع) سيتارجا ويجهو ڳوٺ حاجي علي داد خان مگنيجو جي رهواسي ۽ صوبيديرو شهر جي مشهور ڪاروباري شخصيت علي رضا مگنيجو سيتارجا پهچي تعلقا فيض گنج جي ڳوٺ بصيرو جي رهواسي زميندار شرافت راڄپر پٽ حيات راڄپر جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو آهي ته 15 اپريل 2024 تي شرافت علي راڄپر پٽ حيات راڄپر

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

دڙو: حددخلين خلاف آپريشن دوران اڏاوتون هٽايون پيون وڃن

سيتارجا ويجهو مردن ۽ عورتن پاران بااثر جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاج

ڳوٺاڻن نظير ملاح، ضمير ملاح، امام زادي، بشيران خاتون ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثر نوجوان کي يرغمال بڻائي تشدد بعد پوليس حوالي ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

سيتارجا(ن ع) سيتارجا ويجهو ڳوٺ عاقل گهانگهرو جي رهواسي مردن ۽ عورتن پاران بااثر جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاج، وياج جي رقم تان بيمار نوجوان کي يرغمال بڻائي مٿس تشدد ۽ تذليل ڪرڻ جو الزام. مظاهرين نظير ملاح، ضمير ملاح، امام زادي، بشيران خاتون ۽ ٻين الزام مڙهيندي چيو آهي ته بااثر ذوالفقار گهانگهرو کان اسين بيماري سبب 5 لک روپيا ورتا هئا جيڪي 65 هزار روپيا ماهوار قسط تحت ڪيس وياج سميت رقم ادا ڪرڻ باوجود هن اسان جي نوجوان نظير احمد ملاح کي رستي ويندي يرغمال بڻائي مٿس سخت تشدد ڪري بعد ۾ پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو جيڪو مختلف بيمارين ۾ ورتڙيل آهي ۽ سندس علاج هلندڙ آهي جنهن تي پوليس ڪيس پاڻ ٿي بيمار هجڻ ڪري آزاد ڪيو آهي جنهن ڪري مخالف ۽ سندس ساٿي مچرجي پيا آهن ۽ اسان کي مختلف طريقن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور انتظاميا پاران جوڙيل ٽيم جون مختلف علائقن ۾ ڪارروايون، 4 ليبارٽريون سيل

خيرپور(ڊ ر)خيرپور: ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل شعبن جي گڏيل ٽيم عوام جي صحت ۽ طبي معيار جي تحفظ لاءِ خيرپور ۾ سخت نگراني ۽ شفاف ڪارروائي شروع ڪئي آهي ٽيم ڪيترن ئي ليبارٽريز ۽ طبي مرڪزن جو فوري ۽ جامع معائنو ڪندي انهن جي ڪارڪردگي، اسٽاف ۽ سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو ٽيم ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور عماس سولنگي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

پنگريو لڳ عدالتي حڪم تي پوليس مبينا قيدي بڻايل هارين کي بازياب ڪرائي ورتو

شريمتي پاني جي درخواست تي سيشن ڪورٽ جي جج پوليس کي بازيابي جو حڪم ڏنو

پوليس ٻاندي ستارام، گوند، شيون، گلاب ڀيل ۽ ٻين کي بازياب ڪرائي عدالت ۾ پيش ڪيو

عدالت هارين جا بيان ٻڌڻ ڪانپوءِ کين مرضي جي زندگي گذارڻ جو آرڊر جاري ڪيو

پنگريو(ن ع)پنگريو پوليس جي حد ڏايي فارم ۾ زميندار وڪرم واڌيون جي زرعي زمين تي هاريو ڪندڙ شريمتي پاني سيشن ڪورٽ بدين ۾ درخواست ڏني ته سندس خاندان جي ستارام ڀيل گوند ڀيل شيون ڀيل

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ شيخ پرڪيو واسي جو ڀاءُ جي قاتلن پاران ڌمڪين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ شيخ پرڪيو ويجهو ڳوٺ تاج محمد شاهه سماٻاڻي جي رهواسي سيد مدد علي شاهه ڌانهيندي چيو آهي ته ڀاءُ کي قتل ڪندڙ جوابدار ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، هن چيو ته 9 مهينا اڳ برادري جي ٿي ماڻهن جيڪي علائقي جا بااثر پڻ آهن زرعي زمين جي معاملي تي فائرنگ ڪري هڪ ڀاءُ کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ ٻي کي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ايران مٿان آمريڪي ۽ اسرائيلي
حملن ۽ دهشتگردي خلاف احتجاج

دادو: تيل جي قيمتن ۾ واڌ ۽ آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

راڌڻ: منٿ ميڙ قافلي ۾ شامل ناري ڌرين کي امن لاءِ اپيل ڪري رهي آهي

دادو ۾ عوامي تحريڪ پاران تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن ايڊووڪيٽ نجيب الرحمان مهيسر، گلڻ پنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ ڪيل ظالمانه واڌ کي فوري طور واپس ورتو وڃي

دادو(ڊ ر) تيل جي قيمتن ۾ ڪيل هٿرادو ڳاٽي ٽوڙ واڌ ۽ آمريڪا، اسرائيل پاران ايران مٿان مڙهيل جنگ خلاف عوامي تحريڪ پاران دادو شهر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي عوامي تحريڪ ضلعي دادو جي صدر ايڊووڪيٽ نجيب الرحمان مهيسر، گلڻ پنڊ، ممتاز پنڊ، ايڊووڪيٽ داد محمد مگسي، عاطف ملاح، لعل بخش بروهي، يعقوب ڪوسو، ڪرم رستماڻي ۽ ٻين ڪئي. احتجاج ۾ شامل ڪارڪنن پاران حڪمرانن جي عوام دشمن پاليسين، پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ۽ عالمي سامراجي قوتن خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي.اڳواڻن خطاب ڪندي ۽ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو ته حڪمرانن جنگ جو بهانو بڻائي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ ڪري غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، هي رڳو قيمتن ۾ واڌ ناهي پر غريب عوام جو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ ٽن ڀينرن جو ڀائرن پاران ملڪيت مان حصو نه ڏيڻ خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

نوابشاهه(س ر) نوابشاهه پريس ڪلب ٻاهران ڪراچي ۽ حيدرآباد مان آيل ٽن ڀينرن شمائلا ۽ سميرا نوابشاهه جي رهواسڻ پنهنجي ڀيڻ سميرا سان گڏجي والد جي ملڪيت مان ڀائرن مان حصو نه ڏيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو انهي موقعي تي هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان پاڻ چار ڀينرون آهيون اسان جي مرحوم والد حاجي عبدالشڪور جي نوابشاهه جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ليبر ڪالوني جي رهواسي پوڙهيت کي چتن ڪتن ڏاڙهي وڌو

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي ۾ ويڪسين نه هئڻ ڪري نوجوان سور ۾ تڙپندو رهيو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ليبر ڪالوني جي رهواسي پوڙهيت الياس کي گهر واپس ايندي چتن ڪتن حملو ڪري ڪيس ڏاڙهي وڌو موجود ماڻهن نوجوان کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي پهچايو جتي ويڪسين نه هئڻ ڪري نوجوان سور ۾ تڙپندو رهيو بعد ۾ نوجوان الياس جو صحافين آڏو احتجاج، سندس چوڻ هو ته ليبر ڪالوني ۾ رولو چتا ڪتا وار ڪيو وتن ٿا معصوم ٻارڙن کي به ڏاڙهي وجهن ٿا، فيڪٽرين مان واپسي دوران به رولو ڪتا رستن روڊن گلين ۾ گهمندا وتن ٿا، انتظاميا کي بار بار شڪايت ڪئي پر ڪو به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي فوري ڪتا مار

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ضلعي اندر ايم پاڪس جي امڪاني صورتحال کي روڪڻ لاءِ اڳواٽ قدم کنيا وڃن: ڊي سي نوابشاهه

نوابشاهه(س ر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي جي صدارت هيٺ منڪي پاڪس (ايم پاڪس) کان بچاءَ بابت هڪ اهم اجلاس اڄ ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ضلعي اندر ايم پاڪس جي امڪاني

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

خيرپورناٿن شاهه: پي پي ضلع دادو جي ورڪرن لاءِ مالي سهائتا ۽ حوصلا افزائي لاءِ تقريب

پير مجيب ۽ سيد صالح شاهه نور محمد چانڊيو جي گهر تي ملاقات ڪري ورڪرن کي حوصلا افزائي لاءِ رقم ڏني

پارٽي جي پيغام کي هر سطح تائين پهچايو وڃي ۽ ورڪرن کي وڌيڪ سرگرم بڻايو وڃي:اڳواڻ

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع دادو جي نائب صدر نور محمد چانڊيو جي رهائشگاهه تي پي پي ضلع دادو جي صدر ۽ ايم پي اي پير مجيب الحق، ايم پي اي سيد صالح شاهه اڳوڻي ايم اين اي عمران ظفر علي خان پهچي پارٽي جي سينيئر ورڪرن الهرکيو ڪلوئي ۽ محمد يامين ٻگهيو سان ملاقات ڪري انهن جي مالي سهائتا طور روڪ رقم پڻ فراهم ڪئي جنهن جو مقصد ورڪرن جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ سندن خدمتن کي سراهڻ هو ان موقعي پي پي ضلع دادو جي صدر چيو ته هر ڳالهه ۾ ورڪرن کي اعتماد ۾ ورتو ويندو ورڪرن چيو ته هڪ کان چار گريڊ واريون نوڪريون جن جا ڊي آر سي ۾ نالا آهن انهن کي جلد ڏياريون وڃن ان دوران پارٽي جي تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ايندڙ سياسي سرگرمين ۽ علائقي جي عوامي مسئلن تي تفصيلي خيالن جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

منشيات فروشي جي الزام ۾ گرفتار ٿيل نوجوان لاءِ احتجاج ڪندڙن خلاف ڪيس داخل

جامشورو(ڊ ر) شهر جي سينڊوڙ جي علائقي ملاح پاڙي ۾ پوليس آئالن چڙهائي ڪندي منشيات جي الزام هيٺ دوڪاندار اڪرم ملاح کي گرفتار ڪيو ويو هو وارثن طرفان پوليس جي الزام رد ڪندي اڪرم ملاح جي آزادي ۽ پوليس زيادتين خلاف ملاح

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپورناٿن شاهه: پ پ ايم پي اي پير مجيب اجياڻي ۾ شريڪ آهي

اسلام آباد: برسات بعد بيٺل پاڻي مان گاڏيون گذري رهيون آهن

سگهيون ويجهو پوڙهيت کي نانگ ڪکي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

اسلام ڪوٽ کان ڪڻڪ لاباري لاءِ آيل گورڌن ولد ڪاجو ڪولهي کي نانگ ڪکيو

زخمي پوڙهيت کي بي ايڇ يو مان ويڪسين ڪرائڻ بعد گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو

سگهيون (ن ع) سگهيون اسلام ڪوٽ کان ڪڻڪ جي مزدوري لاءِ آيل 40 سالا گورڌن ولد ڪاجو ڪولهي کي لاباري ڪرڻ دوران نانگ ڪکي زخمي ڪري وڌو جنهن کي وارث بيسڪ هيلٿ يونٽ سگهون اسپتال ڪٺائي آيا جتي ڊاڪٽرن پاران نانگ جي زهر کان بچاءَ جي ويڪسين ڪرڻ بعد 1122 رسڪيو ايمبولينس ذريعي ڪيس گمبٽ جي گمس اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو ياد رهي ته گذريل 10 ڏهن ڏينهن دوران نانگ جي ڪکڻ جو هي ٽيون واقعو پيش آيو آهي

سڪرنڊ ويجهو ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب ڳوٺاڻو فوت

بينظير انٽر چينج وٽ حادثي ۾ دلبر حسين جلالاڻي ٿڏي تي دم ڏئي ڇڏيو

پوليس ٽرالر تحويل ۾، لاش تعلقه اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ پرسان قومي شاهراهه تي بينظير انٽر چينج وٽ ٽرالر جو موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ سڪرنڊ جي ڳوٺ صاحب خان جلالاڻي جو رهواسي موٽر سائيڪل سوار دلبر حسين جلالاڻي ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو واقعي جي اطلاع تي مقامي ماڻهن لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهچايو جتي ضروري ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪو همدرد فري ايمبولينس سروس جي ريسڪيو ٽيم فوتيءَ جي ڳوٺ صاحب خان جلالاڻي پهچايو هوڏانهن سڪرنڊ پوليس ٽرالر تحويل ۾ وٺي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي هوڏانهن لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام متل آهي

ڪوٽڙي اسٽيشن تي مسافر دل جو دورو پوڻ سبب فوت

سکر ايڪسپريس ٽرين شڪارپور واسي عزيز الله فوت ٿي ويو

لاش کي اسپتال منتقل ڪري ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي اسٽيشن تي سکر ايڪسپريس ٽرين ۾ 65 سالا شڪارپور واسي عزيزالله ولد محمد ملوڪ دل جو دورو پوڻ ڪري فوت ٿيڻ تي سندس لاش ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪيو ويو جتان وارثن حوالي ڪيو ويو آهي

حيدرآباد: ايس ايس پي عوامي مسئلا ٻڌي رهيو آهي

سکر ۾ روهڙي واسين جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڇوهارا منڊي واسين نديم، خالد، عبدالرؤف ناريجو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اي ايس آءِ منظور ناريجو اسان جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي پرسان ڇوهارا منڊي جي رهواسي ناريجو برادري جي ماڻهن پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. احتجاج ڪندڙن نديم ناريجو خالد ناريجو عبدالرؤف، عبدالرشيد ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سندن ئي برادري سان تعلق رکندڙ هڪ اي ايس آءِ گذريل 9 سالن کان مٿن مبينا زيادتيون ڪندو پيو اچي. هنن الزام لڳايو ته منظور ناريجو 2017ع ۾ به سندن گهرن تي چڙهائي ڪري نوجوانن کي کڻي ويو هو جنهن بعد ان وقت جي ايس ايس پي خيرپور انڪوائري ڪرائي ۽ نوجوانن کي بيگناهه قرار ڏئي آزاد ڪيو ويو.مظاهرين موجب ان باوجود به منظور ناريجو بار بار پوليس ذريعي سندن نوجوانن کي گرفتار ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. هنن دعويٰ ڪئي ته ڪجهه ڏينهن اڳ به سادا ڪپڙا پاتل ماڻهن سان گڏجي سندن هڪ نوجوان

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ گهرن لاءِ خطرو بڻيل موبائيل ڪمپني ٽاور لڳائڻ تي احتجاج

ٿهيل ڪڏ ۾ ٽاور کي لڳائڻ سبب ٽاور ڪنهن وقت به ڪري سگهي ٿو: مظاهرين

ٽاور کي ڪالوني مان نه هٽايو ويو ته مجبور ٿي روڊن رستن تي اچي احتجاج ڪنداسين

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي شوڪت ڪالوني ۾ گهرن لاءِ خطرو بڻيل نجي موبائيل ڪمپني جي ٽاور لڳائڻ تي رهواسين جو احتجاج ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر جي شوڪت ڪالوني جي رهواسي شهرين ڪالوني ۾ گهرن جي آڏو نجي ڪمپني جي موبائيل ٽاور کي ڪالوني جي رهواسين جي اعتراض ڪرڻ باوجود لڳائڻ تي شهرين چونڊيل ميونسپل ڪائونسلر الهبخش چوهاڻ نبي بخش چوهاڻ، مسجد جي پيش امام حق نواز چنو عرس چوهاڻ ، دين محمد چوهاڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ شامل اڳواڻن چيو ته شوڪت ڪالوني ۾ گهرن جي آڏو اعتراض ڪرڻ باوجود موبائيل نجي ڪمپني جي ٽاور کي بنياد مضبوط ڪرڻ بجاءِ ٿهيل ڪڏ ۾ ٽاور کي لڳائي رهواسين جي حياتين لاءِ خطرو پيدا ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ ڪنهن به

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: حددخلين خلاف آپريشن دوران اڏاوتون ڊاهيون پيون وڃن

پنوعاقل ۾ نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ۾ نوجوان زخمي، وارثن جو جتوئين تي الزام

بشير آباد واسي زخمي محرم ولد الهڏنو مهر کي وارث ۽ پوليس اسپتال منتقل ڪيو

ڀاءُ کي جتوئي برادري جي ماڻهن زخمي ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: غلام سرور مهر

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جي ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري هڪ نوجوان کي زخمي ڪري ڇڏيو واقعي موجب، نوجوان محرم ولد الهڏنو مهر جيڪو بشير آباد پنوعاقل جو رهواسي آهي، تي اوچتو فائرنگ ڪئي وئي جنهن سبب هو سخت زخمي ٿي پيو اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ سندس وارثن زخمي نوجوان کي ترت ويجهو اسپتال منتقل ڪيو جتان بعد ۾ ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ سکر جي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف زخمي نوجوان جي ڀاءُ غلام سرور مهر الزام لڳائيندي چيو آهي ته سندس ڀاءُ تي حملو جتوئي ڌر جي ماڻهن ڪيو آهي جن فائرنگ ڪري کيس زخمي ڪيو. پوليس واقعي جو نوٽيس وٺندي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته جوابدارن جي ڳولا جاري آهي. ڪريم ڏنو جتوئي مهرگ موجب ته تاريخ ڏيڻ بعد اڳرائي ڪري بيگناهه

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٺڙي محبت پرسان سولنگي-بروهي برادرين ۾ تڪرار ختم ڪرائڻ لاءِ منٿ ميڙ قافلو پهتو

سياسي سماجي ڌرين معززين سيد ۽ نيائين قرآن کڻي ڌرين وٽ پهچي امن جي اپيل ڪئي

بروهي ۽ سولنگي برادري جي ڌرين پاران اڳرائي نه ڪرڻ ۽ صلح لاءِ مهلت موٽ ڏني

ٻنهي ڌرين جا ڳوٺ آمهون سامهون هجڻ ڪري ڪافي وقت کان وٺي ڌريون مورچا بند هيون

ٺٽون ڳوٺ /ٺڙي محبت (نمائندن وٽان) ٻه مهينا اڳ راڌڻ شهر ۾ ميلي دوران معمولي ڳالهه تان ٿيل جهيڙي ۾ هڪ نوجوان قتل ٿي ويو هيو ان ڪانپوءِ سولنگي ۽ بروهي برادرين جي ٻن ڌرين ۾ خوني تڪرار پڙڪي اٿيو ۽ ٻن مهينن کان ڌرين پاران هڪ ٻئي جي ڳوٺن تي جديد هٿيارن سان حملا ٿيندا رهيا ان دوران وڌيڪ ٻن نوجوانن جون جانيون ضايع ٿيون ۽ تڪرار تيز ٿي ويو جنهن کي ختم ڪرائڻ لاءِ علائقي جي بااثرن سياسي سماجي سيد نيائين قرآن کڻي منٿ ميڙ قافلو سردار مشتاق سرگاڻي لعل خان خان سرگاڻي صائماڻو ايس يو پي ميهڙ تعلقي ميهڙ جي اڳواڻ حبيب حضوري فقير محمد ٿيبو ايس ڪي پي جي ضلعي دادو جي اڳواڻ علي شير جوڻيجو شهري اتحاد راڌڻ جو صدر ايڊووڪيٽ اعجاز مصري جاتوئي ٺڙي محبت شهري اتحاد اڳواڻ علائقي جي مختلف شهرن جي پريس

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: 3 ڀينرون والد جي ملڪيت مان حصو نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

سجاول ۾ پيرا ميڊيڪل اڳواڻ رياض احمد جي گهر تي حملي خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج

مظاهرين غلام قادر راڄپر، نديم سولنگي نظام دين مگسي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

رياض احمد سرواڻ جي گهر تي حملو ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ يونٽ سجاول اسپتال صدر رياض احمد سرواڻ جي گهر تي منشيات فروش گهنڊن جو حملو ۽ ڀائرن سخت زخمي سجاول اسپتال کان ٺٽو سيول اسپتال منتقل رياض احمد سرواڻ جي ڀائرن کي زخمي ڪرڻ تي پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ جي صوبائي اڳواڻ غلام قادر راڄپر قاسم آباد اسپتال جي يونٽ صدر نديم سولنگي انفرمشن سيڪريٽري نظام دين مگسي فضل ڪوريجو جي رياض احمد سرواڻ جي ڀائرن کي زخمي ڪندڙ بدماشن گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ غير قانوني 100 کان 50 روپيا پرچي وٺندڙن خلاف ڊرائيورن جو احتجاج

مظاهرين اعجاز مگسي، موسيٰ، اڪبر بروهي، سڪندر ڪنڀر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پٿاخور هر گاڏي کان غير قانوني 100 کان 50 روپيا وصول ڪري رهيا آهن نوٽيس ورتو وڃي

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ مبينا طور غير قانوني 100 کان 50 روپيا پرچي جي نالي تي وصول ڪندڙ پرچي مافيا خلاف وين ڊرائيورن روڊ تي وينون بيهاري روڊ بلاڪ ڪري سخت احتجاج ڪيو آهي احتجاج جي اڳواڻي ڪندي وين ڊرائيور اعجاز مگسي موسا بروهي اڪبر بروهي سڪندر ڪنڀر ۽ ٻين ڌانهيندي چيو آهي هڪ پيٽرول ڊيزل مهانگو هجڻ مان وري ڪجهه پٿاخورن پرچي جي نالي تي وين وارن کان رقم وصول ڪرڻ شروع ڪئي آهي اسان مزدور ماڻهن مهانگائي سبب شديد مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهيون مٿان وري هن پرچي مافيا اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ڪورٽ سڳوري

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل پرسان جوابدار ڪارنهن الزام هيٺ گهرواري کي گهٽا ڏئي قتل ڪري نوجوان کي زخمي ڪيو

ڳوٺ شهبازي بلو ۾ جوابدار گلزار بلو گهرواري مسمات عقيلان بلو کي قتل ڪري مبين بلو کي زخمي ڪيو

عورت جي مڙهه ۽ زخمي کي تعلقي اسپتال آڻي لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل پرسان جوابدار ڪارنهن الزام هيٺ گهرواري کي قتل ڪري ڇڏيو، ڪارنهن الزام هيٺ آيل همراهه کي به ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو ڳوٺ شهبازي بلو ۾ جوابدار گلزار بلو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ بجلي ٺاهڻ دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان سڙي زخمي، اسپتال منتقل

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي لقمان واري علائقي جي خورشيد ڪالوني ۾ ٽرانسفارمر ٺاهڻ دوران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان امان الله خاصخيلي سڙي سخت زخمي ٿي پيو آهي جنهن کي ڪلٽي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان لائين مين جو پرائيويٽ رکيل ملازم آهي جيڪو بجلي جو ڪم ڪندو آهي

ڪوئيٽا: بلوچستان اسيمبلي جي ميمبر فرح عظيم شاهه وڏي وزير سرفراز بگٽي سان ملاقات ڪري رهي آهي

بدين: سوشل ميڊيا تي وڊيو وائرل ڪندڙ پيءُ پٽ جن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

بدين: سينئر صحافي عطا چانڊيو خلاف سوشل ميڊيا تي توهين آميز پوسٽن تي ڪيس داخل

عطا چانڊيو جي درخواست تي ماڊل ٿاڻي بدين تي ڪيس داخل ڪيو ويو پر ڪا به گرفتاري نه ٿي

جوابدارن خلاف پيڪا ايڪٽ تحت نيشنل سائبر سيڪيورٽي ايجنسي ۾ پڻ ڪيس داخل ڪيو

بدين (ڊ ر) بدين جي ٽاليواري واري صحافي بدين پريس ڪلب جي سينئر ميمبر واپاري ۽ سماجي اڳواڻ عطا چانڊيو خلاف سوشل ميڊيا تي جعلي آئي ڊيز ذريعي توهين آميز پوسٽن تي توهين آميز ڪمينٽس ڏيڻ خلاف سندس درخواست بعد پاڻ کي صحافي سڏائيندڙن خلاف ماڊل ٿاڻي بدين تي صحافي عطا چانڊيو جي فرياد تي گناهه 176/2026 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو پر پوليس ڪنهن به جوابدار کي گرفتار ڪري نه سگهي آهي ان ڏس ۾ سينئر صحافي عطا چانڊيو جو چوڻ آهي ته سوشل ميڊيا ۽ اخبار ۾ منشيات فروشن خلاف پوسٽون ۽ خبرون لکڻ بعد مختلف جعلي فيس بڪ آئي ڊيز تان مواد شيئر بعد جوابدار هن خلاف توهين آميز ڪمينٽس ڏيئي رهيا آهن هن جو وڌيڪ چوڻ آهي جوابدارن خلاف پيڪا ايڪٽ تحت نيشنل سائبر سيڪيورٽي ايجنسي ۾ پڻ ڪيس داخل ڪرايو ويندو

قاضي احمد ۾ ڳوٺاڻن جو پرائمري اسڪول ۾ پڙهائيندڙ استاد خلاف احتجاج

ڳوٺ ۾ مقرر استاد ٻارن کي پڙهائڻ بدران اسڪول ۾ لڏو ۽ پتا راند رهي ٿو: مظاهرين

احتجاج ۽ ڌانهن تي موٽمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

قاضي احمد(ن ع) قاضي احمد لڳ ڳوٺ نواب خان چانڊيو جي رهواسين ڳوٺ جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ مبينا ٻارن کي نه پڙهائيندڙ استاد خلاف احتجاج ڪيو ۽ ان موقعي تي عمران چانڊيو ڪالو فقير چانڊيو ۽ ٻين ڌانهيندي الزام هڻندي چيو ته اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ مقرر استاد قادر بخش چانڊيو جيڪو ٻارن کي پڙهائڻ بدران اسڪول ۾ لڏو ۽ پتا راند ڪندو رهي ٿو هنن چيو ته 2 ڏينهن اڳ اسان استاد خلاف احتجاج ڪيو جنهن تي استاد مچرجي پيو آهي ۽ مختلف طريقن سان موٽمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هنن چيو ته استاد هڪ ڏينهن اسڪول اچي ٿو ته مهينو نه اچي اسان جي معصوم ٻارن جي تعليم تباهه ٿي وئي آهي هنن چيو ته استاد اسان جي ذاتي مسئلن ۾ اچي ڪري جهيڙو ڪرائڻ چاهي ٿو جنهن کي هتان هٽايو وڃي هنن چيو ته مذڪوره استاد اسڪول

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ قاضي احمد جي ڳوٺاڻي جو چاچن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

نوابشاهه(س ر)تعلقه قاضي احمد جي ڳوٺ فوليل جي رهواسي محمد قاسم آرائين نوابشاهه پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان دوران هن الزام هنيو ته سندس چاچا محمد يونس آرائين ۽ محمد يوسف سندس پنج ايڪڙ زرعي زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن محمد قاسم آرائين چيو ته "ڪجهه ڏينهن اڳ، اسان جا چاچا محمد يونس ۽ محمد يوسف اسان جي گهر ۾

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٻارن ۾ منڪي پوڪس پکڙجڻ جو وزيراعظم پاران نوٽيس، اسلام آباد مان ٽيم خيرپور پهتي

ٽيم ڊاڪٽر آصف سيد، ڊاڪٽر سعيد خان، ڊاڪٽر عزيز الله ۽ ٻين آئيسوليشن وارڊ ۾ داخل مريض ٻارن جو جائزو ورتو

اسپتال جي ايم ايس ۽ ٻين ڊاڪٽرن سان گڏ منڪي پوڪس جي روڪٿام بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي: ٽيم

جيڪا به صورتحال ڏٺي ۽ بيماري پکڙجڻ جا سبب ٻڌا، انهن تي تفصيلي رپورٽ تيار ڪري وزيراعظم کي پيش ڪنداسين

خيرپور(ڊ ر)وزيراعظم پاران ٻارن ۾ منڪي پوڪس پکڙجڻ جو نوٽيس وٺڻ بعد اسلام آباد مان ڊاڪٽرن جي ٽيم خيرپور پهچي وئي. ڊاڪٽرن جي ٽيم اسپتال ۾ داخل بيمار ٻارن جو معائنو ڪيو ۽ بيماري بابت

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: فنڪشنل ليگ جو سيڪريٽري سردار رحيم ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سجاول پوليس پاران ٽن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سجاول (ڊ ر) سجاول ضلع پوليس پاران سماجي برائين خلاف ڪارروايون گٽڪو ۽ آڪڙا پرچي/سٽي بازي خلاف ڪارروايون 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو 38 ڪلوگرام گٽڪو ميٽيريل 2400 تيار ٿيل گٽڪا، 35 بنڊيون آڪڙا پرچي، هڪ ڪان ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ ڪيس داخل پوليس ترجمان موجب ايس ايڇ او سجاول پوليس اسٽاف سان گڏ ڪارروائي ڪندي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

جامشوري ۾ پوليو مهم جو افتتاح، ٻارڙن کي ڦڙا پيارايا ويا

پوليو خطرناڪ مرض آهي، جنهن جي خاتمي لاءِ اجتماعي ڪوششن جي ضرورت آهي: ڊي سي

ٽيمون هر علائقي ۾ پهچي ٻارن کي پوليو جي ڦڙن سان گڏ وٽامن اي جا ڪيپسول به پيارينديون

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري 13 اپريل کان شروع ٿيندڙ قومي پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ دربار هال جامشورو ۾ اهم اجلاس جي صدارت ڪندي، ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارائي مهم جو باقاعده افتتاح ڪري ڇڏيو اجلاس دوران ڊپٽي ڪمشنر صحت کاتي سميت لاڳاپيل آدارن جي عملدارن کي هدايتون جاري ڪيون ته مهم دوران ضلعي جي پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن سمورن ٻارن کي گهر گهر وڃي پوليو جا ڦڙا پيارايا وڃن ۽ ڪنهن به ٻار کي رهجي وڃڻ نه ڏنو وڃي. هن چيو ته پوليو هڪ خطرناڪ ۽ موذي مرض آهي جنهن جي خاتمي لاءِ اجتماعي ڪوششن جي ضرورت آهي. والدين کي به گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن کي لازمي طور پوليو جا ڦڙا پيارارين ته جيئن ڪين هن موذي بيماري کان محفوظ بڻائي سگهجي هن وڌيڪ چيو ته هو پاڻ به مهم دوران فيلڊ جا دورا ڪري انتظامن جو جائزو وٺندو. ان موقعي تي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ پوڙهيت جو چوري ٿيل رڪشا جي واپسي لاءِ احتجاجي مظاهرو

خيرپور(ڊ ر) روهڙي پرسان بيڙيءَ چوڪ جي رهواسي پوڙهيت غلام سرور چنو خيرپور ۾ فيمليءَ سان گڏجي ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ 2 نامعلوم جوابدارن منهنجي رڪشا روهڙي کان خيرپور ڪرائي تي ڪرائي مون کي اي سيڪشن خيرپور جي حد ڪناره هوٽل ويجهو نشو ڏئي بيهوش ڪري رڪشا چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن ،واقعي جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

جامشوري ۾ امن امان جي بهتر صورتحال جي لاءِ شاهين فورس جو قيام

هي فورس پنهنجي جديد طرز سان علائقي ۾ گشت ڪندي رهندي: ايس ايس پي

شاهين فورس جو جامشورو ۽ سيوهڻ شهر جي لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق چانگا پاران جامشورو ضلعي اندر وڌيڪ امن امان جي بهتر صورتحال جي لاءِ نوجوان پوليس تي مشتمل شاهين فورس جو قيام رکي ڇڏيو جنهن جي ڪمان نوجوان پوليس آفيسر اي ايس آءِ ابرار ناريجو کي ڏني وئي شاهين فورس جو جامشورو ۽ سيوهڻ شهر جي لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندي ايس ايس پي جامشورو جو چوڻ آهي ته شاهين فورس جو قيام شهرين جي فوري مدد گناهن جي روڪٿام ۽ هنگامي صورتحال ۾ پهچڻ فورس لاءِ هڪ اهم قدم آهي هي فورس پنهنجي جديد طرز سان علائقي ۾ گشت ڪندي رهندي ۽ امن امان جي صورتحال تي ڪنٽرول ڪندي. ايس ايس پي جامشورو جي هن قدم تي سڄاڻ ڌرين پاران بهترين قدم قرار ڏنو ويو آهي ان عمل تي اسان به ساٿ ڏيڻ تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهيون .

خيرپور ۾ ڳوٺاڻي جو گهرواري سان گڏجي بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ جان محمد جاتوئي واسين پوڙهيت ڪاظم علي جاتوئي سندس گهر واري زاهده خاتون جاتوئي سان ملي پنهنجي رشتيدارن بااثرن خلاف احتجاج ڪيو پوڙهيتن ڌانهيندي ٻڌايو ته 4 سالن کان وٺي بااثرن جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي اڄ ويچ جو مين رستو بند ڪري اسان کي تڪليفن ۾ وجهي ڇڏيو آهي،رستو نه

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: زخمي نوجوان اسپتال ۾ داخل آهي

ٽنڊومحمدخان ۾ پوليس جي ملاح برادري جي گهرن تي چڙهائي خلاف احتجاج

پليدار مزدور يونين پاران مظاهرو ڪري پريس ڪلب اڳيان نعريبازي ڪئي وئي

چڙهائي ڪري ٻارن ۽ عورتن تي تشدد ڪيو ويو، هڪ پيرسن به فوت ٿي ويو:مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ملاح برادري جي گهرن تي پوليس جي چڙهائي ، پيرسن جي فوتگي واري واقعي خلاف پليدار يونين ، پ پ سٽي جي طرفان احتجاجي جلوس ، مظاهرو، خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر جي شوڪت ڪالوني ۾ ملاح برادري جي گهرن تي پوليس جي مبينا ڪيل چڙهائي دوران 60 سالا پيرسن خدابخش ملاح جي فوتگي ، عورتن مردن ۽ معصوم ٻارن تي تشدد جي واقعي خلاف پليدار مزدور يونين پ پ سٽي جي طرفان پ پ سٽي جي صدر معشوق پٽي ، جنرل سيڪريٽري جمن ڪيهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ، احتجاج ۾ شامل اڳواڻن الزام لڳايو ته پوليس ملاح برادري جي گهرن تي بنا ڪنهن جواز وڏن ائالن سان چڙهائي ڪري گهرن جي اندر عورتن مردن ۽ ٻارن تي تشدد ڪيو، جنهن دوران 60 سالا پيرسن خدابخش ملاح پوليس جي تشدد ۾ فوت ٿي ويو، جنهن

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

نوري آباد جي رهواسي پوڙهيت پاران ٻڪريون چورائيندڙن خلاف احتجاج

ڪوٽڙي (ن ع) نوري آباد جي رهواسي غلام حسين ٽالپي پوڙهيت پنهنجي پٽ ذالاٽ ۽ ننهن سميت پريس ڪلب ڪوٽڙي پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي ته با اثر ماڻهو سندس چار ٻڪريون زبردستي چوري ڪري ويا انهن چورن علي مراد ۽ سندس ساٿين خلاف ڌانهن تي با اثر ماڻهن وچ ۾ پئي ڇهه ٻڪريون واپس ڏيارڻ جو واعدو ڪيو پر ٻڪريون نه ملڻ تي ايس ايس پي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ہم ایران، امریکہ جنگ میں پاکستان کی ثالثی کی کوششوں اور
فیلڈ مارشل سید عاصم منیر
پیش کرتے ہیں

حيدرآباد: آٽوپارٽس دڪاندار پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي رهيا آهن

جيڪب آباد ۾ آل ڪلرڪس ايسوسيئيشن جو ٽريزري آفيس عملي خلاف احتجاج

مظاهرين ٽريزري آفيس گيٽ اڳيان ڌرڻو هڻي ڪرپشن خلاف سخت نعريبازي ڪئي

جائز ڪم لاءِ ايندڙ ملازمن کي ٽريزري عملدار پوليس جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن:مظاهرين

جيڪب آباد (ڊ ر) آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن پاران ٽريزري آفيس جي عملدارن جي مبينه ڪرپشن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ٽريزري آفيس جي گيٽ ٻاهران ڌرڻو هنيو ويو، مظاهرين ٽريزري عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اپڪا اڳواڻ عمران علي جکراڻي، آفتاب بروهي، ملوڪ بنگلاڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ٽريزري آفيس جيڪب آباد ۾ ويٺل ڪرپٽ مافيا ملازمن جا جائز ڪم ڪرڻ بدران پنهنجي ايجنٽن کي نوازي رهيا آهن هنن چيو ته ٽريزري جا آڊيٽر پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ مختلف کاتن جي عملدارن جي جائز ڪمن کي سڌي رستي ڪرڻ بدران پنهنجي مقرر ڪيل ايجنٽن ذريعي رشوت وٺي ڪن ٿا جيڪا زيادتي آهي هنن چيو ته جائز ڪم لاءِ ايندڙ ملازمن کي ٽريزري آفيس جا ڪرپٽ عملدار پوليس جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن اسين کين ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته پوليس صرف اسان لاءِ نه پر اوهان لاءِ به موجود آهي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان جي ملازمن جا جائز ڪم نه ڪيا ويا ته سخت احتجاج مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻنداسين

جيڪب آباد پوليس ڪارروائي، هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جيڪب آباد (ڊ ر) ايس ايس پي جيڪب آباد فيضان علي آرائين جون سخت هدايتون جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي پوليس پاران شمبي شاهه پوليس چيڪ پوسٽ پرسان مبينه پوليس مقابلي بعد هڪ ڌوهاري مولا بخش پٽ علي ڏنو جکراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پوليس گرفتار زخمي جوابدار کي ڪٺائي سول اسپتال

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ ناري بورڊ جي امتحان ۾ پيپر حل ڪري رهي آهي

بدين ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، همراهه کان موبائل ڦر

بدين (ڊ ر) بدين شهر ۾ چورين ۽ ڦرن جي واقعن ۾ واڌ ٿيڻ لڳي آهي جنهن سبب شهري سخت پريشاني جو شڪار بڻجي ويا آهن ڪيڏڻ شهر جي رهواسي ولي محمد چانڊيو ڪنهن ڪم سانگي بدين شهر آيو هو ته ڪيس قاضيا واهه پل وٽ فون ڪال آئي جنهن دوران هو ڳالهائيندي بيٺو هو ان دوران ٻن هٿيارٻندن ڦورو ڏينهن ڏئي جو موٽر سائيڪل تي اچي ڪيس هٿيارن جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

بهاولپور: هڪ لوهار پنهنجي دڪان تي ڪم ڪري رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.